ڪندو آهي تہ ان کي صالح وزير عطا ڪندو آهي. پوءِ جڏهن ڪا ڳالهہ وسرندي اٿس تہ وزير ان کي ياد ڏيارينڊو آهي ۽ جيڪڏهن ان کي ياد هوندي آهي تہ ان ۾ سندس مدد ڪندو آهي.]

اهڙي طرح، وزير کي محترم، مڪرم ۽ معتبر ميڙ گهرجي. ان جي حڪم کي لاڳو ڪرڻ گهرجي. پر انهيءَ جي باري ۾ بہ خبرداري رکڻ گهرجي ۽ سندس ماتحتيءَ ۾ جيڪي ملازم هجن. انهن جي بہ نگراني ڪرڻ گهرجي، تہ جيئن ڪنهن کي آزار نہ ڏين، ڪنهن جي بي حرمتي نہ ڪن، ڪنهن کي ناجائز تڪليف نہ ڏين. جيڪو عملدار خزاني ۾ هڪ درهم ناجائز داخل ڪري، ان تي چار درهم چٽي وجهجي. اهڙي شخص کي پنهنجو دوست سمجهڻ نہ گهرجي، بلڪ ان کي تنبيه ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن بادشاه ٻين جي مال ملڪيت ۾ اکيون وجهندو تہ ان جي خزاني ۾ نقصان کان سواءِ ڪا پلائي ۽ برڪت نہ پوندي. ظالم بادشاه جي حڪومت ۽ دولت جلد تباه ٿيندي اهو دنيا ۽ آخرت ۾ عذاب ۽ تشدد پوڳيندو. بادشاه نہ گهٽي سخاوت ڪري ۽ نہ حد کان وڌيڪ بخيلي ڪري، اهي ڳالهيون ان جي هيبت ۽ دٻدٻي جي خلاف آهن. ائين ڪرڻ سان ماڻهن جي دلين مان بادشاه جو رعب ۽ وقار ختم ٿي ويندو. گهٽي فضول خرچي بہ نہ ڪري، ڇاڪاڻ تہ قرآن مجيد ۾ آهي تہ:

إِنَّهُۥ لَا يُحِبُّ ٱلْمُسْرِفِينَ ﴿١٤١﴾ (1)

[بيشڪ الله فضول خرچي ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري.]

نہ وري خزاني تي ايڏو ضابطو رکي جو ماڻهن ۾ بخيل مشهور ٿئي، ڇاڪاڻ تہ اها انتهائي خراب صفت آهي، جنهن جو نتيجو دنيا ۽ آخرت ٻنهي جهانن ۾ غلط نڪري ٿو. باري تعالي ارشاد فرمائي ٿو:

وَلَا يَحْسَبَنَّ ٱلَّذِينَ يَبْخَلُونَ بِمَآ ءَاتَىٰهُمُ ٱللَّهُ مِن فَضْلِهِۦ هُوَ خَيْرًا لَّهُم ۖ بَلْ هُوَ شَرٌّ لَّهُمْ ۖ سَيُطَوَّقُونَ مَا بَخِلُوا۟ بِهِۦ يَوْمَ ٱلْقِيَٰمَةِ (2)

[الله کين پنهنجي فضل مان جيڪو مال عطا ڪيو آهي، ان ۾

(1) سورة الانعام آيت: ١٤١

(2) سورة آل عمران آيت: ١٨٠

www.maktabah.org

جيڪي بخيلي ڪن ٿا، اهي ائين نه پائين ته اها انهن لاءِ چڱي شيءِ آهي، بلڪ اها بخيلي انهن لاءِ بچڻي آهي. جنهن شيءِ سان بخيلي ڪن ٿا، اها سگهو ئي قيامت جي ڏينهن ڳٽ بڻائي سندن ڳچين ۾ وڌي ويندي.]

الله جي فضل يعني مال ۾ بخيلي ڪرڻ اهڙي حرڪت آهي، جنهن جي ذريعي عوام الناس جي هر دلعزيزي ۽ دنيا ۽ آخرت جي پلائي نصيب نه ٿيندي آهي، اهو مال قيامت جي ڏينهن حسرت، پشيماني ۽ دوزخ جي عذاب جو سبب ٿيندو. ڇاڪاڻ گهرجي ته امير، ڪبير، وزير، مشير، ۽ ارڪان، حڪومت ۽ سلطنت جا ٿنڀ آهن. ڪنهن بادشاه لاءِ ممڪن نه آهي ته دانشمند وزير جي راءِ ۽ مشوري کان بي نياز ۽ بي پرواه رهي سگهي. تانجو نبي سڳورا به پنهنجي ڪمال ۽ فضيلتن جي باوجود وزيرن مشيرن جي ضرورت محسوس ڪندا هئا. جيئن قرآن مجيد ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام جي دعا نقل ڪئي وئي آهي ته:

وَاجْعَلْ لِّيْ وَزِيْرًا مِّنْ اَهْلِيْ ﴿٢٩﴾ هٰرُوْنَ اَخِيْ ﴿٣٠﴾ اشْدُدْ بِهٖٓ اَزْرِيْ ﴿٣١﴾ (1)

[۽ منهنجي لاءِ منهنجي اهل مان هڪ وزير بناءِ، يعني منهنجي ڀاءُ هارون کي، ڪيس منهنجو ٻانهن ٻيلي بناءِ.]

نبي ﷺ جن جي حديث مبارڪ آهي ته:

لِيْ وَزِيْرَانِ مِنْ اَهْلِ السَّمَآءِ وَوَزِيْرَانِ مِنْ اَهْلِ الْاَرْضِ فَاَمَّا وَزِيْرَايَ مِنْ اَهْلِ السَّمَآءِ فَجِبْرِيْلُ وَمِيْكَائِيْلُ وَاَمَّا وَزِيْرَايَ مِنْ اَهْلِ الْاَرْضِ فَاَبُوْبَكْرٍ وَعُمَرُ (2)

[بيشڪ منهنجا ٻه وزير آسمان ۾ ۽ ٻه وزير زمين ۾ آهن. آسمان ۾ منهنجا ٻه وزير جبرئيل ۽ ميڪائيل ۽ زمين ۾ منهنجا ٻه وزير ابوبڪر ۽ عمر آهن.]

---

(1) سوره طه آيت: ٢٩-٣٠-٣١

(2) حديث جي درستي لاءِ ڏسو: الكامل في ضعفاء الرجال ص ٤٥٤ ج ٣، ترمذي ص ٦١٦ ج ٥، تهذيب الاسماء ص ٤٧٨ ج ٢، فضائل الصحابة لابن حنبل ص ١٣٤ ج ١، تحفة الاحوذي ص ١١٤ ج ١٠.

www.maktabah.org

جڏهن وزير ڪامل، عادل، محترم، دوست، عقيدتمند، ديندار ۽ دانشمند نه هوندو ته ملڪ کي رعب ۽ دٻدٻو حاصل نه ٿيندو. سلطنت جو مثال تنبو وانگر آهي، وزير ان جو پايو آهي، حڪومت جا نمائندا ۽ عملدار وزير ڪبير ان جون رسيون ۽ ڪيل ڪوڪا آهن. جيڪڏهن هڪ به ڪيل ڪوڪي، ۽ تنبوءَ جي رسيءَ ۾ رخنو هوندو ته تنبوءَ ۾ خلل ۽ خرابي واقع ٿيندي، ۽ پايي يا لڪڙي ۾ خرابي ۽ خلل آيو ته پورو تنبو خراب ٿي پوندو. بادشاه جو هڪ به اهلڪار ۽ عملدار ظلم ۽ جفا ڪندو ته جڙ تنبوءَ ۾ خرابي اچي ويئي. وزير ظلم ڪندو ته خيمي جو لڪڙو ڪري پوندو. سيني کي معلوم آهي ته تنبو لڪڙي، رسي ۽ ڪيل ڪوڪي کان سواءِ قائم نه رهندو آهي، بلڪ ان صورت ۾ اهو ڪري پوندو آهي. غرض ته جيڪڏهن بادشاه جا ملازم يا پيا ظلم ۽ تعدي ڪن ته مٿس فرض آهي ته مظلوم جي دادرسي ڪري ۽ ظالم کي قانون جي ڪوڙڪيءَ ۾ قابو ڪري ته جيئن ملڪ ۾ فتنو ۽ فساد منهن نه ڪڍي.

بيت

اگر تو مي ندهي داد، روزي هست ڪه از يادآرد خواهي رهانيد

[جيڪڏهن تون اڄ عدل نه ڪندين ته هڪ ڏينهن عدل ۽ انصاف جو آهي، تڏهن ياد ڪندين ته ڪاش! دنيا ۾ انصاف ڪريان ها.]

جيڪڏهن بادشاه ٿورو به ظلم ڪندو ته ان جو نالو ظالمن جي دفتر ۾ لکيو ويندو. سياڻي قيامت جي ڏينهن سيني ظالمن کي زنجيرن ۾ پکڙي ۽ جڪڙي جهنم جي تري ۾ ڌڪيو ويندو ۽ دنيا ۾ ان جي سلطنت ناس ٿي ويندي. داناءُ اهو آهي، جيڪو پاڻيءَ جي مٿي تان وهڻ کان اڳ پنهنجو بچاءُ ڪري ۽ ظالمن کي اهڙي تنبيه ڪري جو مملڪت مان سمورو ظلم ۽ جبر ختم ٿي وڃي، ته جيئن سموري خدا جي سموري خلق، سندس عدل ۽ ڪرم جي ڇانوَ هيٺ خوش گذاري ۽ بادشاه ۽ سندس سلطنت کي دعائن ۾ ياد رکي. ڇاڪاڻ ته حديث ۾ آهي ته:

اَلْمُلْكُ يَبْقٰى مَعَ الْكُفْرِ وَلَا يَبْقٰى مَعَ الظُّلْمِ (1)

---

(1) ڪافي تحقيق جي باوجود اها حديث، ڪتابن ۾ نٿي ملي، گهٽو ڪري ڪنهن جو قول آهي ۽ سچو قول آهي.

www.maktabah.org

[بادشاهي ڪفر سان قائم رهي ٿي، ظلم سان قائم نٿي رهي.]

چاڪاڻ ته ٻنهي جهانن جي خرابي ظلم جي ڪري آهي، جنهن شخص جو ظلم، تحقيق مطابق ثابت ٿي چڪو هجي بادشاه تي فرض آهي ته ان شخص تي قانون لاڳو ڪري ۽ ان تي ڪنهن قسم جو رحم نه ڪري، چو ته ظالمن تي رحم ڪرڻ، مظلومن تي ظلم ڪرڻ، جي برابر آهي. بلڪ ظالم کي ظلم کان ٻه وڌيڪ سزا ڏجي. جيتوڻيڪ ڪنهن ٻه مذهب ۽ ملت ۾ اها تعليم نه آهي. پر ماٺهن کي عبرت ڏيارڻ لاءِ ڪيس عبرتناڪ سزا ڏجي، ته جيئن سماج مان ظلم ۽ فساد جو خاتمو ٿئي. ملڪ ۽ قوم، ظالمن ۽ فسادين جي شر ۽ فساد کان محفوظ رهي. جيڪڏهن فوج يا ٻين آفيسرن مان، ڪو ڪنهن جي توهين ڪري، يا ان کي تعصب ۽ تشدد جو نشان بڻائي يا بادشاه وٽ ڪنهن جي جائز ناجائز شڪايت آڻي ته تحمل کان ڪم وٺي پهريائين تحقيقات ڪري. ڏوهيءَ جو ڏوهه ثابت ٿئي ته پوءِ شڪايت ڪندڙ کي شاباس ۽ ڏوهه ڪندڙ کي جوڳي سزا ڏجي، جيئن ٻين کي تنبيه ٿئي. الزام ثابت نه ٿئي ته بهتان بازي ڪندڙ کي سبق سيکارجي ته جيئن آئنده ڪنهن کي ذاتي مقصد يا ذاتي مفادن خاطر ڪوڙ هٽڻ ۽ بهتان گهڙڻ جي جرئت نه ٿئي. الله تعالي فرمائي ٿو:

يَاأَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا إِنْ جَاءَكُمْ فَاسِقٌ بِنَبَإٍ فَتَبَيَّنُوا أَنْ تُصِيبُوا قَوْمًا بِجَهَالَةٍ[1]

[اي ايمان وارو! جيڪڏهن توهان وٽ ڪو فاسق خبر آڻي ته پهريائين تحقيق ڪندا ڪريو. متان ڪنهن قوم کي اڻ ڄاڻائيءَ ۾ نقصان پهچايو.]

رسول الله ﷺ جن جو فرمان آهي:

اَلْمُلْكُ بِالْمُلْكِ وَالْمُلْكُ بِالْجُنُوْدِ وَالْجُنُوْدُ بِالرَّعِيَّةِ وَالرَّعِيَّةُ بِالرَّفَاهِيَةِ

[ملڪ بادشاه سان ۽ بادشاه لشڪر سان، لشڪر رعيت سان ۽ رعيت پلائي ۽ عدل و انصاف سان آهي.]

---

(1) سورة الحجرات آيت: ٦

www.maktabah.org

بس، بادشاه کي گهرجي ته سرڪاري عملدارن کي تنبيه ڪري ته خبردار! ماڻهن تي هرگز ذري جيترو به ظلم نه ڪريو. ته جيئن رعيت خوش رهي. پڙ فرمايو ويو آهي ته:

اَلْمُلْكُ بِالرِّجَالِ وَالرِّجَالُ بِالْمَالِ وَالْمَالُ بِالرَّعِيَّةِ وَالرَّعِيَّةُ بِالْعَدْلِ

[ملڪ ماڻهن سان، ماڻهو مال سان، مال رعيت سان ۽ رعيت عدل سان آهي.]

اي منهنجا عزيز! هرشخص پنهنجي جاءِ تي بادشاه آهي. گهر جو مالڪ پنهنجي اهل وعيال تي، عورت گهر وارن تي۽ بادشاه ملڪ ۽ قوم تي نگران آهي. جيئن صحيح حديث ۾ آهي:

كُلُّكُمْ رَاعٍ وَكُلُّكُمْ مَسْئُوْلٌ عَنْ رَعِيَّتِهِ (1)

[توهان مان هر هڪ نگران آهي ۽ هر هڪ کان ان جي رعيت جي باري ۾ پڇاڙو ٿيندو.]

ان ڪري بادشاه کي گهرجي ته رعيت سان انصاف ڪري. گهر جو مالڪ پنهنجي اهل وعيال۽ پنهنجي نفس سان به انصاف ڪري. يعني نفس کي ڏينهن رات الله تعالي جي ٻانهپ ۽ ذڪر تي قائم رکي. پاڻ کي ۽ پڙ پنهنجي گهر وارن کي انهن ڪمن کان روڪي جن جي شريعت ۾ منع آهي ۽لائيءَ جو حڪم ڪري ۽ برائي کان روڪي. اهو حڪم عام آهي:

وَمَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ (2)

[توهان جنهن جا مالڪ آهيو ان جي باري ۾ جوابده آهيو.]

هٿ ۽ زبان سان ڪنهن کي ايذاءُ نه ڏيو ته جيئن انصاف ڪندڙن جي جماعت ۾ شامل ٿيو ۽ قيامت جي ڏينهن نجات لهو.

پڪ ڄاڙو ته دنيا ۽ دنيا وارن جو دارومدار پيغمبر پاڪ جي ميراث

---

(1) بخاري حديث: ٢٢٧٨ ص ٨٤٨ ج ٢، مسلم حديث: ١٨٢٩ ص ١٤٥٩ ج ٣، قرطبي ٢٢٥٨ ج ٥، ترمذي حديث: ١٧٠٥ ص ٢٠٨ ج ٤، مجمع الزوائد ص ٢٠٧ ج ٥، بيهقي ص ٢٩١ ج ٧، ابوداؤد ص ١١٣٩ ج ٣.

(2) سورة النور آيت:٣٣

www.maktabah.org

تي آهي. ۽ پاڻ سڳورن جي ميراث تي شيون آهن: ۱- علم ۲- فقر ۳- تلوار هر هڪ جي وضاحت ڪجي ٿي: ۱- بادشاه جو فرض آهي ته تلوار ان وقت ۽ ان جاءِ تي هلائي جتي حڪم آهي. ذاتي مقصد، شخصي اقتدار لاءِ تلوار هلائيندو ته ان جي عدالت ۽ انصاف پسنديءَ ۾ شڪ آهي. ۲- ساڳيءَ ريت جيڪڏهن ڪو فقير ۽ درويش پيغمبرن سڳورن، اصحابن ڪريمن ۽ مشائخ جون عادتون پنهنجي اندر پيدا نٿو ڪري ته اهو فقير نه آهي ۽ انهن ماٺهن ۾ شامل نه ٿيندو جن جي باري ۾ فرمايو ويو آهي ته:

لَوْلَا الصَّالِحُوْنَ لَهَلَكَ الطَّالِحُوْنَ

[جيڪڏهن صالح نه هجن ته هوند غير صالح هلاڪ ٿي وڃن.]

۳- ٽيون گروهه عالمن، مفتين ۽ قاضين جو آهي. جن جو شان آهي ته:

وَالَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ دَرَجَاتٍ[1]

[الله تعالي انهن جا درجا بلند ڪندو جن کي علم عطا فرمايو ويو آهي.]

نبي ﷺ جن جو فرمان آهي:

اَلْعُلَمَآءُ وَرَثَةُ الْاَنْبِيَآءِ[2]

[عالم نبين جا وارث آهن.]

قرآن مجيد ۾ آهي ته:

اِنَّمَا يَخْشَى اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمٰٓؤُا[3]

[الله کان ان جا عالم ڊجن ٿا.]

ڄاڻڻ گهرجي ته علم الله تعالي جي صفت آهي. يعني وڏا درجا ماڻي سگهجن ٿا. شرط آهي ته علم تي عمل ڪري ۽ دل ۾ خدا جو خوف

---

(1) سورة المجادلة آيت: ۱۱

(2) قرطبي ص ۲۹۵ ج ۸، ۸۱-۷۸ ج ۱۱، ابن ڪثير ص ۸۵۵ ج ۳، بخاري ص ۳۷ ج ۱ باب العلم، ابن حبان ص ۲۹۰ ج ۱، ترمذي ص ۴۸ ج ۵، مجمع الزوائد ص ۱۲۶ ج ۱، ابوداؤد ص ۳۱۷ ج ۳، ابن ماجه ص ۱۸ ج ۱، شعب الايمان ۲۶، ۳۶۲، ۲۱۳ ج ۲، فتح الباري ص ۷۱۲ ج ۱ وغيره.

(3) سوره فاطر آيت: ۲۸

www.maktabah.org

پيدا ٿئي. ڇاڪاڻ ته علم جو راز الله جو خوف ۽ خشيت آهي. الله تعالي وٽ عالم اهو ئي آهي، جيڪو خدا کان ڊڄي. جيئن الله تعالي جو فرمان مٿي گذريو ته الله کان دراصل ان جا عالم ٻانها ئي ڊڄندا آهن.

جيترو علم وڌيڪ هوندو اوترو ئي خدا جو خوف وڌيڪ هوندو.

قَالَ النَّبِيُّ ﷺ أَنَا أَعْلَمُكُمْ بِاللهِ وَأَخْشَاكُمْ بِاللهِ (1)

[نبي ﷺ جن فرمائين ٿا ته آءٌ، الله کي توهان ۾ سڀ کان وڌيڪ ڄاڻان ٿو ۽ اُن کان وڌيڪ ڊڄان ٿو.]

الله جي خوف جي علامت اها آهي ته پنهنجي علم تي عمل ڪري ۽ علم کي آخرت جا درجا حاصل ڪرڻ جو ذريعو بڻائي. مال ميڙڻ، مرتبو ماڻڻ، دنياوي مفاد اڳاڙن ۽ بهشت ۽ شهوانيت جا تقاضا پورا ڪرڻ جو ذريعو نه بڻائي. ائين ڪندو ته در اصل جاهل آهي، جيئن الله تعالي فرمائي ٿو:

مَثَلُ الَّذِينَ حُمِّلُوا التَّوْرٰىةَ ثُمَّ لَمْ يَحْمِلُوهَا كَمَثَلِ الْحِمَارِ يَحْمِلُ أَسْفَارًا (2)

[مثال انهن جو جن کي تورات کڻايو ويو. پوءِ ان کي نڀاڻ کڻن يعني ان تي عمل نڀاڻ ڪن، گڏهه جو مثال آهي، جيڪو بار ڊوئي ٿو.]

ڄاڻڻ گهرجي ته علم، نبين جي ميراث آهي:

وَإِنَّ الْأَنْبِيَاءَ لَمْ يُوَرِّثُوا دِينَارًا وَلَا دِرْهَمًا وَلٰكِنَّهُمْ وَرَّثُوا الْعِلْمَ فَمَنْ أَخَذَ بِهِ فَقَدْ أَخَذَ بِحَظٍّ وَافِرٍ (3)

---

(1) بخاري باب قول النبي ﷺ : انا اعلمكم بالله، قرطبي ص ٣٤٦ ج ١٦، ابن ڪثير ص ٢٢٤ ج ١، مسلم ص ٢٧٨١ ج ٢ حديث: ١١١، ابن حبان ص ٢٦٦، ٢٦٨، ٢٧٢ ج ٨، مجمع الزوائد ص ٣٠١ ج ٤، بيهقي ٢١٣ ج ٤، ابوداؤد ص ٣١٢ ج ٢، موطا مالڪ ص ٢٨٩ ج ١، احمد ص ٦٧، ١٥٦، ٢٢٦، ٢٤٥ ج ٦، فتح الباري ص ٥١٤ ج ١٠

(2) سورة فاطر آيت: ٢٨

(3) پوري حديث هن طرح آهي: ان العلماءَ هم ورثة الانبياءِ..... (بيشڪ علماءَ ئي نبين جا وارث آهن.....) مسلم ص ٣٧ ج١، ترمذي ٤٨ ج ٥، ابوداؤد ص ٣١٧ ج ٣، دارمي ١١٠ ج ١، ابن ڪثير ص ٥٥٨ ج ٣، صحيح ابن حبان ص ٢٩٠ ج ١، سنن ابن ماجه ص ٨١ ج١، مسند احمد ١٩٦ ج ٥، شعب الايمان ص ٢٦٣ ج ٢.

www.maktabah.org

[نبي سڳورا ورثي ۾ دينار ۽ درهم يعني مال دولت نہ ڇڏيندا آهن پر اهي علم ڇڏيندا آهن. پوءِ جنهن ان مان ڪجهه حصو ورتو بيشڪ انهيءَ وڏو ياڳو پرايو.]

يعني نبي سڳورا ورثي ۾ ظاهري ۽ باطني علم ڇڏي ويندا آهن. ظاهري علم اهو آهي، جيڪو اصحابن سڳورن ڪائنئ سندن قول ۽ فعل وسيلي ورتو. انهن کان بعد تابعين، تبع تابعين ۽ بعد ۾ ايندڙ سلف صالحين انهن کان سکيو ۽ پوين کي سيکاريو ۽ انهن تي عمل ڪيو. يعني قرآن، حديث، تفسير، فقه، ۽ ٻيا جيڪي انهن جا ماتحت علم آهن. باطني علم اهو آهي، جيڪو جبريل عليه السلام جي واسطي کان سواءِ

لِكُلِّ وَقْتٍ مَعَ اللّٰهِ وَقْتٌ (1)

[منهنجو الله سان هڪ وقت مقرر آهي.]

واري اصول هيٺ حاصل ٿيندو آهي. انهيءَ علم جي نہ تحصيل ٿيندي آهي ۽ نہ تڪميل، ڇاڪاڻ تہ نبي سڳورا ۽ خاص اولياءَ ڪرام اهو علم واسطي کان سواءِ وٺندا آهن.

ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيهِ مَنْ يَّشَآءُ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيمِ ﴿٢١﴾ (2)

[اهو الله جو فضل آهي، جنهن کي چاهي ٿو. عطا فرمائي ٿو.]

مثنوي

١- هركه ورزد عدل و احسان درجهان
عمر دولت بماند در امان

٢- عدل و احسان مايهء ايمان بُودَ
ازو ياد دولت سلطان بُودَ

٣- عدل و احسان امر يزدان بر شما است
گر كُنيد آن دو واجب بر شما است

---

(1) شرح سنن ابن ماجه ص ٣١٣ ج١، فيض القدير ص ٦ج٤، كشف الخفاء ص ٢٢٦ ج ٢، المصنوع ص ١٥١ ج ١.

(2) سورة الحديد آيت:٢١

www.maktabah.org

۴- شاه عادل را رعیت، لشکر است
درجهان سلطان عادل چون حور است
۵- سایه مهر خدا خویش کرد
آنکه سایه مهر بر درویش کرد
٦- شاه عادل درجهان ظل الله است
زانکه او خود عین لطف الله است
۷- دولتي سلطان عادل درجهان
روز افزون مي شود درهر زمان
۸- عدل ورزد شاه گر با خاص و عام
مي شود در هر دو عالم نیک نام
۹- گر بماند نام نیکیش درجهان
هست او کوي بعالم جاودان
۱۰- شاه ظالم را نشاید شاه گفت
این سخن باما دل آگاه گفت
۱۱-ظالم را دیده ام در هر جا
بي وفا و بي وقار و بي نوا
۱۲- درجهان سلطان ظالم چون بود
آن گه از ظلمش جهان پر خون بود

۱- نهي آمد بر سلاطین ظلم حیف
تان نـ رانند بر ضعیفان ضرب سیف
۲- سایه حق کي بود او گو ظالم است
هرکه عامل نیست کي وا عالم بود
۳- آنکه از ظلمش جهان گردد تباه
کي تواند بود او ظل الله
۴- آن خلیفه حق که برناحق بُود
دیو باشد، کَي خلیفه بُودَ؟

www.maktabah.org

۵- هركه در عالم جهان بدنام شُدَ
در هر دو عالم گويا گم نام باشَد
٦- كه بدي گم نام چه بهتر بدين
ازين همين بدناميش بهتر بُدين
۷- كه بود گم نام يا بدنام كس
سهل باشد سهل، الي اهل الهوس
۸- ليک افسوس آن كه ظالم را بُودَ
هم عذاب و لعنت حق تا ابد

۱- جيڪو به دنيا ۾ عدل ۽ احسان جي نظام کي لاڳو ڪندو تہ هن جي سلطنت جي مدت جي زندگي امن ۽ آسائش ۾ رهندي.

۲- عدل ۽ احسان، ايمان جو سرمايو هوندو آهي، اُن سان بادشاه جي سلطنت ۽ حڪومت ۾ واڌارو ايندو آهي.

۳- عدل ۽ احسان ڪرڻ جو حڪم، توهان تي الله تعالي جي طرفان آهي، جيڪڏهن انهيءَ حڪم تي عمل ڪندؤ تہ اهو توهان تي به واجب فرضن جي برابر آهي.

۴- عادل بادشاه جو لشڪر رعيت آهي، دنيا ۾ عادل بادشاه حور وانگر آهي.

۵- جنهن پاڻ تي درويش جي دوستي ۽ محبت جي ڇانو ڪئي، ان جڙ پاڻ تي خدا جي محبت جي ڇانو ڪئي.

٦- جهان ۾ عادل بادشاه الله جي ڇانو آهي، جو تہ اُهو خود، الله جي ذات جو واضح ۽ ڇٽو ڪرم آهي.

۷- عدل ڪندڙ (عادل) بادشاه جي سلطنت، هر دور ۾، ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندي آهي.

۸- جيڪڏهن بادشاه خاص ۽ عام سان برابر انصاف ڪندو تہ پنهي جهانن ۾ نيڪ نالي وارو ٿيندو.

۹- جيڪڏهن سندس نيڪ نالو جهان ۾ رهيو تہ پوءِ هو جهان جي ڪنڌ ڪڙ ۾ هميشہ قائم آهي.

www.maktabah.org

10_ظالم بادشاه کي "بادشاه" چوڻ نہ گهرجي اها ڳالهه اسان کي هڪ صاحب دل ٻڌائي.

١١-ظالم کي هر هنڌ بي وفا، بي عزت ۽ بي پهچ ڏٺم.

١٢- جڏهن بادشاه، دنيا ۾ ظلم ڪندو تہ سارو جهان رت ۾ پرجي ويندو.

١٣- بادشاهن کي ظلم ۽ جفا ڪرڻ جي منع ٿيل آهي، افسوس آهي جيڪر اُهي ضعيفن ۽ ڪمزورن تي تلوار جو وار نہ ڪن!

١٤- حق جو پاڇو اُن تي ڪيئن ٿيندو جو ظالم آهي، جيڪو پاڻ عمل ڪندڙ نہ آهي، اُهو عالم ڪيئن ٿيندو؟

١٥- اُهو جنهن جي ظلم سبب دنيا تباه ٿئي، اُهو الله جو پاڇو ڪيئن ٿيندو؟

١٦- حق جو خليفو جيڪو ناحق ڪري، سو شيطان آهي، اهو ڪيئن برحق خليفو ٿيندو؟

١٧-جيڪو دنيا ۾ بدنام ٿيو، جڙ تہ اهو ٻنهي جهانن ۾ گمنام ۽ ناڪام آهي.

١٨- ڇاڪاڻ تہ اها بدي جنهن ۾ گمنامي هجي، انهيءَ بديءَ کان ڇڳي آهي، جنهن جي ڪري بدناموسي ۽ بدنامي ۽ جو داغ لڳي.

١٩-ماڻهو گمنام يا بدنام ٿئي، هوس پرستن لاءِ اها ڳالهه وڌيڪ آسان آهي.

٢٠- پر افسوس اهو آهي تہ ظالمن لاءِ آخر تائين، حق تعاليٰ جي لعنت ۽ عذاب آهي.

اي منهنجا عزيز! متي جيڪي بيان ٿيو سو شرع شريف جي ظاهري تعليم مطابق آهي. باطني طريقي مطابق جهان ۾ واقعي ائين ئي واقع ٿئي ٿو تہ اهڙو شخص مغلوب ۽ مجبور هوندو آهي. بذات خود، اهو کا طاقت نہ رکندو آهي، سواءِ ان جي جو قادر مطلق پاڻ جيڪي چاهيندو آهي، سو ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ تہ نبي ﷺ جن فرمايو آهي تہ:

www.maktabah.org

إِنَّ قُلُوبَ بَنِي آدَمَ بَيْنَ إِصْبَعَيْنِ مِنْ أَصَابِعِ الرَّحْمٰنِ(1)

[بيشڪ ٻانهن جو دليون رحمن جي ٻن آڱرين جي وچ ۾ آهن.]

يعني شاه هجي يا گدا هر هڪ جي دل قادر ڪريم، قيوم جي هٿ ۾ آهي. پنهنجي قدرت جي ڪمال سان جيڪي چاهيندو آهي، سو ڪندو آهي. جيئن الله پاڻ فرمائي ٿو ته:

يَفْعَلُ اللّٰهُ مَا يُرِيْدُ ﴿۲۷﴾(1)

ٻئي هنڌ آهي ته:

إِنَّ اللّٰهَ يَحْكُمُ مَا يُرِيْدُ ﴿۱﴾(2)

[يعني الله جيڪي چاهي ٿو ڪري، سو ڪري ٿو ۽ جنهن ڳالهه جو ارادو ڪري ٿو سا ٿئي ٿي.]

فرض ڪريو ته ڪنهن تي ڪنهن جي هٿان ظلم ٿئي ٿو يا ڪو ڪنهن سان احسان ڪري ٿو ته پوءِ پڪ ڄاڻڻ گهرجي ته اهو پنهنجي پوڪي لٽي ٿو. الله تعالي فرمائي ٿو:

فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ ﴿۷﴾ وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ﴿۸﴾(3)

[پوءِ جيڪو ذري جيتري نيڪي ڪندو ته اها به ڏسندو ۽ جيڪو ذري جيتري برائي ڪندو ته اها به ڏسندو.]

هڪ حديث قدسي ۾ آهي، الله تعالي فرمائي ٿو:

عَنْ أَبِي الدَّرْدَاءِ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِنَّ اللّٰهَ يَقُوْلُ: أَنَا اللّٰهُ لَا إِلٰهَ إِلَّا أَنَا مَالِكُ الْمُلُوْكِ وَمَلِكُ الْمُلُوْكِ قُلُوْبُ الْمُلُوْكِ بِيَدِيْ وَإِنَّ

---

(1) تفسير ابن كثير ص ٢٩٩ ج ٢، مجمع الزوائد ص ٢٩٤ ج ٥، مصنف ابن ابي شيبة ص ٢٥ ج٦، جامع العلوم والحكم ص ٥٨ ج ١، علل ابن ابي حاتم ص ١١٧ ج ٢، كشف الخفاء ص ٥٢٧ ج ٢، عمل اليوم والليلة ص ٥٦٢ ج ١، المجمع الاوسط ص ٢٨٥ ج ٥.

(1) سورة الحج آيت: ١٤

(2) سورة المائده آيت: ١

(3) سورة الزلزال آيت: ٧-٨

www.maktabah.org

الْعِبَادَ إِذَا أَطَاعُونِي حَوَّلْتُ قُلُوبَ مُلُوكِهِمْ عَلَيْهِمْ بِالرَّأْفَةِ وَالرَّحْمَةِ وَإِنَّ الْعِبَادَ إِذَا عَصَوْنِي حَوَّلْتُ قُلُوبَهُمْ عَلَيْهِمْ بِالسَّخْطِ وَالنَّقْمَةِ فَسَامُوهُمْ سُوءَ الْعَذَابِ فَلَا تَشْغَلُوا أَنْفُسَكُمْ بِالدُّعَاءِ عَلَى الْمُلُوكِ وَلٰكِنِ اشْغَلُوا أَنْفُسَكُمْ بِالذِّكْرِ وَالتَّضَرُّعِ أَكْفِكُمْ مُلُوكَكُمْ (4)

[ابودرادءَ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ الله تعالي فرمائي ٿو تہ مون کان سواءِ کو بہ معبود نہ آهي. آءٌ بادشاهن جو مالک ءِ بادشاهن جو بادشاه آهيان. بادشاهن جون دليون منهنجي هٿ ۾ آهن ءِ بيشڪ جڏهن ٻانهو منهنجي تابعداري ڪندا آهن تہ سندن بادشاهن جي دلين کي انهن لاءِ نرم ڪندو آهيان ءِ جڏهن اهي منهنجي نافرماني ڪندا آهن تہ انهن جي دلين کي سندن لاءِ سخت ڪندو آهيان، پوءِ اهي انهن کي ڏکوئيندڙ عذاب پهچائيندا آهن، پوءِ بادشاهن کي بددعا نہ ڏيندا وتو پر پاڻ کي منهنجي ذڪر ءِ توبہ زاري ۾ مشغول رکو تہ توهان لاءِ توهان جي بادشاهن جي مقابلي ۾ ڪافي ٿيان.]

حديث ۾ آهي تہ:

فَلُومُوا أَنْفُسَكُمْ وَلَا تَلُومُوا أُمَرَاءَكُمْ

[پوءِ پاڻ کي ملامت ڪريو ءِ پنهنجن اميرن ءِ حاڪمن تي ملامت نہ ڪريو.]

يعني انهن کي گهٽ وڌ نہ ڳالهايو بلڪ الله وٽ توبہ ءِ استغفار ڪريو. چاڪاڻ تہ تقدير چگي هجي يا لگي، الله تعالي جي طرفان هوندي

---

(4) حديث درست ڪئي وئي ڏسو: مجمع الزوائد ص ٢٤٩ ج ٥، مصنف ابن ابي شيبه ص ٦٣- ٦٩ ج ٧، معجم الاوسط ص ٩ج٩، علل دارقطني ص ٢٠٥ ج ٦، فيض القدير ص ٤٧ ج ٥، حلية الاولياء ص ٣٨٨ ج ٢، ص ٢٠- ١٧٢ ج ٦، العلل المتناهية ص ٧٦٨ ج ٢، كتاب المجروحين ص ٧٦ ج ٣. انهيءَ مضمون جي قرآن مجيد ۾ هڪ آيت هيءَ آهي: واذ تاذن ربک ليبعثن عليهم الي يوم القيامة من يسومهم سوءَ العذاب، يعني ياد ڪريو جڏهن تنهنجي رب اعلان ڪيو تہ مٿن قيامت تائين اهڙا ماڻهو مسلط ڪندو رهندو جيڪي کين ڏکوئيندڙ عذاب ڏيندا رهندا. (سورة الاعراف آيت :١٦٧)

www.maktabah.org

آهي. اهو جيڪي ڪري ٿو سو صحيح ڪري ٿو. الله مختيار ڪل آهي، سڀ سنڊس قدرت ۾ آهي، جيئن حضرت هود عليه السلام پنهنجي قوم ۾ اعلان فرمايو هو:

وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ إِلَّا هُوَ آخِذٌ بِنَاصِيَتِهَا إِنَّ رَبِّي عَلَىٰ صِرَاطٍ مُّسْتَقِيمٍ ﴿٥٦﴾ (1)

[جيڪو به ساه وارو آهي، رب سائين ان جي پيشانيءَ کي پکڙ واروآهي. بيشڪ منهنجو رب سڌي واٽ تي آهي.]

پوءِ هر حالت ۾ خدا تعالي جي رضا ۾ مشيت تي صابر ۽ شاڪر رهڻ گهرجي. الله ڏانهن توبه ۾ توجه ڪجي، ته جيئن انسان هلاڪت جي تري ۾ نه ڪري. جيڪا شيءِ ٻانهي کان ڪسجي يا جنهن شيءِ ۾ اهو مجبور، مغلوب ۽ محڪوم هجي، پڪ سمجهو ته اهو ئي جليل، جبار احڪم الحاڪمين ذات پاڪ جو حڪم آهي. برائي هجي يا ڀلائي، ظلم هجي يا عدل ۽ رحم ڪرم، هر شيءِ ۾ الله تعالي جي صفتن جو اظهار آهي. جڏهن بادشاهن جو بادشاهه، باجهارو الله، احسان ڪرڻ چاهيندو آهي ته مخلوق به ڪهلَ، ڪرم ۽ رحم ڪندي آهي. جڏهن الله واحد، قهار ڪنهن تي قهر ۽ ڏمر ڪندو آهي ته مخلوق ان کي ظلم ۽ ڏاڍ جو شڪار ڪندي آهي. اهي سڀ مشيت جون تقاضائون آهن، ڇاڪاڻ ته بڏڻ ۽ ڏسڻ جون قوتون، هٿ، پير، دليون، جسم ۽ ٻيا سڀ عضوا سنڊس اختيار ۾ آهن، جيئن حديث ۾ آهي ته:

جِسْمُ الْإِنْسَانِ وَرُوحُهُ وَقَلْبُهُ وَسَمْعُهُ وَبَصَرُهُ وَلِسَانُهُ وَيَدُهُ وَرِجْلُهُ وَكُلُّ ذٰلِكَ مَا أَظْهَرْتُ إِلَّا لِنَفْسِي لَا هُوَ غَيْرِي إِلَّا أَنَا، وَلَا أَنَا غَيْرُهُ (1)

[انساني جسم، سنڊس نفس، روح ۽ دل، ڪن، اکيون، زبان، هٿ، پير ۽ جيڪي به سنڊس عضوا آهن، سيني کي رڳو پنهنجي لاءِ خلقيو اٿم. جيڪي ڪجهه آهي، آءٌ ئي آهيان، مون کان سواءِ ٻيو آهي ئي ڪونه.]

---

(1) سوره هود آيت: ٥٦

(1) حديث ثابت نه آهي.

www.maktabah.org

مثنوي

اگر شاه عدل وستم مي كند
بخود نمي كند آنچه او مي كند
خدا مي كناند، خدا مي كند
هر آنچه از شما وتو او مي كند
اگر عدل يا ظلم سلطان نمود
ز سلطان مبين آنكه سبحان نمود
يكي عدل كرد و دگر ظلم خواست
دل هر دو آن در تصرف خدا ست

[جيڪڏهن بادشاه عدل يا ظلم ڪري ٿو تہ جيڪي بہ ڪري ٿو، سو پاڻ نٿو ڪري، بلڪ اهو ڪري ٿو جيڪي الله ان کان ڪرائي ٿو. الله ڪرائي ٿو الله ڪرائي ٿو. جيڪي بہ توهان ۾ اسان ڪريون ٿا، سڀ الله ڪرائي ٿو، الله ڪري ٿو. بادشاه عدل ڪري يا ظلم، سو بادشاه جي طرفان نہ پاڻ، الله جي طرفان پاڻ، هڪڙو انصاف ڪري، ٻيو ظلم ۾ ڏاڍ ڪري تہ، انهن ٻنهي جون دليون، خدا تعالي جي تصرف ۾ مالڪي ۾ آهن.]

جيڪڏهن نياڳو ماڻهو بہ انصاف ڪري تہ پوءِ پڪ سمجهو تہ الله ڪريم فضل ڪرم ڪرڻ تي مائل آهي. غرض تہ پنهنجي وجود، پنهنجي ملڪ، پنهنجي شهر ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ جيڪي بہ ٿئي ٿو تنهن جي نسبت خدا تعالي ڏانهن سمجهہ. جيئن رب تعالي ارشاد فرمائي ٿو تہ:

إِذْ جَعَلَ فِيكُمْ أَنبِيَاءَ وَجَعَلَكُم مُّلُوكًا (1)

[جڏهن توهان ۾ نبي پيدا ڪيائين ۾ توهان کي بادشاهي ڏنائين.]

ان ڪري هر هڪ جو فرض آهي تہ زندگي ائين گذاري، جو سندس هٿ، سندن زبان ۾ سندس هلت مان ڪنهن کي بہ نقصان نہ رسي، پر پلارو ماڻهو ٿي زندگي گذاري، تان تہ عدل ۾ انصاف جي فضا قائم ٿئي. والله علم بالصواب

---

(1) سورة المائده آيت : ٢٠

www.maktabah.org

باب نائون

فتح بابت مرشد ۽ مريد

رباعي

غير وسيله چون نيست يافت بروز نيز
كي تواني بدگر يافت در لا مكان
پير ولايت بياب اول تا مر ترا
داعي وهادي شود جانب حق اي جوان
عزيز من! چون بي وسيله بمخلوق نمي توان رسيد
قرب وصل خالق را چون توان ديد

[يعني جڏهن وسيلي كان سواءِ ڏينهن جو بہ رستو لهي نڏو سگهين تہ پوءِ اونداهيءَ ۾ پنهنجي "لامكان" جو اتو پتو كيئن لهندين؟ اي جوان! پهريائين ولايت وارو مرشد لهہ جيكو حق جي راه ڏانهن تنهنجي رهنمائي كري. اي منهنجا عزيز! جڏهن وسيلي كان سواءِ مخلوق تائين پهچي نڏو سگهين تہ پوءِ خالق اكبر جو قرب ۽ وصال كيئن حاصل كندين؟]

پوءِ مخلص ماڻهوءَ تي فرض آهي تہ حق تعالي جي وصال لاءِ اهڙو مرشد تلاش كري جيكو ظاهر ۽ باطن ۾ نبي ﷺ جن جي طريقي جي پيروي كندڙ هجي. جيئن ارشاد آهي تہ:

قُلْ إِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّونَ اللَّهَ فَاتَّبِعُونِي يُحْبِبْكُمُ اللَّهُ (1)

[كين چؤ تہ جيكڏهن الله سان محبت كريو ٿا تہ پوءِ منهنجي تابعداري كريو. الله توهان سان محبت كندو.]

يعني الله كي چاهيو ٿا تہ سندس رسول ﷺ جي پيروي كريو ۽ پيغمبر پاڪ جي تعليم تي عمل كريو. ذكر الله جي ٻانهپ ۽ مجاهدو وغيره شيخ جي نگراني ۾ كري كمال جا درجا ماڻيو ۽ پنهنجي پير دستگير جي صورت كي سدائين سامهون ركو. پنهنجا سڀ كم ۽ سڀ

(1) سوره آل عمران آيت: ٣١

www.maktabah.org

خدمتون پنهنجي شيخ جي راه ۾ فدا ڪريو. چاڪاڻ ته چيو ويو آهي ته:

اَلْاِرَادَةُ تَرْكُ الْاِرَادَةِ

[عقيدتمندي ۾ ارادتمندي، پنهنجا ارادا چڏڻ جو نالو آهي.]

چاڪاڻ ته الله ۾ رسول جي حق وانگر شيخ جو به حق آهي. ان جو سبب هي آهي ته خلافت الله تعالي جي طرفان رسول الله ﷺ جي واسطي سان پوءِ اصحابن ۾ اولیائن جي ذريعي حاصل ٿيندي آهي. جيئن شروع کان اهو سلسلو جاري آهي ۾ قيامت تائين جاري رهندو. (ڪتاب لکن تا ته)

اِنَّ اللّٰهَ بَعَثَ النَّبِيَّ دَاعِيًا لِاُمَّتِهٖ اِلَى اللّٰهِ تَعَالٰى بِاِذْنِهٖ مُنَادِيًا لَّهُمْ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ كَمَا قَالَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَدَاعِيًا اِلَى اللّٰهِ بِاِذْنِهٖ وَسِرَاجًا مُّنِيْرًا ﴿٤٦﴾ (2)

وَقَالَ اللّٰهُ تَعَالٰى: وَاِنَّكَ لَتَهْدِيْٓ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٥٢﴾ (1) وَلَمَّا تَمَّ مُدَّةَ بَقَائِهٖ فِي الدُّنْيَا خَلَقَ خُلَفَآءَ مِنْ اَصْحَابِهٖ لِيَدْعُوا الْعِبَادَ اِلَى اللّٰهِ قَرْنًا بَعْدَ قَرْنٍ وَهٰكَذَا اِلٰى قِيَامِ السَّاعَةِ قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اَصْحَابِيْ كَالنُّجُوْمِ بِاَيِّهِمُ اقْتَدَيْتُمُ اهْتَدَيْتُمْ وَقَالَ اللّٰهُ تَعَالٰى: يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَابْتَغُوْٓا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ وَجَاهِدُوْا فِيْ سَبِيْلِهٖ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿٣٥﴾ (2) قَالَ اللّٰهُ تَعَالٰى: يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَكُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿١١٩﴾ (3) اَيْضًا قَالَ اللّٰهُ تَعَالٰى: فَاسْعَوْا اِلٰى ذِكْرِ اللّٰهِ وَذَرُوا الْبَيْعَ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٩﴾ (4) قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اَلشَّيْخُ فِيْ قَوْمِهٖ كَالنَّبِيِّ فِيْ اُمَّتِهٖ وَقَالَ عُلَمَاءُ اُمَّتِيْ كَاَنْبِيَآءِ بَنِيْ اِسْرَائِيْلَ وَهٰذَا الْاِقْتِدَاءُ اِنَّمَا يُوْجَدُ عِنْدَ مَنْ وَرِثَ الْعِلْمَ مِنَ النَّبِيِّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ظَاهِرًا وَّبَاطِنًا بِالْوَسَائِطِ فَمَنْ وَجَدَ شَيْخًا مَوْصُوْفًا بِهٰذِهِ الصِّفَةِ ثُمَّ اِنَّ الشَّيْخَ قَبَّلَهٗ

---

(2) سورة الاحزاب آيت: ٤٦

(1) سورة الشوري آيت: ٥٢

(2) سورة المائدة آيت: ٣٥

(3) سورة التوبه آيت: ١١٦

(4) سورة الجمعة آيت: ٩

www.maktabah.org

فَعَلَيْهِ اَنْ يُّحْتَرِمَهٗ ظَاهِرًا وَّبَاطِنًا

[بيشڪ خدا تعاليٰ نبي سڳوري کي پنهنجي حڪم سان سڏي وات ڏانهن دعوت ڏيندڙ ڪري موڪليو جيئن پاڻ فرمائي ٿو ته اسان تو کي الله ڏانهن پنهنجي حڪم سان دعوت ڏيندڙ ۽ روشن سج بنائي موڪليو آهي. پڙ فرمائي ٿو ته، بيشڪ تون سڏي وات ڏيکارين ٿو. جڏهن نبي سڳوري ﷺ وصال فرمايو ته الله تعاليٰ سندن اصحابين کي منتخب فرمايو، تان ته اهي ماڻهن تائين الله جي دعوت کي پهچائين ۽ اهو سلسلو قيامت تائين، هڪ زماني کان بعد ٻئي زماني تائين هلندو رهندو. نبي ﷺ جن فرمايو آهي ته منهنجا اصحابي جڙ ته ستارا آهن، انهن مان جنهن جي به پيروي ڪندا هدايت لهندا. الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته: اي ايمان وارو! الله کان ڊجو ۽ سچن جو ساٿ ڏيو. پڙ فرمائي ٿو ته پوءِ الله جي ذڪر ڏانهن ڌوڙو ۽ ڏيتي ليتي جا ڪم ڇڏي ڏيو اهو توهان جي لاءِ چگو آهي، جيڪڏهن توهان عقل رکو ٿا. نبي ﷺ جن فرمايو ته: امت ۾ شيخ ائين آهي جيئن نبي امت ۾. پڙ حديث ۾ آهي ته منهنجي امت جا علماءَ ائين آهن، جيئن بني اسرائيل جا نبي ۽ اهو اقتدار ان وٽ هوندو آهي، جيڪو واسطن سان ظاهري ۽ باطني علم نبي ﷺ کان پرائي. پوءِ جنهن کي اهڙو مرشد ملي وڃي جنهن ۾ ذڪر ٽيل خوبي موجود هجي ۽ پڙ اهو مرشد به انهيءَ مريد کي قبول ڪري، پوءِ انهيءَ مريد تي لازم آهي ته پنهنجي ان مرشد جو ظاهري ۽ باطني طور تي احترام ڪري.

يعني خلافت نالو آهي، پاڻ کان اڳئين جو جانشين ٿيڻ ۽ پوين مان ڪنهن کي پنهنجو جانشين ڪرڻ جو. سڀ کان پهريون خليفو حضرت آدم عليه السلام آهي، ان ڏس ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته:

اِنِّيْ جَاعِلٌ فِي الْاَرْضِ خَلِيْفَةً[1]

[بيشڪ آءٌ زمين ۾ پنهنجو خليفو بنائڻ وارو آهيان.]

حضرت دائود عليه السلام کي فرمايائين ته:

(1) سورة البقرة آيت: ٣٠

www.maktabah.org

إِنَّا جَعَلْنَاكَ فِي الْأَرْضِ خَلِيفَةً(2)

[بيشڪ اسان توکي زمين ۾ خليفو بنايو آهي.]

اهڙي طرح هڪ کان بعد ٻيا پيغمبر زمين ۾ خدائي خلافت جو منصب سنياليندا رهيا. سڀ کان پويون پيغمبر محمد مصطفيٰ ﷺ آهي، جنهن فرمايو آهي تہ:

أَنَا خَلِيفَةُ اللهِ

[آءٌ زمين ۾ الله جو خليفو آهيان.]

سندن جانشين اميرالمؤمنين ابوبڪر صديق رضي الله عنه آهي جيئن پاڻ سڳورن فرمايو تہ:

يَا أَبَا بَكْرٍ أَنَا خَلِيفَةُ اللهِ وَأَنْتَ خَلِيفَتِي مِنْ بَعْدِي

[اي ابوبڪر! آءٌ الله جو خليفو آهيان ۽ مون کان بعد تون منهنجو خليفو آهين.]

ان کان بعد ٻيا هدايت پاتل خليفا آهن. هڪ صحيح حديث ۾ انهيءَ خلافت جي مدت ٽيهہ سال بيان ڪئي وئي آهي تہ:

اَلْخِلَافَةُ بَعْدِي ثَلَاثُونَ سَنَةً (1)

[مون کان پوءِ خلافت ٽيهہ سال هلندي.]

نبوت ۽ رسالت کان بعد اهو دروازو اولياءَ الله لاءِ کوليو ويو. انهيءَ خلافت جا ٻہ قسم آهن:

۱- ظاهري خلافت، جيڪا وقت جي اسلامي حاڪمن، اميرن ۽ قاضين لاءِ آهي.

۲- ظاهر ۽ باطني خلافت، جيڪا اولياءَ الله ۽ مشائخ لاءِ

---

(2) سوره صٓ آيت : ٢٦

(1) تفسير قرطبي ص ٢٩٧ ج ١٢ آيت: وعد الله الذين آمنوا منكم- ابن كثير ص ٣٠٢ج٣- ابن حبان ص ٣٩٢ ج ١٥- موارد الظلمآن ص ٣٦٩ج ١- المعجم الكبير ص ٨٩ ج ١- فتح الباري ص ٧٧ ج ٨- شرح السنن ابن ماجه ص ٥ ج ١- فيض القدير ص ٥٠٩ ج ٣- نيل الاوطار ص ٣٤٢ج ٧

www.maktabah.org

مخصوص آهي.

وقت جا حڪمران دنيا جو ظاهري نظام عدل انصاف جي اصولن مطابق هلائين تا ۽ ماڻهن کي ظلم ۽ ظالمن کان حفاظت ۽ امن عطا ٿئي ٿو ۽ اولياءَ الله خدا جي ٻانهن کي بندگيءَ جو ڏس ڏين تا ۽ رهبري ڪن تا الله تعالي فرمائي ٿو ته:

لَيَسْتَخْلِفَنَّهُمْ فِي الْأَرْضِ كَمَا اسْتَخْلَفَ الَّذِينَ مِن قَبْلِهِمْ [2]

[الله انهن (اهل ايمان) کي زمين ۾ ضرور خليفو ۽ جانشين ڪندو جيئن انهن ماڻهو کي خليفو ڪيائين، جيڪي ڪائنڪ اڳ ۾ هئا.]

يعني مشائخ هڪ ٻئي جا خليفا آهن ۽ قيامت تائين ايندڙ سمورا بزرگ شريعت، طريقت، حقيقت ۽ امت محمديءَ جا حقيقي جانشين ۽ خليفا آهن. نبي ﷺ جن فرمايو آهي ته:

مَنْ أَحْيَا سُنَّتِي فَهُوَ خَلِيفَتِي وَخَلِيفَةُ الْأَنْبِيَاءِ

[جنهن منهنجي سنت کي جيئرو ڪيو، اهو منهنجو به خليفو آهي ۽ اڳين نبين جو به خليفو آهي.]

الله تعالي انهن کي ۽ انهن جي اولاد ۽ انهن جي پوين کي پنهنجي خلافت جي منصب تي فائز ڪيو ۽ پنهنجي رضا لاءِ چونڊيو آهي. سوره رعد ۾ ارشاد آهي:

وَمَنْ صَلَحَ مِنْ آبَائِهِمْ وَأَزْوَاجِهِمْ وَذُرِّيَّاتِهِمْ وَالْمَلَائِكَةُ يَدْخُلُونَ عَلَيْهِم مِّن كُلِّ بَابٍ ﴿٢٣﴾ سَلَامٌ عَلَيْكُم بِمَا صَبَرْتُمْ فَنِعْمَ عُقْبَى الدَّارِ ﴿٢٤﴾ [1]

[جنت ۾ داخل ٿيندا اهي (متقي مؤمن) ۽ سندن ابن ڏاڏن ۽ زالن ۽ سندن اولاد مان جيڪي صالح آهن ۽ فرشتا وٽن هر دروازي مان داخل ٿيندا، چوندا ته توهان تي سلامتي هجي جو توهان صبر ڪيو، پوءِ پڇاڙيءَ جي جاءِ ڏاڍي چڱي آهي.]

ٻئي هنڌ آهي ته:

---

(2) سورة النور آيت: ٥٥

(1) سورة الرعد آيت: ٢٣-٢٤

www.maktabah.org

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَاتَّبَعَتْهُمْ ذُرِّيَّتُهُمْ بِاِيْمَانٍ اَلْحَقْنَا بِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَمَآ اَلَتْنٰهُمْ مِّنْ عَمَلِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ(2)

[جن ايمان آندو ۽ انهن جي اولاد ايمان ۾ سندن تابعداري ڪئي ته انهن کي به وٽن پهچائيندا سين ۽ انهن جي عملن مان ڪجهه به نه گهٽائيندا سون.]

لَوْلَا الصَّالِحُوْنَ لَهَلَكَ الطَّالِحُوْنَ(3)

[جيڪڏهن صالح نه هجن ته هوندَ غير صالح هلاڪ ٿي وڃن.]

انهن اولياءَ الله جي دم خم سان ئي دين اسلام پنهنجي جمال کي، اهل طلب ۽ اهل محبت پنهنجي مطلوب ۽ محبوب تائين پهچي ڪاميابي ماڻين ٿا ۽ حاجتمند پنهنجي مقصود کي حاصل ڪن ٿا. انهن جي توجه سان ئي مسلمانن کي ڪافرن تي سوپ نصيب ٿئي ٿي، درياءَ جاري رهن ٿا، هوا گهلي ٿي، ڪکر هلن چلن ٿا ۽ بارش وسي ٿي، انساني ۽ جناتي شيطانن کان حفاظت، پنهي جهانن جي مصيبتن ۽ آفتن کان نجات به ملي ٿي. حيوان جمادات، نباتات، آسماني بُرج جهڙوڪ حبل، ثور وغيره، ستارا، سيارا، سج، چنڊ سڀ رات ڏينهن سندن زير فرمان ۽ مسخر آهن. اهو ئي غوث خليفه مطلق آهي، جنهن جي وسيلي سڀ مرادون ماڻين

---

(2) سورة الطور آيت: ٢١

(3) حديث ۾ ان سان ملندڙ جلندڙ الفاظ ملن ٿا ته پاڻ سڳورن کان پڇيو ويو ته: انهلک و فينا صالحون (ڇا اسين هلاڪ ٿيندا سون جڏهن ته نيڪ ماڻهو اسان ۾ موجود هوندا؟ فرمايائون ته هائو! اذا کثر الخبث (جڏهن خباثت ۽ بيحيائي وڌي ويندي.) بخاري ص ١٢٢١ ج ٣. مسلم ص ٢٢٠٧ ج ٤. قرطبي ص ١٥٧ ج ٧. ابن ڪثير ص ١٠٦ ج ٣. ابن حبان ص ٣٤ ج ٢. ترمذي ص ٤٨٠ ج ٤. مجمع الزوائد ص ٢٦٩ ج ٧. سنن بيهقي الڪبري ص ٩٣ ج ١٠. ابن ماجه ص ١٣٠٥ ج ٢. مؤطا مالڪ. معجم الاوسط وغيره) قرآن مجيد ۾ به انهيءَ مضمون جون آيتون آهن، مثلاً فلولا کان من القرون من قبلکم اولوا بقية ينهون عن الفساد في الارض الا قليلا ممن انجينا منهم (سوره هود آيت: ١١٦) پوءِ توهان کان اڳ جيڪي قومون گذري چڪيون، انهن ۾ اهڙا ماڻهو چو نه هئا، جيڪي زمين ۾ فساد کان روڪين ها، سواءِ ٿورن جي، جن کي اسان نجات ڏني).

www.maktabah.org

ٿا. ڪي ان کي "قطب الاقطاب" ۽ چون ٿا. اهو فقط هڪ آهي، ان ڪري اولياءَ الله جي فرمانبرداري سيني مسلمانن تي واجب آهي، ڇاڪاڻ ته جيڪو خليفي جي اطاعت ڪري ٿو اهو الله ۽ سندس رسول جي اطاعت ڪري ٿو جيئن حديث آهي ته:

مَنْ أَطَاعَ خَلِيْفَتِيْ فَقَدْ أَطَاعَنِيْ وَمَنْ عَصَا خَلِيْفَتِيْ فَقَدْ عَصَانِيْ

[جنهن منهنجي خليفي جي اطاعت ڪئي، تنهن منهنجي اطاعت ڪئي. جنهن منهنجي خليفي جي نافرماني ڪئي، تنهن بيشڪ منهنجي نافرماني ڪئي.]

شيخ ۽ مرشد کي جڳائي ته خلافت قبول ڪري پنهنجن مريدن، معتقدن جي تربيت ڪري، الله تعالي فرمائي ٿو:

وَهُوَ الَّذِيْ جَعَلَكُمْ خَلٰٓئِفَ الْأَرْضِ وَرَفَعَ بَعْضَكُمْ فَوْقَ بَعْضٍ دَرَجٰتٍ (1)

[الله اهو آهي، جنهن توهان کي زمين ۾ خليفو مقرر ڪيو ۽ توهان مان بعض جا درجا بعض کان بلند ڪيا.]

تانجو نبي ﷺ جن وصال وقت عرض ڪيو ته پالڻهار پاڪ! منهنجي موت کان پوءِ منهنجي امت جو ڇا ٿيندو؟ الله تعالي فرمايو ته:

أَنَا خَلِيْفَتُكَ مِنْ بَعْدِ مَوْتِكَ لِأُمَّتِكَ (1)

[آءٌ تنهنجي موت کان بعد تنهنجي امت ۾ تنهنجو خليفو آهيان.]

اي منهنجا عزيز! جڏهن کان نبوت جو دروازو بند ٿيو آهي، تڏهن کان نبي ﷺ جي متابعت هيٺ ولايت جو رستو کليو آهي، جيڪا اولياءَ الله کي حاصل ٿئي ٿي ۽ قيامت تائين جاري رهندي. اولياءَ الله جو فرض دعوت الي الله آهي، جيڪي ماڻهن کي هدايت جو دڳ ڏيکارينداً رهندا.

---

(1) سورة الانعام آيت: 165

(1) ڪتابن ۾ اهي نه پر هي الفاظ ملن ٿا: والله خليفتي علي كل مسلم (الله هر مسلمان لاءِ منهنجو خليفو آهي) تفسير ابن كثير ص ٥٨٢ ج ١، ص ١٩٦ ج ٣، مسلم ص ٢٢٥١ ج ٤، مستدرک حاكم ص ٥٣٨، ٥٧٥، ٥٨٠، ٤١ ج ٤، ترمذي ص ٥١٠ ج ٤، مجمع الزوائد ص ٣٤٨، ٣٥٠ ج ٧، ص ٢٩ ج ٩، ابوداؤد ص ١١٧ ج ٤، سنن كبري ص ٢٣٥ ج ٦، ابن ماجه ص ١٣٥٦ ج ٢، مصنف ابن ابي شيبه ص ٤٥٤ ج ٦، احمد ص ١٨١ ج ٤، كتاب الفتن لنعيم بن حماد ص ٥١٧، ٥١٨، ٥٢٧ ج ٢، تحفة الاحوذي ص ٤١٤ ج ٦.

www.maktabah.org

اولياءَ الله اهي آهن جن ۾ هي شرط هجن: ۱- جنهن کي ڪو پنهنجو خليفو مقرر ڪري، سو خليفو برحق هجي تہ جيئن خلافت ڪنهن ٻئي جي حوالي ڪري تہ هو اهڙي خلافت جي لاءِ شريعت ۽ طريقت ۾ جائز ۽ هجي. اهڙي طرح سان وري اُهو شخص ۽ جڏهن خلافت ٻئي کي ڏي تہ عام ماڻهن کي اطلاع ڪري ۽ ان تي اتفاق راءِ قائم ڪرائي تہ جيئن خلافت کي استحڪام حاصل ٿئي، جو چيو اٿن تہ: اَلْاِذْنُ الْعَامُ شَرْطٌ (عام اجازت ونڊ شرط آهي.) يعني ماڻهن کي خليفي جي انتخاب يا عام راءِ جو علم ٿئي ۽ ان جي استحقاق تي اصحاب طريقت ۽ ارباب حقيقت جو اجماع هڻڻ پڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ اصول آهي تہ:

اَلْاِجْمَاعُ حُجَّةٌ بِقَوْلِهٖ عَلَيْهِ السَّلَامُ لَا تَجْتَمِعُ اُمَّتِيْ عَلَى الضَّلَالَةِ (2)

[اجماع حجت آهي ڇاڪاڻ تہ نبي سڳوري ﷺ جي حديث مبارڪ آهي تہ: منهنجي امت ڪڏهن ۽ گمراهي تي گڏ نہ ٿيندي.]

(۱) ڪنهن جي خلافت ۽ مشيخيت تي ارباب حل وعقد يعني علم ۽ اختياريءَ وار اختلاف ڪن تہ اها اجماعي نہ ٿيندي، جڏهن تہ خلافت لاءِ اجماع سڀ کان وڏو شرط ۽ وڏو رکن آهي. ان ڪري اختلاف ڪندڙ کي هدايت ڪجي تہ خدا جو خوف ڪريو ۽ مخلوق خدا ۾ ڦيٽهڙو نہ وجهو ۽ کين گمراه نہ ڪريو.

---

(2) حضرت ابن عمر کان روايت آهي، جنهن جا صحيح لفظ هي آهن: لن تجتمع امتي علي الضلالة فعليكم بالجماعة فان يد الله علي الجماعة (المعجم الكبير ص ۴۷۴ ج ۱۲، عون العبود ص ۱۱۷ ج ۷، لسان الميزان ص ۲۷ ج ٦) حضرت انس جي حديث جا الفاظ هي آهن: ان امتي لن تجتمع علي ضلالة فاذا رايتم الاختلاف فعليكم بالسواد الاعظم (مسند عبد بن حميد ص ۳٦۸ ج ۱، المعجم الكبير باختلاف يسير ص ۴۴۷ ج ۱۲، الكامل في ضعفاء الرجال ص ۷۹ ج ۲، بيشڪ منهنجي امت هرگز گمراهيءَ تي گڏ نہ ٿيندي، جڏهن اختلاف ڏسو تہ جماعت يا سواد اعظم ۾ شامل ٿيو ڇاڪاڻ تہ الله جو هٿ جماعت تي آهي. وڌيڪ روايتون بخاري، مسلم، احمد، معجم الكبير، مسند ابي عوانه وغيره ۾ آهن، جن مان ڪن جا الفاظ آهن تہ: لن يبرح هذا الدين قائما يقاتل عليه عصابة من المسلمين حتي تقوم الساعة (مسلم ص ۱۵۲۴ ج ۳، حديث نمبر: ۹۱۲۲) يعني هي دين قيامت تائين قائم رهندو تانجو مسلمانن جي هڪ جماعت ان جي حفاظت لاءِ وڙهندي رهندي.

www.maktabah.org

(۲) ٻيو شرط هي آهي تہ شيخ ڪنهن کي خلافت نامو عطا ڪري، هن غرض سان تہ خدا جي خلق جي رهنمائي ڪري ۽ توڪل جي تُرهي تي تري پار پوي، ڪو گهر نہ ٺاهي ۽ ڪو ڳوٺ سوغات ۽ جائيداد ۾ قبول نہ ڪري. زراعت ۽ تجارت ۾ مشغول نہ ٿئي. ڪنهن تي ڪا شيءِ مقرر نہ ڪري، بادشاه جي دروازن تي طلب ڪرڻ کان سواءِ نہ وڃي. ڳجهہ مان جيڪو مال ڪيس ملي ان کي ذخيرو نہ ڪري.

(۳) شيخ برحق جيڪي خلافت ۽ ان جا متعلقات يعني مصلوه عصا، تسبيح وغيره تبرڪات عنايت ڪري، ان جي باري ۾ سمجهي تہ هيءَ اها خلافت آهي، جيڪا پنهنجي فضل ۽ ٻاجهہ سان الله سبحانہ بخشي آهي ۽ جنهن جي باري ۾ فرمائي ٿو تہ:

إِنِّي جَاعِلٌ فِي الْأَرْضِ خَلِيفَةً (1)

[بيشڪ آءٌ زمين ۾ خليفو مقرر ڪرڻ وارو آهيان.]

سيني نبين کي خليفو بنايو ويو ۽ انهن بہ ٻين کي خليفو مقرر ڪيو جيئن نبي سائين ﷺ جن حضرت ابوبڪر صديق کي پنهنجو خليفو ۽ نائب بنايو، جنهن امت ۽ شريعت مطهره جي خدمت ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي تانجو ٻڌل اٹ کي بہ جيستائين نہ چوڙيائين تيستائين قرار نہ آين، مگر پنهنجي باطن کان ڪنهن کي واقف نہ ڪيائون ۽ نہ ئي پنهنجو اثر ظاهر ڪيائون يعني اعلان ۽ چرچو نہ ڪندا هئا تہ، مون نيڪيءَ جا هي ۽ هي ڪم ڪيا. اهو شيخ عتيق تحقيق جي سمنڊ ۾ غرق هو (عتيق ابوبڪر صديق رضي الله عنه جو لقب آهي مترجم) ساڳيءَ طرح باطن جي درياءَ ۾ مستغرق هو ۽ سندس حالت اها هئي تہ:

مُوتُوا قَبْلَ أَنْ تَمُوتُوا (1)

---

(1) البقره آيت: ۲۰

(1) تحفة الاحوذي ص۱۵۱ ج٦- المصنوع ص۱۹۸ ج۱- حافظ ابن حجر رح فرمائي ٿو تہ اها حديث ثابت نہ آهي: كشف الخفاء ص۳۸۴ ج۲- عرض ڪري ٿو هي عاجز مترجم تہ پر انهيءَ مضمون جي هي حديث ثابت آهي، جنهن جا لفظ آهن تہ نبي ڪريم ﷺ جن حضرت ابن عمر رضہ کي فرمايو تہ: وعد نفسک في اصحاب القبور: مسند الشهاب ص۳۷۳ ج۱- الترغيب

www.maktabah.org

[موت کان اڳ پاڻ کي ماريو.]

انهيءَ کري نبي ﷺ جن سندن باري ۾ فرمايو ت:

مَنْ اَرَادَ اَنْ يَّنْظُرَ اِلٰى مَيِّتٍ يَّمْشِيْ عَلٰى وَجْهِ الْاَرْضِ فَلْيَنْظُرْ اِلٰى ابْنِ اَبِيْ قَحَافَةَ

[جيڪو شخص زمين تي گھمندڙ ڦرندڙ مثل انسان کي ڏسڻ گھري ٿو تنھن کي گھرجي ت ابوبکر صديق ڏانھن نھاري.]

سندس دين ۽ ايمان جي حالت اھا آھي جو نبي ﷺ جن سندس شان ۾ فرمايو آھي ت:

لَوْ وُزِنَ اِيْمَانُ اَبِيْ بَكْرٍ مَعَ اِيْمَانِ اُمَّتِيْ لَرَجَحَ

[جيڪڏھن ابوبکر جو ايمان امت جي ايمان سان تورجي ت البت ابوبکر جو ايمان ڳرو ثابت ٿيندو.]

پڻ سندن شان ۾ رسول الله ﷺ جن فرمايو آھي ت:

مَاصَبَّ اللّٰهُ فِيْ صَدْرِيْ شَيْئًا اِلَّا وَقَدْ صَبَّ فِيْ صَدْرِ ابْنِ اَبِيْ قَحَافَةَ (1)

[الله تعالي منھنجي سيني ۾ جيڪا بہ شيءِ وڌي آھي، سا صديق اڪبر جي سيني ۾ بہ وڌي آھي.]

انهيءَ کري پاڻ کان فنا ۽ حق سان بقا حاصل ڪيائين ۽ ولايت جا سمورا مرتبا ماڻيائين. جيئن نبي ﷺ جن فرمايو آھي ت:

اَنَا وَاَبُوْبَكْرٍ كَفَرَسَيْ رِهَانٍ لَوْ سَبَقَنِيْ لَاٰمَنْتُ بِهٖ وَلٰكِنِّيْ سَبَقْتُهٗ فَاٰمَنَ بِيْ

[آءٌ ۽ ابوبکر ائين آھيون، جيئن گوءِ ڇڪندڙ بہ گھوڙا ھوندا آھن. جيڪڏھن مون کان اڳ کٽي وڃي ھا ت البت ضرور آءٌ ان تي ايمان آڻيان

الترھيب ص۱۲۱، ج۴- ترمذي حديث : ۲۳۳۳- مجمع الزوائد ص۲۲۷ ج۱۰- سنن ابن ماجه حديث : ۴۱۱۴- مسند احمد حديث : ۵۰۰۲- مسند الروياني ص۴۱۲ ج۲- مسند الشاميين ص۱۰۹ ج۱. يعني پاڻ کي قبر وارن ۾ شمار ڪر، جنھن مان ثابت ٿيو ت مٽيون قول جنھن کي ملا علي قاري صوفين جو ڪلام قرار ڏئي ٿو سو صحيح آھي.

(1) کشف الخفاءِ ص ۵۶۵ ج ۲، المنار المنيف ص ۱۱۵ ج۱، پر اھا ۽ حديث انا و ابوبکر کفرسي رھان..... ثابت نہ آھي: النقد المنقول ص ۱۰۴ ج ۱.

www.maktabah.org

ها. پر آءُ ان کان اڳي نڪري ويس. تنهن ڪري مون تي ايمان آندائين.]

حضرت ابوبڪر صديق نبين کان بعد سڀ کان سڳورو ۽ افضل آهي

بيت

چوآن صاحب نظر صاحب خبر بود
که بعد الانبياءِ خير البشر بود.

[جيئن ته هُو صاحب نظر ۽ صاحب خبر هو. تنهن ڪري نبين کان بعد سيني کان پلارو آهي.]

حضرت صديق اڪبر خلافت حضرت عمر رضي الله عنهما کي ڏني. ان کان پوءِ حضرت عثمان کي ۽ ان کان پوءِ حضرت علي مرتضيٰ رضي الله عنهما کي ملي. مختصر هي ته نبي ﷺ جن حضرت علي ڪرم الله وجهه کي علم جو دروازو فرمايو آهي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ کان ولايت جو سلسلو هلي ٿو. جيڪو نبوت ۾ داخل آهي. حضرت علي سائين هر وليءَ کي ولايت مطلق ۽ ولايت مقيد کان آگاهه فرمائي ٿو. سندن ئي ذات آهي. جنهن حقيقت جو فيض پکيڙيو. دين ۽ ملت کي زور ورايو ۽ رسول الله ﷺ ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهه جو ظاهر ۽ باطن هڪ قبيلي مان آهي. هڪ نبوت ۾ ۽ ٻيو ولايت جي درجي ۾ آهي. ٻئي هستيون هڪ جسم. ۽ نالا آهن. هڪ گوشت ۽ ۽ صورتون آهن. پاڻ فرمايو اٿن:

لَحْمُهُ لَحْمِيْ وَدَمُهُ دَمِيْ [1]

[ان جو گوشت منهنجو گوشت ۽ ان جو رت منهنجو رت آهي.]

پڻ فرمايائون ته (آءٌ ۽ علي هڪڙو نور آهيون.) انهيءَ ڪري پاڻ سيني ولين جا سردار ۽ ظاهري و باطني علمن جا معلم آهن. اولياءَ الله مان ڪن کي ظاهري علم ۽ معرفت عطا ڪيائون ته ڪن کي باطني علم ۽ معرفت ۽ ولايت عطا ڪيائون. سندن انهيءَ ولايت جا چار بزرگ وڏي شان ۽ فضيلت وارا آهن هر هڪ: ۱- امام حسن رضي الله عنه ۲- امام حسين رضي الله عنه ۳- خواجه ڪميل بن زياد رح ۴- شيخ حسن بصري رح.

---

(1) حديث جا لفظ درست ڪيا ويا. ڏسو: مجمع الزوائد ص ۱۱۱ ج ۹- المعجم الڪبير ص ۱۸ ج ۲. پڻ هيءَ حديث ثابت نه آهي ته "آءٌ ۽ علي هڪ نور آهيون."

www.maktabah.org

اهي حضرات چار وڏا پير آهن، جن مان هي شاخون هلن ٿيون: زيدي، عيازمي، ارهمي، هبري، چشتي، حبيبي، طيفوري، ڪرخي، سقطي، جنيدي، ڪارزوني، طوسي، فردوسي، سهروردي، انهن سيني جي عقيدت جو سلسلو حضرت علي ڪرم الله وجهه تائين پهچي ٿو مگر طيفوري سلسلو حضرت ابوبڪر رضي الله عنه سان وابسته آهي. مٿي بيان ڪيل سلسلن کان سواءِ هڪ مشرب "اُويسي مشرب" آهي. انهيءَ سلسلي جا بزرگ ڪنهن واسطي کان سواءِ سڌيءَ طرح الله ۽ ان جي رسول ﷺ کان تربيت وٺن ٿا ۽ خلق خدا کي حق سان ملائين ٿا. ان سلسلي سان واسطو رکندڙن تي سندن مرشدن ۽ پيرن جو به اهو ئي حق آهي، جيڪو ايمان وارن تي الله پاڪ ۽ رسول ڪريم ﷺ جو حق آهي. مثلاً الله تعالي سان گڏ ڪنهن کي شريڪ نه ڪن. حضرت محمد مصطفي ﷺ جي رسالت ۾ ڪنهن کي پاڻي پائيوار نه سمجهن. ساڳيءَ طرح پنهنجي پير ۽ دستگير جي ارادتمنديءَ ۾ ڪنهن کي شامل نه ڪن. جيڪڏهن ڪو مريد خيال ڪندو ته پيردستگير کان سواءِ ٻيو به هادي ۽ رهبر اهڙو آهي، جيڪو مون کي حق سان ملائيندو ۽ هدايت ڪندو ته ان جي عقيدتمندي ۽ ارادتمنديءَ ۾ فتور ۽ قصور واقع ٿيندو. ان جو عقيدو فاسد ۽ باطل ٿي ويندو. اهو مرتد ٿي ويندو ۽ جيڪو شخص طريقت جو مرتد آهي اهو لائق قتل آهي، ان وقت اهو سڌي واٽ کان ٽڙي ۽ مردود ٿيندو ۽ گمراهيءَ جي کڏ ۾ وڃي ڪرندو. معاذ الله! واضح هجي ته اهي سڀ سلسلا هڪ ٻئي سان جڙيل آهن. خلافت، نعمت، ولايت، مطلق، مقيد سڀ شريعت ۾ داخل آهن، ان جو اثر ۽ نتيجو نڪري ٿو ۽ اجر ملي ٿو. جيڪو ولايت جي دعويٰ ڪرڻ جي باوجود رسول الله ﷺ جن جي اطاعت نه ڪندو. اهو جڑ اسلام جي ٽئين حصي ۽ نبي ﷺ جن جي ولايت ۽ رسالت جي بن حصن کان محروم ٿي ويندو. ڇاڪاڻ ته شريعت جي مدعا ۽ تقاضا طريقت آهي، ۽ طريقت جي مراد حقيقت کي ماڻڻ آهي. جڏهن اها نه لهندو ته بي نصيب ٿيندو. تنهن ڪري هر مرد ۽ هر عورت تي فرض آهي ته خلافت جي صحيح سلسلي کي اختيار ڪري ۽ پاڻ کي انهن ۾ شامل نه

www.maktabah.org

ڪري، جن جي باري ۾ آيو آهي تہ: مَنْ لَيْسَ لَهُ شَيْخٌ فَشَيْخُهُ الشَّيْطَانُ (جنهن جو شيخ نہ آهي، تنهن جو شيخ شيطان آهي.)

ائين سمجهڻ تہ پير ۽ مرشد ڪان سواءِ هدايت ملندي آهي، هڪ ناداني ۽ اٽڄاٽائي آهي، ڇاڪاڻ تہ، قوم ۾ شيخ نبيءَ وانگر هوندو آهي.

منهنجا عزيزا! شريعت جو هي فائدو آهي تہ انسان، الله ۽ رسول کي سڃاڻي ۽ ڄاڻي تہ شريعت جي دعوت ڇا جي لاءِ ڏني ويئي آهي؟ هن ڪري جو مسلمان، شريعت جو بار ڪٽي مسلمان ٿيو آهي ۽ شريعت ظاهري حڪمن کي استحڪام بخشي ٿي. باطني مراد ۽ فيض باطن ۾ رکيو اٿن، جيڪو ولايت جو فيض آهي ۽ اسلام ڪان سواءِ ان جي ڪا حقيقت نہ آهي. اهائي شريعت جي حقيقت بہ آهي. قرآن حرفن ۽ آواز جو مجموعو آهي، جيڪو عربي ٻوليءَ ۾ نازل ٿيو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهڙي نشاني جو هئڻ ضروري آهي، جيڪا الله تعالي جي ڪلام تي دلالت ڪري. الله تعالي جي ڪلام مان بهرو حاصل نٿو ٿي سگهي، جيستائين ولايت مان پاڳو نہ پرائجي. ان ڪري هر شخص تي فرض آهي تہ ولايت جي حقيقت کي حاصل ڪري. شريعت جا بعض ڄاڻو ۽ علم وارا مشائخ جي بيعت نہ ڪندا آهن ۽ چوندا آهن تہ اسان لاءِ شريعت ڪافي آهي. اهي حقيقت ڪان واقف نہ آهن، ڇاڪاڻ تہ اهي پاڻ چون ٿا تہ شريعت ايمان جي ڪل يعني مٿانهون ۽ ظاهري حصو آهي ۽ ڪل مغز هرگز ٿي نٿي سگهي. جيڪو شخص چوي ٿو تہ هن وقت دنيا ۾ ڪو مرشد آهي ئي ڪونہ، تنهن جي اها ڳالهہ صحيح نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪنهن بہ زماني ۾ دنيا وليءَ ڪان خالي نہ رهي آهي. ائين هجي ها تہ الله داناءَ، بينا جي حڪمت ۾ خلل واقع ٿئي ها ۽ اڄ دنيا جي حالت ٻي هجي ها. اهڙو باطل گمان ڪرڻ نہ جڳائي. البتہ تحقيق ڪرڻ گهرجي تہ زماني جا مشائخ ڪٿان ڪان ڪٽي هليا ويا آهن ۽ ڪهڙي جاءِ ۽ ڪهڙي منزل تي رهن ٿا؟ اولياءَ الله جي اخلاقن ۽ عادتن کي سامهون رکڻ گهرجي. جتي بہ انهن صفتن جو ڪو بزرگ ملي ۽ ان جو سلسلو صحيح ثابت ٿئي تہ اهو واقعي حقيقت ۽ ولايت جو صاحب آهي ۽ سندس تنزلات ۽ ترقيات جي

www.maktabah.org

باري ۾ انڪشاف ٿيندو هجي ته اهڙي شخص کي پنهنجو امام ۽ رهبر بنائجي. اهڙي هستيءَ جو انڪار نه ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو انڪار ڪري ٿو ته سمجهڻ گهرجي ته منجهس ڪا ڪوتاهي، ڪمزوري ۽ ڪمي آهي ۽ ائين ڪنهن کي ڪرڻ ۽ چوڻ نه گهرجي. غرض جنهن جو به سلسلو صحيح ثابت هجي ۽ ان کان ولايت جو فيض حاصل ٿيندو هجي ته ان جي بيعت ڪرڻ گهرجي، جيئن پنهنجي نفس کي ولايت جي زنجير ۾ سوگهو ڪري رکجي، ائين نه ڪندو ته بي پير ۽ بي مرشد هوندو ۽ شيطان جي يارن ۽ مددگارن ۾ شمار ٿيندو.

اي منهنجا عزيز! مرشد ۽ شيخ وٺڻ گهرجي. مرشد جو فرض آهي ته مريد جي اسلام جي تعليم مطابق تربيت ڪري. اهو ڪم اهو ئي مرشد ڪري سگهي ٿو، جيڪو طريقت جو سالڪ هجي، چڱائي ۽ لڳائي سڀ ڪجهه ڄاڻندو هجي. پڙ ڄاڻڻ گهرجي ته مرتبا، درجا، مقامات، هدايت، دعوت، واسطا ۽ شيخ جي طور طريقن جا به قسم آهن: حقيقي ۽ مجازي، ٻئي الله جي طرفان آهن. ٻئي طريقا، الله تعالي واسطي کان سواءِ، جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي عطا فرمائي ٿو. جنهن کي واسطي کان سواءِ هدايت عطا ٿئي ٿي، اهي "اُويسي" سلسلي جا بزرگ آهن، کين،سڏيءَ طرح حق تعالي جي معرفت حاصل ٿئي ٿي. الله تعالي فرمائي ٿو:

يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ (1)

[الله تعالي جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي سڏيءَ وات وٺائي ٿو.]

پڙ فرمائي ٿو:

يَهْدِي اللّٰهُ لِنُوْرِهٖ مَنْ يَّشَآءُ (2)

[الله تعالي جنهن کي چاهي ٿو پنهنجي نور جي وات وٺائي ٿو.]

رسول الله ﷺ جن پوري پوري ڪوشش ڪئي ته پنهنجي چاچي کي هدايت جي وات تي آڻين، پر ائين ڪري نه سگهيا ۽ وحي نازل ٿي ته:

---

(1) سورة النور آيت: ٤٦

(2) سورة النور آيت: ٣٥

www.maktabah.org

إِنَّكَ لَا تَهْدِي مَنْ أَحْبَبْتَ وَلَٰكِنَّ اللَّهَ يَهْدِي مَنْ يَشَاءُ

[بيشڪ جنهن کي تون چاهين، تنهن کي تون هدايت ڏئي نٿو سگهين، پر الله جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي هدايت عنايت ڪري ٿو.]

پر هدايت پرهيزگارن کي ملي ٿي. جيئن الله عز وجل کان ڀڃن ٿا:

ذَٰلِكَ الْكِتَابُ لَا رَيْبَ فِيهِ هُدًى لِّلْمُتَّقِينَ ﴿٢﴾ (4)

[هيءُ اهو ڪتاب آهي، جنهن ۾ ڪو شڪ نه آهي، انهيءَ ۾ پرهيزگارن لاءِ هدايت آهي.]

هن آيت مان ثابت ٿيو ته قرآن مجيد متقين ۽ پرهيزگارن کي هدايت ڪندڙ آهي. ٻئي هنڌ آهي ته:

إِنَّا أَنزَلْنَا التَّوْرَاةَ فِيهَا هُدًى وَنُورٌ (1)

[۽ بيشڪ اسان تورات لاٿو جنهن ۾ هدايت ۽ نور آهي.]

هتي ٻڌايو ويو ته حضرت موسيٰ عليه السلام تي نازل ڪيل ڪتاب توريت هدايت جو ذريعو هو. رسول الله ﷺ جن جي باري ۾ فرمان آهي ته:

وَإِنَّكَ لَتَهْدِي إِلَىٰ صِرَاطٍ مُّسْتَقِيمٍ (2)

[بيشڪ تون سڌي واٽ ڏيکارين ٿو.]

پڻ ارشاد آهي ته:

هُوَ الَّذِي أَرْسَلَ رَسُولَهُ بِالْهُدَىٰ وَدِينِ الْحَقِّ (3)

[الله اهو آهي، جنهن پنهنجي رسول کي هدايت ۽ دين حق سان موڪليو.]

هنن ٻنهي آيتن ۾ هادي، الله جو سڏورو سڀاجهرو سهڻو رسول پاڪ آهي. حديث شريف ۾ آهي ته:

---

(4) سورة البقرة آيت: ٢

(1) سورة المائدة آيت: ٤٤

(2) سورة الشوري آيت: ٥٢

(3) سورة الفتح آيت: ٢٨

www.maktabah.org

أَصْحَابِيْ كَالنُّجُوْمِ بِأَيِّهِمُ اقْتَدَيْتُمُ اهْتَدَيْتُمْ (4)

[منهنجا صحابي ستارن وانگر آهن، توهان انهن مان جنهن جي به پيروي ڪندا هدايت جي واٽ لهندا.]

هتي اصحابين سڳورن کي هدايت جو ستارو فرمايو ويو آهي. الله جي پيارن نبين جي باري ۾ سور، انبياءَ ۾ آهي ته:

وَجَعَلْنٰهُمْ أَئِمَّةً يَّهْدُوْنَ بِأَمْرِنَا (1)

[اسان انهن کي امام ۽ اڳواڻ بنايو جيڪي اسان جي حڪم سان سڏي واٽ ڏيکارينداهئا.]

هن آيت ۾ حضرت ابراهيم ۽ سندس اولاد اسحاق و يعقوب عليهم السلام وغيرهم جي امامت جو ذڪر آهي، حالانڪ حقيقي هدايت ڪندڙ الله تعالىٰ جي ذات آهي.

يُضِلُّ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ (2)

[الله پاڪ جنهن کي چاهي ٿو گمراه ڪري ٿو ۽ جنهن کي چاهي ٿو هدايت ڏئي ٿو.]

ان ۾ دليل آهي ته نبي سڳورا گمراهيءَ کان پاڪ آهن.

اي منهنجا عزيزا! شريعت ۾ "دعوت" جي معنيٰ الله جي واٽ ڏانهن سڏڻ آهي. الله تعالىٰ فرمائي ٿو:

اُدْعُ إِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَالْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ وَجَادِلْهُمْ بِالَّتِيْ هِيَ أَحْسَنُ (3)

[پنهنجي رب جي واٽ ڏانهن حڪمت، دانائي ۽ اثرائتي نصيحت وسيلي دعوت ڏي ۽ سهڻي طريقي سان انهن سان جهڳڙو ڪر.]

---

(4) كشف الخفاء ص ٧٤١ ج ١، فتح الباري ص ٧٥ ج ٤، شرح الزرقاني ص ٣٠٢ ج ٢، فيض القدير ص ٤٣٢ ج ٤.

(1) سورة السجده آيت: ٢٢

(2) سورة النحل آيت: ٩٣

(3) سورة النحل آيت: ١٢٥

www.maktabah.org

ٻئي هنڌ آهي:

قُلْ هٰذِهٖ سَبِيْلِيْٓ اَدْعُوْٓا اِلَى اللّٰهِ عَلٰى بَصِيْرَةٍ اَنَا وَمَنِ اتَّبَعَنِيْ[4]

[چؤ تہ آءٌ ۽ جن منهنجي پيروي ڪئي، اعليٰ بصيرت سان الله جي رستي ڏانهن سڏيون ٿا.]

برحق شيخ ۽ مرشد جي مقامات جو اهو ئي راز آهي، ڇاڪاڻ تہ شيخ پنهنجي قوم ۾ ائين هوندو آهي، جيئن نبي پنهنجي امت ۾ هوندو آهي.]

بيت

گفتم که بياموزي تو با سر
گفتا که دوئي ز راهي بر گير

[مون چيو تہ اڇ، هڪ راز جي ڳالهہ توکي سيکاريان، (پهريائين) ٻيائي پنهنجي رستي کان پري ڪر.]

مشائخن رحمة الله عليهم جي معتبر ڪتابن ۾ آهي:

مَنْ لَيْسَ لَهٗ شَيْخٌ فَشَيْخُهُ الشَّيْطَانُ

[جنهن جو شيخ نہ آهي، ان جو شيخ، شيطان آهي.]

ان ڪري جڳائي تہ شيخ نبين سڳورن جي صفتن جو صاحب هجي فرق اهو آهي تہ نبين کي وحي ظاهر ۽ ولين کي وحي ڳجهي ٿيندي آهي. ڇاڪاڻ گهرجي تہ شيخ، مرشد ۽ هادي اهو آهي، جيڪو رسول الله ﷺ: جي سچي وات جي پيروي ڪري. سدائين خدا تعالي جي اميد ۽ خوف جي ڪيفيت ۾ هجي، ماڻهن کي سڏي وات ڏيڪاري ۽ کين اهي ڳالهيون ٻڌائي جن ۾ سندن نفعو آهي. جنهن شيءِ مان مريد کي نقصان ٿئي ان کان کيس خبردار ڪري، عقيدتمندن لاءِ امانتدار صاحب الهام هجي. سندس هڪ صفت هيءَ بيان ڪئي وئي آهي تہ:

وَ كَلَامُهٗ بِالْحَقِّ لِلْحَقِّ وَالشَّيْخُ لِلْمُرِيْدِيْنِ اَمِيْنٌ عَلَى الْاِلْهَامِ كَمَا اَنَّ جِبْرِيْلَ عَلَيْهِ السَّلَامُ اَمِيْنٌ عَلَى الْوَحْيِ فَكَمَا لَا يَخُوْنُ جِبْرِيْلُ فِي الْوَحْيِ كَذَا لَا يَخُوْنُ الشَّيْخُ فِي الْاِلْهَامِ وَ كَمَا اَنَّ رَسُوْلَ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى

(4) سورة ابراهيم آيت: ١٠٨

www.maktabah.org

كَذَا الشَّيْخُ يَقْتَدِيْ بِرَسُوْلِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ظَاهِرًا وَ بَاطِنًا فَالشَّيْخُ يَكُوْنُ لِلْمُرِيْدِيْنِ فِيْ شَفَقَتِهٖ كَمَا كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لِاَصْحَابِهٖ حَيْثُ وَصَفَهُ اللهُ تَعَالٰى بِقَوْلِهٖ لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ فَاِذَا كَانَ الشَّيْخُ يَتَخَلَّقُ بِخُلُقِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بِهٰذِهِ الْمُشَابِهَةِ كَانَ مَفْرُوْضُ الطَّاعَةِ عَلَى الْمُرِيْدِيْنِ وَيَكُوْنُ خَلِيْفَةُ رَسُوْلِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِيْ تَرْبِيَّةِ الْمُرِيْدِيْنِ وَالشَّيْخُ هُوَالَّذِيْ يَسْلُكُهُ الطَّرِيْقَ وَ يَعْرِفُ مَضَارَّهٗ وَ مَنَافِعَهٗ فِيْ رُشْدِ الْمُرْشِدِيْنِ

[ھِ سندس برحق ڪلام حق لاءِ حق جي طرفان هوندو آهي. شيخ، مريدن لاءِ الهام جي معاملي ۾ ائين امانتدار آهي، جيئن جبريل عليه السلام وحيءَ جي باري ۾ امانتدار آهي، جيئن رسول الله ﷺ جن نفساني خواهش سان نڻا ڳالهائين، تيئن شيخ بہ ظاهري ۽ باطني معاملن ۾ نفساني خواهش سان نڻو ڳالهائي ۽ جيئن نبي ﷺ جن اصحابين تي مهربان هوندا هئا، تيئن شيخ بہ مريدن تي مهربان هوندو آهي. نبي ﷺ جي باري ۾ الله تعالي فرمائي ٿو تہ: بيشڪ توهان وٽ توهان مان هڪ رسول آيو آهي، جيڪا ڳالهہ توهان کي مصيبت ۾ وجهي ٿي، اها ان کي ڏکي لڳي ٿي، توهان جي ڀلائيءَ لاءِ حريص، ايمان وارن تي مهربان ۽ رحمدل آهي. پوءِ جڏهن شيخ، نبي ﷺ جن جي انهن اخلاقن سان موصوف هوندو تہ مريدن مٿان ان جي اطاعت بہ ائين ئي فرض هوندي ۽ مريدن جي تربيت ڪرڻ ۾ اهو رسول الله ﷺ جن جو جانشين ٿيندو. بس شيخ اهو ئي آهي، جيڪو سڌي واٽ ونائي ۽ مريدن جي نفعي ۽ نقصان ۾ سندن رهبري ڪري.]

فتوحات مڪي ۾ آهي تہ: شيخ مهربان صفت، نرم دل، صبر ڪندڙ بردبار هوندو آهي، ڪنور دل، ۽ بدخلق نہ هوندو آهي ۽ نہ ئي بازارن ۾ ڇڪر ڏيندڙ دنيا جا مال متاع جمع ڪندڙ دنياوي زينت جي شين سان محبت ڪندڙ مرتبي، منصب ۽ شهرت جو طالب ۽ ڪاوڙ ڪندڙ ۽ بي حياءُ هوندو آهي.

www.maktabah.org

اي منهنجا عزيز! پيري ۽ مريدي جو جيڪو مرتبو آهي، ان جو ذڪر هن طرح آهي تہ، ڪائنات جي پيدائش کان ٻہ لک ست هزار سال اڳ الله تعالي جيڪي ٻہ چاهيو سو لکي ڇڏيائين. انهيءَ ڪري ارادو سڀ کان اڳ ۾ آهي (تنهن ڪري ارادتمندي ۽ عقيدتمندي سڀ کان اڳ ۾ آهي) غرض تہ الله تعالي حضرت خضر عليه السلام کي مقام "مشيخت" عطا ڪيو ۽ حضرت موسيٰ ڪليم الله جو جيڪو مقام آهي، ان جي باوجود الله تعالي کيس حضرت خضر ڏانهن مريد ڪري موڪليو تہ جيئن ان کان علم لدني حاصل ڪري. پوءِ شيخ ڪامل ۽ مڪمل اهو آهي، جيڪو محب ۽ محبوب، طالب ۽ مطلوب، عاشق ۽ معشوق، سالڪ مجذوب ۽ مجذوب سالڪ ۾ مستغرق هجي ۽ هر وقت ڪڏهن سُڪر ۾ تہ ڪڏهن استغراق ۾ هجي ۽ وري ڪڏهن محو ۾ سير ڪندو رهي. سبحان الله! اسان جو پير دستگير حضرت ختم الاولياءِ هميشه عالم محويت ۾ ڪمال، ارشاد ۽ تلقين جي حالت ۾ مشغول رهندو هو ۽ ماڻهن کي الله ڏانهن سڏيندو هو. شيخ ۾ پير ۽ پيشوا هڻڻ جي حالت ۾ ڇئن مقرب فرشتن جون صفتون هڻڻ گهرجن: ۱- حضرت جبريل امين عليه السلام، جيڪو وحيءَ جي باري ۾ امين آهي. ساڳي طرح ريت، شيخ ٻہ حق جي وحيءَ ۾ امانتدار هوندو آهي. الله تعالي جي طرفان جيڪي ٻہ ان ڏانهن الهام ٿيندو آهي، سو مريدن تائين ڪنهن ڪمي بيشيءَ کان سواءِ پهچائيندو آهي. جيئن جبريل عليه السلام ان وقت تائين وحي نہ آڻيندو آهي، جيستائين کيس حڪم نہ ٿيندو آهي، تيئن مرشد جو فرض آهي تہ جيڪي اسرار ۽ رموز ان کي حاصل ٿين تا، الله جي اجازت کان سواءِ انهن کي ظاهر نہ ڪري. جبرئيل عليه السلام نبين ۽ ولين جو مددگار آهي. ساڳيءَ طرح وليءَ کي ٻہ دعائن جي وسيلي سان ڏهن نبين جو مددگار هڻڻ گهرجي. شيخ اهڙو هجي، جيڪو خدا تعالي جي دشمنن کي هلاڪ ڪري سگهي، تہ جيئن دنيا مان انهن جو فتنو ۽ فساد ختم ٿي سگهي، ڇاڪاڻ تہ حضرت جبرئيل عليه السلام جي هي صفت هيءَ آهي تہ پاڻ ٻہ خدا تعالي جي دشمنن جو دشمن آهي.

www.maktabah.org

۲- شيخ جي اندر ۾ صفت حضرت ميڪائيل عليه السلام واري هئڻ گهرجي، جيڪو مخلوق خدا تي گهڻو مهربان آهي، جنهن جي ڪري مينهن وسائي ٿو ۽ ڪين حياتي بخشي ٿو. شيخ کي گهرجي ته مريدن تي پنهنجي خاص رحمت ڪري ۽ ڪين حق تعالي جو مقرب بڻائي. ظاهري ۽ باطني عنايتن جي وسيلي انهن کي عبادت ۽ معرفت جي نور سان منور ڪري ۽ انهن کي حق جو وصال عطا ڪري ۽ انهيءَ راه ۾ سندن مدد ڪري. ۳- شيخ ۾ ٽين صفت اسرافيل عليه السلام جي هئڻ گهرجي، جيڪو هميشه الله جي حڪم جو منتظر آهي ۽ منهن ۾ صور جهليو بيٺو آهي ته الله جي امر ٿئي ته هڪدم صور ڦوڪي، ڪائنات کي ختم ڪري ڇڏيان. اهڙي طرح شيخ مريدن ۾ اهڙو روح ڦوڪي جو سندن دلين ۾ پيدا ٿيندڙ سڀ خيالَ ۽ خطرا ختم ٿي وڃن، جيئن اسرافيل عليه السلام پهرئين صور ڦوڪيندو ته سموري مخلوق مري ويندي ۽ ٻيو ٻيرو صور ڦوڪيندو ته سيئي جيئرا ٿي پوندا. ساڳي طرح، سچي شيخ ۾ اها صفت هئڻ گهرجي ته پهريون ٻيرو مريدن جي دل ۾ اهڙو روح ڦوڪي جو منجهن الله تعالي جي محبت ۽ معرفت پيدا ٿئي ۽ ٻيو ٻيرو روح ڦوڪي ته الله تعالي جو جلال ۽ جمال مٿن غالب اچي، تانجو اهي فنا في الله ٿي وڃن ۽ سندن نفساني خواهشن ۽ غفلت جي حجابن جي اوندهه بلڪل ختم ٿي وڃي. گهرجي ته شيخ هر وقت الله تعالي جي فرمان جو انتظار ڪري. غيب مان جيڪي واردات سندس دل ۾ پيدا ٿين، مريدن کي انهن کان آگاه ڪري. ۴- شيخ ۾ چوٿين صفت عزرائيل عليه السلام جي هئڻ گهرجي، جيڪو روح قبض ڪري ٿو. منجهس خدا تعالي جي جلال ۽ جمال جي اهڙي تجلي هئڻ گهرجي، جو جنهن کي چاهي فنا ڪري ڇڏي ۽ جنهن جي اندر چاهي روح ۽ انوار قدسي ڦوڪي. اهڙيءَ طرح مريد کي فنا في الله جي مقام ۾ آڻي، مقام بقا بالله عطا ڪري. اها قهر الهي ۽ جمال الهي جي صفت جي تاثير آهي، ڇاڪاڻ ته شيخ درحقيقت الله تعالي جي طرفان ڳالهائيندو آهي. ڇيو ويو آهي ته شيخ جو قول ڇڙ ته ٻج آهي، جيڪو زمين ۾ ڇڏبو آهي. جيڪڏهن ٻج خراب هوندو ته نه ڦٽندو جڏهن

www.maktabah.org

ٻج ۾ هوا يعني نفس پرستي داخل ٿيندي ته خراب ٿي پوندو. پوءِ شيخ ڪلام جي ٻج کي هوا ۽ نفس جي خباثتن ۽ آلودگين کان پاڪ صاف ڪندو آهي ۽ ان کي الله تعالىٰ جي حوالي ڪري. سندس حق ۾ دعا ڪندو آهي ته اي الله! هن ٻانهي جي مدد ڪر ۽ کيس هدايت ڏي. ان ڪري سندس ڪلام برحق هوندو آهي. حق جي طرفان هوندو آهي ۽ حق لاءِ هوندو آهي. شيخ مريدن لاءِ الهام جي باري ۾ به امانتدار هوندو آهي. غرض ته شيخ کي شريعت، طريقت، حقيقت جي علم جو عامل ۽ عقل ۾ ڪامل هڻڻ گهرجي. جيڪو مريدن کي دنيا ۽ آخرت ٻنهي کان بيگانو ڪري (يعني مريد فقط الله تعالىٰ جي محبت لاءِ سڀ ڪجهه ڪري) ۽ جيڪڏهن ٻنهي جهانن جي شر کان سندن حفاظت ڪرڻ چاهي ته ان جو کيس اختيار آهي. پر ائين نه ڪري. امام الاولياءِ شيخ احمد غزالي فرمائي ٿو ته شيخ خدا بخش، يعني خدا ڏانهن متوجه ڪندڙ ۽ بلند همت هجي. مريدن جو نفعو ۽ نقصان آڏو رکي ۽ بهادر هجي. الله تعالىٰ کان سواءِ ڪنهن ڏانهن توجه نه ڏي. جيئن منجهس

مَا زَاغَ الْبَصَرُ وَمَا طَغٰى (1)

جي صفت پيدا ٿئي. هميشه ظاهر ۽ باطن ۾ توحيد ۽ تفريد جي صفت ۾ محو هجي. بردبار ۽ صابر هجي ته جيڪڏهن مريد کان غلطي ٿئي ته کيس نصيحت ڪري. ان جو علاج ۽ اصلاح ڪري. سختي ۽ تنديءَ سان پيش نه اچي. چاڪاڻ ته الله تعالىٰ فرمائي ٿو:

وَلَوْ كُنْتَ فَظًّا غَلِيْظَ الْقَلْبِ لَانْفَضُّوْا مِنْ حَوْلِكَ فَاعْفُ عَنْهُمْ (2)

[جيڪڏهن سخت، ڪٺور دل هجين ها ته جيڪي ماڻهو تنهنجي چوڌاري آهن، يقيناً اهي توکان ڦري وڃن ها، پوءِ کين معاف ڪر.]

شيخ، توڪلي هجي. (رزق حاصل ڪرڻ لاءِ) حيلو ۽ تدبير نه ڪري، بلڪ پاڻ کي خدا تعالىٰ جي تقدير ۽ غيبي ارادي جي حوالي

(1) سوره نجم آيت: ۱۷ پ ۲۷

(2) سوره آل عمران آيت: ۱۵۹

www.maktabah.org

ڪري. سندس شخصيت ۾ ايترو وقار ۽ رعب هجي جو مريد يا ٻيا گستاخي نه ڪري نه سگهن. شيطان کي مريدن کان دور ڪري. جيڪا ڳالهه مريد کي نقصان پهچائي، ان کان کيس بچائي. شيخ عالم لاهوت ۾ پهتل، برحق ۽ مرشد مطلق هجي ۽ مريد صادق کي گهرجي ته شيخ جي خدمت ڪري، ان کي حق جو برهان، دين جو دليل ۽ داعي الي الله سمجهي. جيئن نبي سگورا پنهنجين اُمتن کي الله ڏانهن سڏيندا آهن. هن فقير جو پير، حضرت رسول الله ﷺ جن جو سچو پيروڪار هو ۽ قوم کي حق ڏانهن سڏيندو هو. جيئن نبي ﷺ جن فرمايو آهي ته شيخ پنهنجي قوم ۾ ائين هوندو آهي، جيئن نبي پنهنجي امت ۾ هوندو آهي.

اهڙو سالڪ انشاءَ الله تعالي پنهنجي پير، دستگير جي طفيل هدايت لهندو ۽ ڏکيون منزلون طي ڪري، حق سان واصل ۽ ذات ملطق ۾ محو ٿيندو. جيڪڏهن آءٌ، پنهنجي شيخ جو مريد نه هجان ها ته هوندَ شيطان مون کي گمراه ڪري، هلاڪ ڪري ڇڏي ها. يعني حق کان باطل ڏانهن ڇڪي وڃي ها. ڇاڪاڻ ته جنهن جو شيخ نه آهي، تنهن جو شيخ شيطان آهي. اهو رڳو الله جو فضل ۽ ٻاجهه آهي، جو نفس اماره ۽ شيطان جي گمراهين ۽ شرارتن کان بچائي ٿو. (سڀ کان خطرناڪ دشمن نفس آهي، جنهن جي باري ۾) رسول الله ﷺ جن جو فرمان مبارڪ آهي:

اَعْدٰى عَدُوِّكَ نَفْسُكَ الَّتِيْ بَيْنَ جَنْبَيْكَ (1)

[تنهنجو بدترين دشمن نفس آهي، جيڪو تنهنجي ٻنهي پاسرين جي درميان ۾ آهي.]

(شيطان جي باري ۾) الله تعالي جو ارشاد آهي:

اَنْ لَّا تَعْبُدُوا الشَّيْطٰنَ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ (2)

[ته شيطان جي عبادت نه ڪر. بيشڪ اهو توهان جو پڌرو دشمن آهي.]

---

(1) جامع العلوم و الحكم ص ١٩٦ ج ١، الزهد الكبير ص ١٥٧ ج ٢، شرح الزرقاني ص ٣٢٧ ج ٤، شرح ابن ماجه ص ٢٠ ج ١، فيض القدير ص ٣١ ج ٢، حلية الاولياء ص ٣٢٣ ج ١٠.

(2) سوره ياسين آيت: ٦٠

www.maktabah.org

الله، سندس شر کان بچائي، سڏي وات ڏيکاري ۽ باطل کان حق جي وات ڏيکاري. جڳائي ته مريد، پير جي محبت ۽ اخلاص ۾ خدا تعالي رسول الله ﷺ جن کان سواءِ سڀ کنهن کي وساري ڇڏي ۽ انهيءَ معني جي حقيقت تائين پهچي ته جيئن حق واصل ٿئي. پير جو حق ائين سڃاڻي، جيئن خدا رسول جو حق سڃاڻي ٿو (بلڪ ان کان وڌيڪ اتم سمجهي) ۽ پير جو ذڪر ۽ فڪر لازم ڄاڻي، جيئن شيخ ابو القاسم ڪرماني مدني اُويسي فرمائي ته: انهيءَ شڪر (۽ شغل) ۾ مشغول رهي. مريد کي گهرجي ته حضرت پير دستگير جي اخلاص، عقيدتمند، محبت ۽ خدمت ۾ غرق هجي ته جيئن محويت حاصل ڪري. پهريائين فنا في الشيخ، پوءِ فنا في الله ۽ پوءِ باقي بالله ٿئي. حضرت شيخ جي وابستگيءَ، ارادي ۽ رضا ۾ پنهنجي ارادي کي گم ڪري ڇڏي، ڇاڪاڻ ته فرمايو اٿن ته پنهنجو ارادو ڇڏڻ ئي ارادتمندي آهي. دل ۽ جان سان هميشہ پير جي خدمت ڪري ۽ ادب بجا آڻي. سندس رضا جوئيءَ جي ڪوشش ڪري ۽ يقين ڪري ته موجوده زماني ۾ منهنجي پير کان سواءِ ٻيو ڪو اهڙو نہ آهي، جيڪو مون کي خدا تائين رسائي. جيڪڏهن اهڙو خطرو سندس دل ۾ آيو ته ان وقت ان جو عقيدو ناس ٿي ويندو. سندس اخلاص ۽ ارادت ۾ خلل عظيم اچي ويندو. ان وقت ممڪن آهي ته شيطان، سندس شيخ جي صورت ۾ ان جي آڏو اچي ۽ ان تي پنهنجو علم داخل ڪري ۽ ڪيس گمراه ڪري ۽ سندس عقيدو خراب ڪري ۽ سڏي وات کان منحرف ڪري ڪيس مردود ڪري تانجو اهو حيران ۽ هلاڪ ٿي پنهنجي پير جي ارادت جي حلقي، مان خارج ٿي وڃي. ڇاڪاڻ ته جنهن جو شيخ ناهي ان جو شيخ شيطان آهي، نَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنْهَا.[1]

جيڪڏهن مريد جو مرشد ۾ اعتقاد ۽ اخلاص ڪامل هوندو ته پوءِ شيطان سندس شيخ جي صورت ۾ سندس آڏو نٽو اچي سگهي. ڇاڪاڻ ته ڪامل شيخ دعوت الي الله جي سلسلي ۾ پيغمبر وانگر آهي

(1) حديث، مسانيد، رجال ۽ تفسير جي کنهن بہ ڪتاب ۾ اها حديث موجود نہ آهي، شايد کنهن جو قول آهي.

www.maktabah.org

جيئن حديث آهي:

وَإِنَّ الشَّيْطَانَ لَا يُمْكِنُهُ أَنْ يَتَمَثَّلَ بِصُورَةِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

[ءِ بيشڪ شيطان لاءِ نبي ﷺ جن جي صورت ۾ اچڻ ممڪن نه آهي.]

وَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَنْ رَآنِي فِي النَّوْمِ فَقَدْ رَآنِي فَإِنَّ الشَّيْطَانَ لَا يَتَمَثَّلُ بِصُورَتِي[2]

[نبي ﷺ جن فرمايو آهي ته جنهن مون کي ننڊ ۾ ڏٺو ته بيشڪ ان واقعي مون کي ئي ڏٺو. ڇاڪاڻ ته شيطان منهنجي صورت ۾ نٿو اچي سگهي.]

انهيءَ وقت مريد، الله جي حفاظت ۾ رهندو ءِ پنهنجو مقصد حاصل ڪندو. حضرت شيخ رحمة الله عليه "عوارف المعارف" جي حوالي سان لکي ٿو ته شيخ جو ادب ڪرڻ صوفين جي اهم ادبن مان آهي ءِ اهي ماڻهو ان مسئلي جي باري ۾ دليل هن مان وٺن ٿا ته اصحابي سڳورا رسول الله ﷺ جن جو بيحد احترام ءِ عزت ڪندا هئا. (انهيءَ ڏس ۾) الله تعالي فرمائي ٿو:

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا تُقَدِّمُوا بَيْنَ يَدَيِ اللهِ وَرَسُولِهِ وَاتَّقُوا اللهَ إِنَّ اللهَ سَمِيعٌ عَلِيمٌ[1]

[اي ايمان ڌارڻ! الله ءِ ان جي رسول کان اڳتي نه وڌو ءِ الله کان ڊجو. بيشڪ اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.]

مفسر ڪلبي فرمائي ٿو ته يعني قول ءِ فعل ۾ الله تعالي ءِ سندس رسول سڳوري جي مخالفت نه ڪريو تانجو فقط الله ءِ سندس رسول ڪريم ﷺ جو حڪم ئي قابل اتباع ءِ نافذ العمل رهي. ام

---

(2) مسلم حديث ٢٢٦٥- ٢٢٦٦، بخاري حديث: ١١٠، ٥٨٤٤، مستدرک علي الصحيحين ص ٤٣٥ ج ٤، الاحاديث المختارة ص ١٠٠ ج ٨، ترمذي ص ٥٣٥ ج ٤، دارمي ص ١٦٦ ج ٢، مجمع الزوائدص ١٧٣، ١٨١ ج ٧، ابن ماجه ص ١٢٨٤، ١٢٨٥ ج ٢، مصنف ابن ابي شيبه ص ١٧٤، ١٧٥ ج ٦، احمد ص ٤٤٠ ج ١، فتح الباري ص ٣٨٤، ٣٨٦، ٣٨٨، ٣٨٩ ج ١٢، تحفة الاحوذي ص ٤٥٨ ج ٦، فيض القدير ص ٥٩ ج ٢.

(1) سورة الحجرات آيت: ١

www.maktabah.org

المؤمنين عائشه صديقه رضي الله عنها فرمائي ٿي ته يعني جيستائين رسول الله ﷺ جن روزو نه رکن. ان وقت تائين توهان به روزو نه رکو. مريدن لاءِ به اهو ئي ادب آهي ته جيستائين سندن مرشد، سندن نفس ۽ مال ۾ اجازت نه ڏئي، تيستائين اهي پنهنجو کو اختيار نه هلائين. پڻ چيو ويو آهي ته مراد هيءَ آهي ته رسول الله ﷺ جن کان اڳ نه هلو. مريدن جي ادبن مان اهو به آهي ته شيخ جي سامهون انهيءَ وقت تائين زبان نه کولين جيستائين اهو پاڻ ان جي اجازت نه ڏئي. مريدن کي گهُرجي ته مرشد جو جان ۽ دل سان ادب کري. ظاهري ادب جو مطلب هي آهي ته هڪ گهڙيءَ لاءِ به ان سان تکرار ۽ جهڳڙو نه کري، انهيءَ کان (شريعت ۽ طريقت جا) مسئلا پڌي، پر جيکڏهن پائيندو ته اسان جي شيخ مسئلو غلط بيان کيو آهي، يا منهنجو علم سندس علم کان گهٽو آهي ته اها سندس خيانت آهي. ساڳيءَ طرح سندس مجلس ۾ نماز جي وقت کان سواءِ سندس مصلي تي نه ويهي. سندس موجودگيءَ ۾ نفل به نه پڙهي. جيتري قدر ٿي سگهي، سندس حڪم تي عمل کري، سندس مصلي تي پير به نه رکي. سندس ۽ ٻين عارفن جي سامهون چُر پر به نه کري. مشائخن جي چهرن ڏانهن نه نهاري. سندس اجازت کان سواءِ نه ڳالهائي ۽ نه کو اهڙو کم کري، جيکو مرشد کي ڏکيو لڳي. نه ان جي اڳيان نهاري، نه ري ماٺهن ڏانهن ڏسي، نه ته الله جي ذکر کان غافل ٿيندو.

اهو شيخ جو ظاهري احترام ۽ عزت آهي. ان جو باطني احترام هي آهي ته شيخ جي قول، فعل، چرپر، غرض ته کنهن به ڳالهه تي اعتراض نه کري. نه ته گمراه ٿي ويندو. اهڙي شخص کي گهرجي ته پنهنجي شيخ جي عقيدتمنديءَ کان جدائي اختيار نه کري. جنهن جي کري الله جي فضل سان ان جو ظاهر ۽ باطن هڪجهڙو ٿيندو ۽ مرشد جي سامهون مريد جي حالت اها هجي، جيکا کنهن ٻيڙيءَ جي متلاشيءَ جي کناري تي هوندي آهي، تان ته ٻئي پاسي، پار پهچي. شيخ جي سامهون اهڙي قسم جي ڳالهه نه کري ته مون کي منهنجا حق ڏي! مون کي اعليٰ درجن ۽ بلند مقامن تي پهچاءِ. اها مريدن لاءِ گناه واري ڳالهه آهي، چاکاڻ

www.maktabah.org

تہ شيخ، حق تعالي جي اجازت کان سواءِ کجھ نہ ڳالھائيندو آھي. شيخ جو قول ۽ وانگر آھي، جيڪو زمين ۾ ڇڻبو آھي. ۽ج خراب ھوندو آھي تہ نہ ڦٽندو آھي. ڳالھائڻ ۾ خرابي انھيءَ وقت پيدا ٿيندي آھي، جڏھن ان ۾ ھوا يعني نفس پرستي داخل ٿيندي آھي. جيڪڏھن. (مريد جي ڪلام ۾) فساد ھوندو تہ شيخ ان کي پاڪ صاف ڪري، ڪيس الله جي حوالي ڪندو ۽ ان لاءِ دعاءِ خير گھرندو ۽ سندس ڪلام برحق ھوندو. حق لاءِ ۽ حق جي طرفان ٿيندو. ڇاڻڻ گھرجي تہ "ولايت، مطلق" مينھن وانگر ھر عام خاص لاءِ رحمت ھوندي آھي، جيڪا زمين کي سيراب ڪندي آھي، منجھس ساوڪ ڦٽائيندي آھي ۽ ان کي رونق بخشيندي آھي، جنھن جو پاڻي گاڏ ٿي درياءَ ۾ ۽ درياءَ مان سمنڊ ۾ وھندو آھي. پاڻيءَ جا قطرا پنھنجي حقيقت يعني وڏي سمنڊ ۾ پھچندا آھن. ان کان پوءِ بخارن ۽ ٻاڦ جي صورت ۾ ڪڪرن ۾ پھچندا آھن ۽ جتي جتي، الله گھرندو آھي، انھيءَ پاڻيءَ کي وسائي مخلوق لاءِ رحمت بنائيندو آھي.

اي منھنجا عزيز! بارش مريد، درياءَ پير ۽ بحر، ذات (باري تعالي) آھي. اي مريد! مشائخ ۽ مرشد سخي بادشاھ، عالم باعمل ۽ عادل ۽ ڪامل آھن. انھن جي سامھون پنھنجو ڪو مقصد نہ ھوندو آھي، اھي چاھيندا آھن تہ جيئن تہ اھي جھانن وارن لاءِ رحمت ۽ نبين جا وارث آھن، تيئن ھر ھڪ اچي انھن وٽ بيعت ڪري ۽ ڏيان ڏيندا آھن تہ مريد، بيعت جي لائق آھي يا نہ؟ جيڪڏھن بيعت جي لائق ھوندو آھي تہ اُن کي معرفت جي دولت عطا ڪندا آھن ۽ جيڪڏھن مريد، انھيءَ لائق نہ ھوندو آھي تہ فقط اُن کي ولايت جي نسبت لاءِ برحق ڪندا آھن، جيئن نبي ﷺ جن ھر عام، خاص سيني کي دعوت ڏيندا ھئا، تيئن مرشد کي، جيڪو وقت جو امام ۽ زماني جو رھبر آھي، ان کي گھرجي تہ ھرھڪ کان بيعت وٺي تہ جيئن سيڪو "ولايت محمدي" سان منسلڪ ٿئي. جيڪڏھن انھيءَ مريد جي ڪنھن سان نسبت نہ ھجي تہ پوءِ شيخ کي گھرجي تہ ان کان بيعت وٺي. قرآن مجيد ۾ آھي تہ:

www.maktabah.org

وَابْتَغُوٓا إِلَيْهِ الْوَسِيلَةَ[1]

[انهيءَ الله ڏانهن وسيلو تلاش ڪريو.]

جيئن ته مريد پهريائين مرشد جي خدمت ۾ ايندو آهي، سالن جا سال سندس خدمت ۾ چاڪري ڪندو آهي، ڪائيون ڪندو آهي، پاڻي پريندو آهي ۽ خدمت جا ٻيا ڪم ڪندو آهي، تان ته مرشد جي خدمت ڪري، درويشي جي وات تي وڻي ۽ پاڻ کي ائين ڪري ڇڏي، جيئن ڪائيون هوندیون آهن (جيڪي دکندیون ۽ پرندیون رهندیون آهن.) جڏهن، شيخ کيس باطن مان پنهنجو جذبو عطا ڪندو آهي ته انهيءَ وقت مريد فاني في الله ۽ ان کان پوءِ باقي بالله ٿي ويندو آهي. انهيءَ وقت پنهنجيون عادتون ڇڏي، شيخ جي مراد تي هلندو آهي، پنهنجي طرفان ڪو واڌارو نه ڪندو آهي ۽ وَيُسَلِّمُوا تَسْلِيمًا مطابق مڪمل سپردگيءَ جي حالت ۾ هوندو آهي. مشائخ رح فرمائين ٿا ته جنهن ۾ اهي صفتون هجن، ان جي بيعت ڪري، ان کان خلافت ونجي. واضح هجي ته مشائخن جي اهليت باطني استعداد آهي. جيڪا ولايت ڏانهن منسوب آهي، اها ئي حقيقي نسبت حاصل ڪرڻ گهرجي. جڳائي ته مريد (اهي منزلون ماڻي) پير ڪامل ٿئي. پنهنجن افعالن، اقوالن ۽ احوالن ۾ نبيﷺ جن جي مڪمل پيروي ڪري. شريعت کان وار برابر به نه هٽي، ڇاڪاڻ ته جيترو شريعت کان پوئتي هوندو، اوترو حقيقت کان پوئتي ٿيندو. جو چون ٿا ته:

اَلْمَجَازُ قَنْطَرَةُ الْحَقِيْقَةِ وَالْمَجَازُ حَقِيْقَةُ الْعِلْمِ وَمَاهِيَةُ الْعِلْمِ

[مجاز حقيقت جي پُل آهي، مجاز علم جي حقيقت آهي ۽ مجاز علم جي ماهيت آهي.]

پڙ چيو ويو آهي ته: حقيقة المجاز حقيقته، يعني مجاز جي حقيقت به حقيقت آهي.

جيڪڏهن سالڪ غور ڪندو ته کيس معلوم ٿيندو ته زمانو الله ئي ۽ جهان ئي حق آهي. اهو ادب جو مقام آهي. جتي ڪنهن ٻئي ۾ نه،

---

(1) سورة المائدة آيت: ٣٥

www.maktabah.org

پر پاڻ ۾ محو ٿيڻ گهرجي. حق تعالي کان سواءِ ڪنهن کي به نه ڏسي. ڪائنات جي سيني شين کي ڪل سمجهي ۽ يقين ڪري ته الله کان سواءِ ڪا شيءِ موجود نه آهي. جيئن حضرت صديق اڪبر رضي الله عنه فرمائي ٿو ته:

مَا رَأَيْتُ شَيْئًا إِلَّا وَرَأَيْتُ اللهَ قَبْلَهُ (1)

[مون کا به شيءِ نه ڏٺي، مگر ان کان اڳ الله کي ڏٺو.]

پڻ فرمائي ٿو ته مون، جان پاڪ محمد ﷺ جي وسيلي حق کي لڌو. نبي سڳورا فرمائين ٿا ته:

مَنْ رَآنِي فَقَدْ رَأَى الْحَقَّ (2)

[جنهن مون کي خواب ۾ ڏٺو تحقيق انهيءَ مون کي ئي ڏٺو.]

جيڪو شخص چاهي ٿوته پنهنجي محبوب حقيقي ۽ معبود حقيقيءَ کي ڏسي، ان کي گهرجي ته پاڻ کي پنهنجي مرشد جي حوالي ڪري. جڏهن ڪو شخص پنهنجي دل پنهنجي پير جي حوالي ڪندو ته سندس دل، دلدار جي هٿ ۾ اچي ويندي. پوءِ ولي، جيڪو دلبر آهي، سو سندس دل کي جذبي جي ڪيفيت عطا ڪندو. عشق جي حفاظت جي باري ۾ هن طرح آيو آهي:

بُرد دلبر گر دلم چون گوئي اما
اين عجب جذب كرده آورده دل مسلوب ما

[جيڪڏهن چئين ٿو ته منهنجي دل، دلبر کڻي ويو آهي ته هن اها دل، حيرت انگيز جذبي سان کسي ورتي آهي.]

۽ فرمايو اٿن ته:

---

(1) هن قول جو حوالو نٿو ملي.

(2) حديث جا صحيح الفاظ هي آهن ته: عن ابي هريرة قال قال رسول الله ﷺ من رآني في المنام فقد راي الحق. (ابن حبان ص ٤١٦- ٤١٧ ج ١٣، كتاب الام للشافعي ص ٣٧، المعجم الكبير حديث نمبر: ١٢٤٠٣ ج ١٢، احمد ص ٤٢٥ ج ٢، فتح الباري ص ٣٨٦ ج ١٢ مسلم عن جابر).

www.maktabah.org

اَلطُّرُقُ اِلَى اللهِ بِعَدَدِ اَنْفَاسِ الْمَخْلُوْقَاتِ

[الله تعالي ڏانهن ويندڙ رستا، مخلوق جي نفسن جي تعداد جي مناسبت سان آهن.]

اهڙي قسم جا ماڻهو سواءِ شيخ جي رهبري جي ڪٿي ٿا ايترو ڏگهو ۽ ڏکيو رستو طي ڪري سگهن.

بيت

هر گياه که از زمين رُويد ـ وحده لا شريک له گويد

[زمين مان جيڪو به گاه ڦٽي ٿو وحده لا شريک له جي وائي ٻولي ٿو.]

هتي "زمين مان مراد قلب ۽ "گاه" مان مراد ساه آهي. جيئن ته الله تعالي ڏانهن ويندڙ رستا ساهن پساهن جي عددن جي حساب سان آهن، تنهن ڪري جيڪو ساه اندر اچي، وڃي ۽ ٻاهر نڪري ٿو. انهيءَ لحاظ سان دل تي وحدانيت مطلق جو اثر ٿئي ٿو. هيءُ سخن به راه حق جي گهٽين معنائن ڏانهن اشارو ڪري ٿو ته "راه صمديت باري تعالي، شريعت جي پيرويءَ کان سواءِ نه آهي." اهو به ڄاڻڻ گهرجي ته:

اَقْرَبُ الطَّرِيْقِ اِلَى اللهِ ذِكْرُ اللهِ

[الله ڏانهن سڀ کان ويجهو طريقو الله جو ذڪر ۽ سنڊس محبت آهي.]

سالڪ جيڪو مبتدي يعني شروعاتي حالت ۾ هوندو آهي، ان کي پير جي صورت ڏسڻ سان مدعا ۽ مقصد حاصل ٿي ويندو آهي. ڇاڪاڻ ته "عالم الوهيت" معنائن جو جهان آهي، جنهن کي صاحب ڪمال جي صورت کان سواءِ ڏسڻ ممڪن نه آهي، جو سنڊس ذات، ذات حق آهي. هڪ عارف چوي ٿو:

بيت

اولياءَ و انبياءَ را حق بدان — سر مخفي کردم با تو عيان

[اوليائن ۽ نبين کي حق ڄاڻ، لڪل راز توتي ظاهر ڪيو اٿم.]

اسان جو پير دستگير (حضرت مخدوم نوح رح) اسان کي حڪم ڪندو هو ته پير کي ياد ڪرڻ سان گڏو گڏ ڏاڏيان ان جو نالو به ونندا رهو (جيئن ڪي مريد وڏي واڪي نعرا هٽندا آهن ته "حق فلاڻا پير") پير جي

www.maktabah.org

صورت ايتري قدر آڏو رکجي جو فرضي ۽ نفلي نماز کان سواءِ ٻي کا شيءِ ان کان وڌيڪ پياري نہ هجي. مگر ان جو اصل مقصد آهي، الله جو وصال، ڇاکاڻ تہ پير مرشد سدائين الله جي ذکر ۾ مشغول رهندو آهي. پوءِ جيڪڏهن مريد ان جي ياد ۾ مشغول رهندو تہ اهو ان کي ڏٺي سگهوري جي در تائين رسائيندو. مرشد، جي قلب جو نور ۽ روشني مريد جي دل کي ۽ روشن ڪندي آهي، جنهن جي ڪري اهو نفس جي آلودگين ۽ ناپاڪين کان پاڪ صاف ٿي، حق تعالىٰ جو وصال حاصل ڪندو آهي. پڙ مرشد تي جيڪو ذوق ۽ حال وارد ٿيندو آهي، مريد ۾ اهو ئي پيدا ٿيندو آهي، جيئن نبي ڪريم ﷺ جن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي باري ۾ فرمايو تہ "الله تعالىٰ منهنجي سيني ۾ جيڪا ۽ شيءِ وڌي، سا مون صديق اڪبر جي سيني ۾ وجهي ڇڏي آهي." [1] صديق اڪبر رضي الله عنه جو قول ۽ گذريو تہ مون پاڪ محمد ﷺ جي طفيل حق کي لڌو.

هڪ مريد جو قول جو قول آهي تہ اسان جي شيخ جو واسطو اسان تي ائين غالب آهي، جيئن نئون چند ظاهر ٿيندو آهي يا جيئن سج اپرندو آهي. پنهنجي حضرت پير جو خيال ڪندو آهيان تہ گهر، ديوار، غرض جنهن ۽ شيءِ ۽ جنهن ۽ طرف نهارينڊو آهيان، هر هنڌ حضرت صاحب جو جمال باڪمال نظر اچي ٿو.

اي منهنجا عزيز! جڏهن مريد پنهنجي ذات کي پير جي ذات ۾ گم ڪندو آهي ۽ هر هڪ شيءِ ۾ پير جو جلوو ڏسندو آهي تہ انهيءَ حالت کي "رظيفه ذات" چوندا آهن. هڪ پير، دستگير کان ڪنهن مريد پڇيو تہ جڏهن توهان پنهنجي پير ۽ مرشد وٽ پهچندا آهيو تہ توهان کي ڇا چوندو آهي؟ انهيءَ جواب ڏنو تہ فرمائيندو آهي تہ "الله کي ياد ڪريو." وري پڇيائين تہ سندس انهيءَ قول سان توهان جي دل ۾ ڪهڙي ڪيفيت پيدا ٿيندي آهي؟ چيائين تہ چڱ پاڻ فرمائيندو آهي تہ توهان جي

---

(1) هن حديث جا مي لفظ نقل ڪيا وڃن ٿا: ما صب الله في صدري شيئا الاصببته في صدر ابي بكر (كشف الخفاء ص ٥٦٥ ج ٢) حديث موضوع آهي. انهيءَ ۽ اهڙين ٻين حديثن جي تحقيق لاءِ ڏسو: (النقد المنقول ص ١٠٤ ج ١، المنار المنيف ١١٥ ج ١).

www.maktabah.org

گهرن تائين لکن جي آبادي ۽ وارو شهر آهي، بس! انهن سپني کي وساري رڳو اسان کي ياد ڪريو. پر جڏهن الله تعالي کي ياد ڪريو ته انهيءَ وقت اسان کي به وساري ڇڏيو. انهيءَ وقت فقط الله کي ياد ڪريو. ڇاڪاڻ ته ذات حق کان سواءِ ڪنهن جي ذات ۾ صفات جو وجود نه آهي. جيئن چيو ويو آهي ته:

لَاصِفَاتَ وَلَاذَاتَ اِلَّاذَاتَ اللهِ

[الله جي ذات پاڪ کان سواءِ، ڪنهن جي به صفت ۾ ڪنهن جي به ذات نه آهي.]

مريد کي گهرجي ته پنهنجي اندر جي بصيرت کي هدايت ۾ معرفت جي سج سان روشن ڪري ۽ پنهنجو نقصان نه ڪري ۽ ڪمال طلب ڪرڻ لاءِ ذوق شوق جي باه کي وڌائي. هر قسم جو قرار ۽ آرام پاڻ تي حرام ڪري ڇڏي، تان ته مراد ماڻي. حياتيءَ جو مقصد ۽ مراد الله تعالي جي رضا کان سواءِ ڪجهه به نه هجي. ڇاڪاڻ ته عقيدتمندن ۽ ارادتمندن لاءِ ٻنهي جهانن ۾ الله تعالي جي رضامندي کان سواءِ ٻيو ڪو مقصد نه هوندو آهي. انهيءَ مقصد جي طلب کان هڪ گهڙيءَ لاءِ به غافل نه رهجي. نه ته سندس ارادتمندي، سندس ۽ پير مرشد لاءِ عار ٿي ويندي. شيخ عبدالله خفيف فرمائي ٿو ته انهيءَ مراد کي طلب ڪرڻ، انهيءَ لاءِ مسلسل ڪوشش ڪرڻ ۽ غير کي ڇڏي ڏيڻ جو نالو "ارادت" آهي. شيخ ابوعثمان حريري فرمائي ٿو ته مريد اهو آهي، جنهن جي دل الله جي طلب کان سواءِ هر شيءِ لاءِ مري چڪي هجي، فقط الله جو وصال ۽ قربت چاهيندو هجي ۽ اهو ئي شوق رکي، تانجو انهيءَ شوق جي شدت جي ڪري سندس دل مان دنيا جون سڀ خواهشون ختم ٿي وڃن. پڙ چوي ٿو ته، مريدن جي دل جي عاقبت يعني آخري مقصد اهو هئڻ گهرجي ته معاملن ۽ مقامن جي حقيقت حاصل ڪرڻ کان انهن تي پردا چڙهيل هجن، يعني ائين نه هجي جو الله کي وساري پنهنجي دل تي غفلت جا پردا چاڙهي ڇڏي. وليءَ کي "مجذوب سالڪ" چوندا آهن.

"ڪشف الحقائق" ۾ آهي ته هڪ طالب تنهائيءَ ۾ مراقبو، چلو ڪشي ۽ آه زاري ڪندو هو. تانجو مجاهدن ۽ رياضتن جي ڪثرت جي

www.maktabah.org

ڪري ڳري ڪنڌا ٿي ويو هو. انهيءَ راه ۾ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيو هئائين، رت ۾ پگهر سڪائي ڇڏيو هئائين، تڏهن بہ ويچارو گمراه، حيران ۽ پريشان رهندو هو سواءِ نفس پرستي، خودپسندي جي ڪجهہ حاصل نہ ٿيس. اسرارن ۾ رموزن جي راه کان واقف هڪ شخص سندس احوال کان واقف ٿي ويو. چيائينس تہ اي گمراه شخص! جيستائين ڪنهن ولي الله ۾ صاحب نظر جي خدمت ۾ پيروي نہ ڪندين، تيستائين الله تعالي تائين پهچي نہ سگهندين ۽ تنهنجو هي خرقو هيءَ تسبيح، اها اطاعت، روزو، حج، زاهدي، تقوي توکي ڪو فائدو نہ ڏيندي. اها سعادت، اهو مقام ۽ اها باطني ۽ ظاهري نعمت تہ انهيءَ کي حاصل ٿيندي آهي، جيڪو پنهنجي پير، دستگير جي خدمت ڪندو آهي ۽ ان کان فيض پرائيندو آهي:

بيت

۱-باش از دل در پئي يک مرد حق
تا ز دولت او شوي خود فرد حق
۲- اقتدا کن مقتدائ را از جان
تا تو گردي مقتدا اندر جهان
۳- گر مريدي پير از دل جان شوي
زود باشد هم تو از ايشان شوي
۴- مست شدي، مرشد باشي اگر
مي شوي خود مرشد روز دگر
۵- گر کني پيوند با واصل خدا
مي تواني شد از غير حق جدا
٦- کيميا سان اين ارادت پيروان
خدمت ايشان دولت اکسير دان
۷- هر که در ره خلمت مردان دين مي شود
زوخويشتن برهان دين وآنگه ورزد
۸- خدمت واخلاص شان مي رسد
با مطلب خود بي گمان مي رسد

www.maktabah.org

٩- بي شبه با محبوب خويش
و هر كه بسازد پير خود مطلوب خويش
١٠- معرفت حق را بفضل خدا
علت ديگر اي مردا كُن پيدا
١١- دستگيري مر ترا گر سير كرد
آن همه از الطاف حق پديد شمرد
١٢- زانكه آن مردان دين واصل حقند
مقيد و در محو مطلقند
١٣- قول و فعل ايشان همه از حق بود
هم سكون و حركت از مطلق بود

١- ڪنهن مرد حق جي دل، جان سان پيروي ڪر تہ جيئن انهيءَ جي دولت سان، پاڻ فرد حق ٿي وڃين.

٢- پنهنجي مرشد جي دل سان پيروي ڪر، تہ جيئن دنيا ۾ پاڻ مرشد ٿي وڃين.

٣- جيڪڏهن دل جان سان ڪنهن پير جو مرد ٿيندين تہ پوءِ سگهوئي ان وانگر ٿيندين.

۴- جيڪڏهن ڪنهن مرشد جي راه تي هلندين تہ ٻئي ڏينهن تون پاڻ مرشد ٿي ويندين.

۵- جيڪڏهن تون واصل خدا شخص سان، وابسته ٿئين تہ ممڪن آهي تہ تون غير الله كان جدا ٿي وڃين.

٦- مريدن جي لاءِ ارادتمندي نسخه ڪيميا آهي، ان كي اكسير سمجهه.

٧- جيڪو ديندار جماعت جي ماڻهن جي خدمت ڪندو. اهو پاڻ زماني ۾ دين جو برهان ۽ دليل ٿي ويندو.

٨- انهن سان اخلاص رکڻ ۽ سندن خدمت ڪرڻ سبب پنهنجي مطلب، پنهنجي مقصد ۽ پنهنجي منزل تي رسي ويندو.

٩- بيشڪ جيڪو شخص پنهنجي پير ۽ مرشد تائين پهتو،

www.maktabah.org

انهيءَ پنهنجي محبوب ۽ پنهنجي مطلوب کي پاتو.

۱۰- اي مردا معرفت خدا، الله جي فضل ۽ پير جي رهبريءَ کان سواءِ حاصل نٿي ٿئي، اهي ٻئي سبب پنهنجي اندر پيدا ڪر.

۱۱- جيڪڏهن مرشد ۽ دستگير توکي فيض ۽ فائدو رسائي ته اها سڀ الله جي مهرباني سمجهه.

۱۲- چاڪاڻ ته اهي دين جا مرد آهن، جن کي حق جو وصال حاصل آهي. مقيد به رهن ٿا ته مطلق ٻا

۱۳- سنڊن قول ۽ فعل سڀ حق جي طرفان آهي. انهن جي ڇُڙ پُرهجي يا سکون، سڀ مطلق الله جي طرفان آهي.

نيڪ مرد اُهي آهن، جن کي تون ڏسندين ته هڪ گهڙيءَ لاءِ به هرگز الله کان جدا ۽ غافل نٿا رهن. جنهن انهن کي لڌو تنهن حق کي لڌو ۽ جنهن انهن کي سڃاتو تنهن حق کي سڃاتو. ڪهڙو نه الله جو فضل انهن تي ٿيو، جو ان جي باوجود اهو سنڊن تڻ ۽ جان ٿيو.

خواجه عبدالله احرار فرمائي ٿو ته اهو الله جو ڪيڏو عظيم احسان آهي، جو انهن کي پنهنجو "دوست" قرار ڏئي ٿو ۽ کين اهو مرتبو بخشي ٿو ته جيڪو وليءَ کي سڃاڻي ٿو، اهو الله کي سڃاڻي ٿو ۽ جيڪو وليءَ تي دست درازي ڪري ٿو تون به مٿس دست درازي ڪر. حديث قدسيءَ ۾ آهي، الله تعالي فرمائي ٿو:

مَنْ عَادٰى لِيْ وَلِيًّا فَقَدْ آذَنْتُهُ بِالْحَرْبِ (1)

[جنهن منهنجي ڪنهن وليءَ سان دشمني رکي ته بيشڪ مون ان جي خلاف جنگ جو اعلان ڪيو.]

اي منهنجا عزيزا مشائخ، اولياءَ ۽ فقراءَ الله جا خاص چونڊيل ٻانها آهن. اهي ئي هن دنيا جي پيدائش جو اصل مقصد آهن ۽ انهن تي ئي دنيا ۽ دنيا وارن جو دارومدار آهي، چاڪاڻ ته فرمايو ويو آهي ته "جيڪڏهن صالح نه

(1) قرطبي، ص ۱۳۵، ج ٦ ابن ڪثير ص ۱۳۳ ج ۱، بخاري حديث: ٦۱۳۷، بيهقي ص ۳۴٦ ج ۱، جامع العلوم والحڪم ص ۳۵۷ ج ۱، الزهد الڪبير ص ۹۴ ج ۱.

www.maktabah.org

هجن ها ته غير صالح هلاڪ ٿي وڃن ها." قرآن ۽ حديث کان پوءِ سڀ کان سٺيون ڳالهيون انهن جون آهن، جيڪو انهن جي ذڪر ۾ مشغول آهي، اهو گويا الله ۽ رسول الله ﷺ جي ذڪر ۾ مشغول آهي. شيخ علي ابنويه چوي ٿو ته جڏهن بزرگن جون ڳالهيون ٻڌين، جيتوڻيڪ انهن جي معنيٰ نه ڄاڻين، تڏهن به پنهنجو مٿو لوڏيندو رهه ته جيئن سياڻي قيامت جي ڏينهن چئي سگهين ته آءٌ به انهن ماڻهن مان آهيان، جيڪي شيخ جي ڳالهين تي ڪنڌ ڏوڙي، هاڪار ڪندا هئا ته تون حق تي آهين. ان مان توکي پلائي نصيب ٿيندي. قيامت جي ڏينهن الله تعالي توکان پڇندو ته منهنجي فلاڻي داناءَ، عارف، صوفيءَ کي ڄاڻين ٿو، جيڪو فلاڻي محلي ۾ رهندو هو؟ ٻانهو چوندو ته هائو! ڪيس ڄاڻان ٿو. حڪم ٿيندو ته وڃ! مون توکي سندس نسبت جي ڪري بخشي ڇڏيو. معلوم ٿيو ته حق جي دوستن کي سڃاڻڻ به ڪاميابيءَ جو ڪارڻ آهي. پر جيڪو شخص الله جي دوستن جو حق سڃاڻي، انهن جي خدمت ڪري، احسان ۽ نيڪي سان انهن جي پيروي ڪري ته پوءِ ان جي خوشبختيءَ ۽ سعادتمنديءَ جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟

نقل ۱- ڪنهن، حجاج بن يوسف کي خواب ۾ ڏٺو. ان کان پڇيائين ته تنهنجو ڪهڙو حال ٿيو؟ چيائين ته حالت ڏاڍي خراب آهي، مگر هڪ پيري خواجه حسن بصريءَ جي محفل ۾ موجود هيم، تنهن ڪري اميد اٿم ته ان جي ڪري مون کي نجات ملي ويندي.

نقل ۲- شيخ بهاؤالدين جي مريدن مان ڪنهن کي فرشتن عذاب ڏيڻ جو ارادو ڪيو. الله رب العالمين فرمايو ته اسين نٿا گهرون ته انهيءَ شخص کي عذاب ڏجي، جيڪو بهاؤالدين جو حمايتي آهي.

نقل ۳- شيخ جلال الدين محمد تبريزيءَ جو هڪ مريد گذاري ويو. عذاب ڏيندڙ فرشتا آيا ته شيخ سندن آڏو آيو ۽ انهن کي عذاب ڏيڻ کان منع ڪيائين. فرشتن بارگاه رب العزة ۾ وڃي عرض ڪيو ته تنهنجو حڪم آهي ته ان کي عذاب ڏيون ۽ شيخ ان کان منع ٿو ڪري. شيخ عرض ڪيو ته خدايا! تنهنجو هي ٻانهو اسان جو مريد آهي، جيڪو سمجهندو هو ته دنيا ۽ آخرت ۾ منهنجو مرشد منهنجي دستگيري ڪندو

www.maktabah.org

۽ مشڪل جي هر وقت ۾ اسان جي مدد ڪندو. هاڻي تون وڌيڪ ڄاڻين ٿو تہ اڄ ڪان وڌيڪ ڏکيو وقت ڪهڙو هوندو. الله تعالي فرمايو تہ اي فرشتؤ! مون پنهنجي ٻانهي کي بخشي ڇڏيو. ڪيس ڇڏي ڏيو. ابوالعباس عطار چوي ٿو تہ جيڪو حق جو دوست آهي، ان جي هٿ ۾ پنهنجو هٿ ڏي، ڇاڪاڻ تہ دوست تي حق آهي تہ دوستن جي دوستن جي بہ مدد ڪري.

هڪ حديث ۾ آهي تہ:

قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَا ابْنَ مَسْعُوْدٍ اَتَدْرِيْ اَيُّ عُرَى الْاِسْلَامِ اَوْثَقُ؟ قَالَ قُلْتُ اَللهُ وَرَسُوْلُهُ اَعْلَمُ فَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اَلْوِلَايَةُ فِي اللهِ وَالْحُبُّ فِيْهِ وَالْبُغْضُ فِيْهِ (1)

[اي ابن مسعود! ڇا توکي خبر آهي تہ اسلام جو سڀ کان مضبوط ڪُنڊو ڪهڙو آهي؟ چيائين تہ الله ۽ ان جو رسول وڌيڪ ڄاڻي ٿو. فرمايائون تہ الله کارڙ دوستي رکڻ، الله لاءِ دشمني ڪرڻ ۽ الله لاءِ محبت ڪرڻ.]

فضيل بن عياض فرمائي ٿو تہ سياڻي الله تعالي ٻانهي کان پڇندو تہ اي منهنجا ٻانها! دين کان تنهنجي بي رغبتي، تنهنجي سستي يا تنهنجي دنيا طلبي ۽ تنهنجو مون کان ڪتجڻ، در اصل تنهنجو پنهنجي نفس لاءِ عزت تلاش ڪرڻ آهي، پوءِ ڇا تو منهنجي لاءِ منهنجي ڪنهن دشمن سان دشمني ۽ ڪنهن ولي ۽ سان دوستي ڪئي؟ محقق چون ٿا تہ "الشيخ" ۾ پنج حرف آهن: ١- "الف" مان مراد آهي تہ مخلوق جي دلين کي حق جي اطاعت وسيلي جوڙي ٢- "لام" مان مراد آهي تہ خدا جي مخلوق مان ڪنهن تي بہ ملامت نہ ڪري ٣- "شين" مان مراد آهي تہ جنهن جي نصيحت، دعوت، علم حلم، عمل ماڻهن ۾ پکڙيل هجي. ۴- "ي" مان مراد آهي تہ سندس دل خدا تعالي کان سواءِ ٻئي ڪنهن ۾ يقين نہ رکي ۵- "خ" مان مراد آهي تہ سندس دل خدا تعالي جي محبت کان سواءِ دنيا جي هر شيءِ کان خالي هجي.

---

(1) معجم الاوسط ص ٣٧٦ ج ۴، مصنف ابن ابي شيبه ص ١٧٢ ج ٦، مسند الروياني ص ٢٧١ ج ١، جامع العلوم والحكم ص ٣۴ج١.

www.maktabah.org

خلافت جا شرط ۽ آداب

اجتماع، خلافت نامه، تبرڪات ۽ مصلي وغيره جي باري ۾ جيڪي ڪجهه ذڪر ٿيو، اهي سڀ ڳالهيون خلافت لاءِ شرط آهن. جيڪو شخص شيخ کان خلافت ونڻي، تنهن لاءِ شرط آهي ته مٿيون شيون حاصل ڪري. جيئن سيني طريقن مطابق سندس خلافت جائز ٿئي. جيڪڏهن شيخ خلافت ڪنهن نااهل کي ڏيندو ته ظلم ڪندو. چاڪاڻ ته:

اَلظُّلْمُ وَضْعُ الشَّيْءِ فِيْ غَيْرِ مَوْضِعِهٖ

[ظلم جي معنيٰ آهي، ڪنهن شيءِ کي بي جاءِ تي رکڻ.]

هڪ قوم جو امام، خلافت جو صاحب هڪ بزرگ مري ويو. پنهنجي پويان اولاد ڇڏي ويو. پر انهن مان ڪو سندس جانشين ۽ وارث ٿيڻ جو اهل نه هو. جو ڪيس پيئ جي خلافت عطا ٿئي ها. آخرڪار شهر جا اڪابر گڏ ٿيا ۽ شيخ جي هڪ پٽ کي خلافت جي مسند تي ويهاريائون. ڪيس چوغو، جبو ۽ پڳڙي پارايائون. ان کي سندس مال، گهر، جائداد جو وارث ڪيائون. پر اهو ان جو حقيقي وارث نه هو. چاڪاڻ ته حقيقي وارث تڏهن ٿئي ها، جڏهن ان جو پيءُ اُن ڏانهن ولايت جي نسبت ڪري وڃي ها. علم ۽ معرفت جو خزانو ان جي دل ۾ رکي وڃي ها ۽ فيض ۽ ڪرامت جو دروازو کولڻ کان بعد، ان کي خلافت بخشي ها. اهڙيءَ طرح ڪنهن جي لاءِ به جائز نه آهي ته جنهن کي چاهي، خلافت عطا ڪري ۽ ان لاءِ بيعت ونڻي، چاڪاڻ ته ان سان ان جي ڪنهن عمل جو اثر نه ٿيندو ۽ آخرڪار ان جي عاقبت دنيا طلبي آهي، باطني معرفت نه آهي.

هڪ شخص هن فقير جي پير دستگير جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. (جنهن جو نالو دادو هو. ان جا دوست ان کي "دادو مدارسي" ڪوٺيندا هئا. چاڪاڻ ته اڪثر نماز باجماعت پڙهي، ڇيٽا گڏ ڪري رستن ۽ بازارن ۾ ٻاهه ٻاري ويهندو هو.) سندس پير صاحب، مريد ڏانهن نهاري وري اوپر طرف نگاه ڪئي. مريد انهيءَ گهڙيءَ اوپر روانو ٿي ويو. پوءِ فجر پڙهيائين، سج مٿي چڙهي آيو ته نفل ۽ اشراق ادا ڪري هليو ويو. جنهن جاءِ تي اڳئين نماز پڙهندو هو، جيڪڏهن اتي زنده دل ۽ زنده تن درويش لينڊو هو ته ان

www.maktabah.org

جي زيارت جو شرف حاصل ڪندو هو نہ تہ وڃي بزرگ جي مقبري جي زيارت ڪندو هو ۽ رات اتي گذاريندو هو. انهيءَ شهر ۾ هڪ سال تائين اوپر پاسي وڃي، پوءِ شهر ايندو هو. اتي شاه عبدالوهاب نالي هڪ درويش رهندو هو. پهريائين تہ هر شريف ۽ غير شريف کي اتي گهٽو احتياط ڪرڻو پوندو هو. چاڪاڻ تہ ڪنهن شاه ۽ گدا کي پنهنجي اڳيان اچڻ نہ ڏيندو هو ۽ هميشه خدا تعالي جي ياد ۾ مشغول رهي. ڪمال حاصل ڪندو هو. جڏهن اسان جي مرشد جو مريد، انهيءَ شهر جي مسجد ۾ آيو. درويش ان سان ملاقات ۽ صحبت ڪئي. ماڻهو تعجب ۽ حيرت ۾ پئجي ويا. ان جي مهمانداريءَ جو اهتمام ڪيائون. جڏهن اشراق پڙهي ارادو ڪيائين تہ معمول مطابق اوپر پاسي روانو ٿئي تہ انهيءَ درويش اجازت نہ ڏنس ۽ چيائينس تہ آءٌ پنهنجي وقت جي اوتادن مان آهيان. آءٌ ۽ پنج اوتاد ۽ انهن جا مريد سڀ تنهنجي مرشد جا مريد آهيون. انهيءَ توکي مون ڏانهن موڪليو آهي. ڪجهہ ساعتون هتي رهہ تہ صحبت ڪريون. پوءِ انهن پنجن اوتادن جا نالا هن طرح بيان ڪيائين:

۱- آءٌ فقير عبدالوهاب آهيان. ۲- اُتر پاسي، عبدالغفور ۳- ڏکڻ پاسي، عبدالغياث ۴- اولهہ پاسي، عبدالستار ۵- زمين جي قلب يعني مڪه معظمه جي درميان عبدالرحمن آهي. مٿيون درويش دادو چوي ٿو تہ هڪ سال پورو شاه عبدالوهاب جي خدمت ۾ گذاريم. هڪ ڏينهن مون کي چيائين تہ اي فلاڻا! هن رات اسان جو ۽ توهان جو پير دستگير، هن فاني جهان مان رحلت ڪندو ۽ وصل الحبيب الي الحبيب يعني حبيب، پنهنجي حبيب سان وصال ڪندو. انهيءَ فقير ۽ عبدالستار کي پڻ پنهنجي رفاقت ۾ وٺي ويندو هيءُ فقير هن رات هن دار فانيءَ مان جيڪو مؤمنن جي لاءِ قيد خاني جي حيثيت رکي ٿو لاڏاڻو ڪري ٻئي جهان ۾ پهچندو. جڏهن صبح جي نماز جو وقت ٿيو تہ خبردار ڪيائين تہ فلاڻا! خبردار ٿيءُ رحلت جو وقت اچي ويو آهي ۽ وصيت ڪيائين تہ منهنجو ڪفن ۽ منهنجو غسل بہ تون ڏيندين ۽ مون کي هن حجري ۾ دفن ڪجانءِ. ائين چئي، پنهنجو هٿ پنهنجي ڇڇيءَ ڏانهن وڌايائين ۽ ولايت جي جيڪا امانت، حق جي طرفان ان کي ملي هئي، سا منهنجي حوالي ڪري، جان خالق اڪبر جي حوالي ڪيائين. هيءُ فقير

www.maktabah.org

(دادو) اٽيو ۽ ماٺهن کي اٽاري، هن واقعي کان خبردار ڪيائين. ڪيس غسل ۽ ڪفن ڏيئي، سندس جنازو پڙهيوسون. ڪيس انهيءَ حجري ۾ جتي عبادت ۾ مشغول رهندو هو دفن ڪيون سون. ۽ چار ڏينهن اتي رهيس، پوءِ پنهنجي پير ۽ مرشد جي وطن ڏانهن روانو ٿي ويس. نئين جانشين ۽ سندن اولاد جي زيارت ڪيم ۽ فاتحه پڙهيم ۽ پنهنجي باقي عمر ولايت جي مجاوريءَ ۾ گذاريم ۽ درگاه وارن جي خدمت ڪندو رهيس. پنهنجي دستگير کي ياد ڪندو رهيم. پاڻ پنهنجي ڪامل ولايت جي سبب منهنجي اکين جي آڏو اچي ويندا هئا ۽ جنهن به شيءِ جي حاجت هوندي هئي، انهيءَ جي باري ۾ رهبري، دستگيري ۽ مدد ڪندا هئا. جنهن جي ڪري مرشد ڪامل جو اخلاص ۽ اعتماد دل ۾ ويتر مضبوط ٿي ويو ۽ ڪنهن به قسم جو رخنو واقع نه ٿيو. مريد جو پير سان واسطو ۽ رابطو اهڙو ئي مضبوط هئڻ گهرجي جو جڏهن به مرشدکي ياد ڪري ته پنهنجي باطني سعادت ۽ قلبي نور جي ڪري، پنهنجي مرشد کي سامهون لهي ۽ جيڪا به ڪيس ضرورت هجي سا پوري ٿئي ۽ ڪيس تسلي ٿيندي رهي.

نقل آهي ته هڪ پير پنهنجي مريد کي چيو ته فلاڻي ملڪ ۾ هڪ سوداگر آهي، جنهن جي ذمي پنج سؤ سونيون اشرفيون منهنجي نذر جون واجب آهن. ويجي ان کان اهي وٺي اچ. ٻن ٽن مهينن جي مسافري ڪري، مريد انهيءَ سوداگر وٽ پهتو. جنهن ڪيس اشرفيون ڳڻي ڏنيون. اهي کڻي پنهنجي منزل ڏانهن روانو ٿيو. انهيءَ يا ڪنهن ٻئي شهر ۾ اوچتو هڪ محل تي نگاه پيس. انهيءَ محل جي ماڙيءَ ۾ روشن چنڊ نظر آيس، دل ۽ جان سان ان جي مٿان فدا ٿي پيو. ڪي گهڙيون انهيءَ دريءَ جي سامهون بيهي رهيو. اُتان کو به شخص ڪنهن به صورت ۾ ظاهر نه ٿيو. اوچتو انهيءَ چنڊ جهڙي نوراني شخص پنهنجي خادم کي چيو ته هن مسافر وٽ ويجي، ڪيس چؤ ته هتي ڇاجي لاءِ بيٺو آهين؟ جڏهن ان کي اهو پيغام مليو ته ان جواب ڏنو ته مون هن دريءَ مان هڪ ڪمال ۽ جمال جي صاحب جي نوراني صورت ڏٺي آهي، هاڻيءَ اسان جي وجود جي ٻيڙي انهيءَ مرڪز تي ائين ٽڪي پئي آهي، جو هاڻي قدمن ۾ اڇتي وڌڻ جي

www.maktabah.org

همت نہ آهي. جيڪڏهن تو وٽ هزار سونا دينار آهن تہ ڏي، تنهنجي ساڻس ملاقات ڪرايان ٿو. مريد پنهنجي دامن مان هزار دينار چوڑي ان جي دامن ۾ ڌڏا. خادم ڪيس چنڊ جهڙي معشوق وٽ وڃي ويو. جڏهن پنهنجي اکين سان سامهون ڏٺائينس تہ ان جي حسن، جمال تي فدا ٿي، اُتي جو اُتي بيهوش ٿي ڪري پيو. ڪجهہ گهڙين کان پوءِ هوش آيس تہ ان کي چوڻ لڳو تہ منهنجي ويجهو ٿيءُ. جڏهن پاڻ ۾ ويجها وينا تہ انهن چاهيو تہ گستاخي يعني عشق ۽ مستيءَ جون ڳالهيون ڪن. هڪدم انهيءَ مسافر مريد جي پير جو هٿ، پنهي جي وچ ۾ اڇي ويو. ٻئي جڳا ڏڃي ويا ۽ پنهنجا هٿ هڪ ٻئي کان پري ڪيائون. مريد توبه تائب ٿيو. جڏهن مسافر مريد جي، معشوق کي خبر پئي تہ هي تہ ڪنهن بزرگ جو مريد آهي تہ ورتل دولت ان کي واپس ڪيائين ۽ ان کي رخصت ڪري ڇڏيائين. اهڙيءَ طرح هڪ عاشق مريد، پنهنجي پير جي بروقت مدد پهچڻ سبب هلاڪت کان بچي ويو. پوءِ هو پنهنجي منزل مقصود تي پهتو ۽ امانت مرشد جي حوالي ڪيائين.

اسان جي مرشد جي هڪ مريد، مون کي ٻڌايو تہ اهو ڪنهن عورت جي عشق ۾ قاتل هو. هڪ مدت تائين اهو عشق هلندو رهيو. هڪ ڏينهن هڪ هنڌ ڪنا ٽياسون. برائيءَ جو ارادو ڪيوسون. نفسانيت چڪ ڏني، مون ان عورت کي ياڪر پاتو. اوچتو چا تو ڏسان تہ هڪ هٿ اسان پنهي جي وچ ۾ رڪاوٽ ٿئي ٿو. جنهن اسان کي انهيءَ گناه جي ڪم کان منع ڪئي. مون حضرت صاحب جن ڏانهن ڏيان ڪري سچي توبه ڪئي ۽ وري ڪڏهن بہ ان ڏانهن فاسقانه انداز ۾ نہ نهاريم.

هن فقير جي حضرت پير دستگير جي هڪ مريد مون کي ٻڌايو تہ هڪ پيري حضرت شيخ ڪلان رح اسان جي پير کي چيو تہ توهان جا مريد گهٽو ڪائين ٿا، گهٽو سمهن ٿا، گهٽو ڪلن ٿا، گهٽو ڳالهائين ٿا ۽ فضول ڳالهيون ڪن ٿا. اسان جي حضرت صاحب جن فرمايو تہ الله تعالي هن فقير جا سڀ اقوال، افعال، اطوار، معاف فرمائي ڇڏيا آهن. پوءِ فرمايائون تہ منهنجا اڪثر مريد دنيادار آهن.

www.maktabah.org

منهنجي شيخ جي مريدن مان هڪ شخص گهٽو متقي ۽ پرهيزگار هو. انهيءَ ذڪر ڪيل شيخ جي مريدن جي هڪ جماعت کي ڏٺو جن جا لڇڻ بظاهر ڪيس پسند نه آيا ۽ پنهنجي حضرت پير دستگير جي خدمت ۾ عرض ڪيائين ته انهيءَ شيخ جو ظاهر ۽ باطن رسول الله ﷺ جن جي شريعت مطابق آهي. پوءِ ڪهڙو سبب آهي جو سندس ڪن مريدن جون عادتون شريعت جي خلاف آهن؟ جڏهن ننڍ ڪيائين ته خواب ۾ ڏٺائين ته حضرت صاحب جن فرمائي رهيا آهن ته فلاڻي شخص پنهنجي زندگيءَ ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جون سڀ سنتون، هن فقير کان سکيون. قيامت جي ڏينهن جڏهن پاڻ سڳورا پنهنجي امت جي گنهگارن جي شفاعت فرمائيندا ته ان وقت اهي سنتون به انشاءَ الله هن فقير جي طرفان پيش ٿيندیون ۽ جيڪي مريد خطاڪار آهن، پاڻ سڳورا انهن جي به شفاعت فرمائيندا.

ظاهري ۽ باطني عقيدت

مريد جي ظاهري ۽ معنوي عقيدت ۽ بيعت ڪهڙي طريقي سان هئڻ گهرجي؟ ارادت ۽ بيعت ڪيئن حاصل ڪجي؟ ڪهڙي شيءِ تي قول اقرار ونجي ۽ ڪهڙي نسبت ونجي؟ ڇاڻڻ گهرجي ته ان جا مختلف قسم آهن، جن کي هتي بيان ڪجي ٿو. سڀ کان پهريائين مريد جي فعل جي ارادي جو صحيح هجڻ ضروري آهي. بيعت ڪرڻ کان پوءِ اختيار پير جي هٿ ۾ هوندو آهي. يعني ائين نه آهي ته جبڪڏهن مريد گهري ته ڪنهن ٻئي جو مريد ٿئي. بلڪ چاهي ته سوين جاين تي بيعت ڪري، تڏهن به ڪنهن سان به سندس بيعت ثابت نه ٿيندي ۽ هرگز ٻئي ڪنهن جو مريد ٿي نه سگهندو. ڇاڪاڻ ته اڳ ۾ هڪ پير جو مريد ٿي چڪو آهي. ڇاڪاڻ ته بيعت جو مطلب آهي ته ڪنهن جي حڪم تي هلڻ جو اقرار ۽ عهد ڪرڻ، اها ان جي مجازي معنيٰ آهي، پر ان جي حقيقي معنيٰ آهي ته جيڪڏهن پنهنجي پير کي ڇڏي ڏيندو ته طريقت ۾ "مرتد" لکيو ويندو. شريعت ۾ به معبود اختيار ڪرڻ ڪفر ۽ شرڪ آهي ۽ حقيقت

www.maktabah.org

جو به اهو ئي حڪم آهي. بيعت، طريقت جو وسيلو آهي. طريقت، حقيقت کي لهڻ لاءِ آهي ۽ حقيقت هڪ ٻئي کان جند ڇڏائڻ سان نه ايندي آهي، جو انهن مان ڪنهن کي رد ڪجي ۽ ڪنهن کي قبول ڪجي، ڇاڪاڻ ته انهن مان هر درجو ٻئي درجي لاءِ لازمي آهي. پوءِ مريد کي گهرجي ته اهڙي شيخ جي بيعت ڪري جنهن ۾ الهي اخلاق هجن، ڇاڪاڻ ته فرمايو ويو آهي ته:

تَخَلَّقُوْا بِاَخْلَاقِ اللّٰهِ

[الله جا اخلاق اختيار ڪريو.]

جڏهن مشائخن جي گهر ويجي ته ڪنهن کي خبر نه ڪري ته آءٌ ڪنهن جو مريد ٿي آيو آهيان. جڏهن شيخ اها دولت عطا ڪري، يعني بيعت قبول ڪري ته مريد کي اهو شرف حاصل ڪرڻ گهرجي. ان کان پوءِ قدم بوسي ڪري خادم وانگر ادب سان عرض ڪري ته بندي کي توهان جي ارادت جو عزم آهي. جڏهن شيخ ان ڏانهن نهاري ته عرض ڪري ته قبله ! هن فقير کي پنهنجي مريديءَ ۾ قبول فرمايو. شيخ ان کي قبول ڪري ۽ مريد جي ٻنهي هٿن کي پنهنجن هٿن جي هيٺان ڪري، يا پنهنجا هٿ مرشد جي هٿن جي وچ ۾ رکي، استغفار پڙهي، سچي توبه ڪري ۽ ڪلمو لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ پڙهي. رسول الله ﷺ جن، جڏهن حضرت علي رضه کان بيعت ورتي ته کيس ٿي پيرا لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ جي تلقين فرمايائون ۽ ان کان پوءِ چار ترڪي ٽوپيون کيس ڏنائون. مرشد کي گهرجي ته الله جو شڪر ادا ڪندي مريد کي فرمائي ته حلال کي حلال ۽ حرام کي حرام ڄاڻي. جيڪڏهن نندپڻ ۾ ان جي ماءُ ان کي مريد ڪري ته جائز نه آهي. جيڪڏهن پيءُ ولي مطلق هجي، اهو پنهنجي پٽ کي مريد ڪري ته به محقق فرمائن ٿا ته اهو آخرت جو ڪم آهي، جنهن ۾ پيءُ کي به دخل نه آهي. ان کان پوءِ ان کي ٻڌائي ته ڪهڙين ڪهڙين ڳالهين جو توکي اختيار آهي ۽ ڪهڙا ڪهڙا ڪم توکي ڪرڻا آهن.

شريعت جا جيڪي استاد ۽ عالم آهن، اهي ارادتمنديءَ کي نڪاح ٿي قياس ڪن ٿا ته جيئن پيءُ نندپڻ ۾ نياڻيءَ جو نڪاح ڪري

www.maktabah.org

ته منعقد ٿي ويندو ساڳيءَ طرح بزرگ به اهڙو عقيدو وٺي ۾ اقرار ڪرائي ته درست آهي. بعد ۾ ان ۾ تبديلي نٿي اچي سگهي. البت جيڪڏهن بالغ مريد هجي ته ان لاءِ جائز آهي ته پنهنجي مرضيءَ سان، جنهن جي چاهي بيعت ڪري، چو ته اصول آهي:

اَلضِّدَّانِ لَايَجْتَمِعَانِ

[به ضد پاڻ ۾ جمع نه ٿيندا آهن.]

جيڪڏهن شيخ، رهبري ڪرڻ جي شايان شان ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جو صحيح وارث نه هجي ته ان جي بيعت ٽوڙي ڇڏجي. هڪ شخص بالغ آهي، پر علم نٿو رکي ۾ انهيءَ مرشد جي بيعت ڪري ٿو جنهن ۾ معرفت مورُ نه آهي، پوءِ معلوم ٿيس ته جنهن جي مون بيعت ڪئي آهي، ان کي اصل معرفت ۾ طريقت حاصل ئي نه آهي، ان جي پيٽ ۾ ڪامل مرشد موجود آهي، جنهن مان باطني فائدو يعني حق جي معرفت حاصل ٿئي ٿي. انهيءَ صورت ۾ پهرين بيعت جو حڪم تيمم وانگر آهي، (جيڪو پاڻي ملڻ کان پوءِ ٽُٽي وڃي ٿو.) هاڻي مريد کي گهرجي ته نئين مرشد جي بيعت ڪري. ڪي چون ٿا ته اڳئين بيعت نه ٽوڙي پر شيخ ڪامل جو مريد ٿئي. جيڪڏهن وڏو پاڻ، ننڍي پاڻ کي ننڍپڻ ۾ مريد ڪري، پوءِ جڏهن ننڍو وڏو ٿئي ته هاڻي جتي چاهي ۾ جنهن جي چاهي بيعت ڪري. ڪي ماٺهو ننڍي ٻار کي وٺي، ڪنهن پير کان ان جي بيعت ڪرائين ته جائز آهي، پر ان کي بالغ ٿيڻ کان پوءِ اختيار آهي ته چاهي ته برابر انهيءَ بيعت کي برقرار رکي ۾ چاهي ته ان کي ٽوڙي ڇڏي. ديواني ۾ بدَخُو انسان جي بيعت درست نه آهي. مالڪ جي اجازت کان سواءِ، غلام بيعت ڪري ته جائز آهي، چاڪاڻ ته اهو مالڪ جو اختياري معاملو نه آهي. جيڪڏهن زال، مڙس جي اجازت کان سواءِ مريد ٿئي ته عورت جو حڪم نه هلندو. هڪ بزرگ کان پڇيائون ته، خدا تعالىٰ کي ڪيئن سڃاتئي؟ جواب ڏنائين ته نه سڃاتم.

www.maktabah.org

بيت

هيچ كس ناید كه چون است
جلال كبريا وعظمت حق
درين جا واقفان حيران بجان اند
گرچه يافتند گو هست مطلق.

[الله تعالي جي ذات، ڪنهن جي سمجهه ۾ نه ايندي آهي ته ڪيئن آهي؟ چاڪاڻ ته الله تعالي جي جاه، جلال، وڏائي ۽ عظمت جي سامهون، سواءِ حيرت جي ڪجهه به حاصل نه ٿيندو آهي.]

هتي عرفان ۽ معرفت جا صاحب پنهنجي جان جي ڏکوئيندڙ حالت ۽ دل جي درد واري ڪيفيت ۾ مبتلا رهن ٿا، جيتوڻيڪ ڪجهه ادراڪ حاصل ٿيندو اٿن، ته به ايترو جو اها هستيءِ مطلق، زمان ۽ مڪان جي قيد کان آزاد آهي. حديث قدسيءَ ۾ الله تعالي فرمائي ٿو:

لَيْسَ لِصَاحِبِ الْعِلْمِ سَبِيْلٌ مَعَ الْعِلْمِ إِلَّا الْبُعْدَ

[علم واري کي، علم جي باوجود الله تعالي تائين واٽ نٿي ملي ۽ سواءِ دوريءَ جي ڪجهه حاصل نٿو ٿئي.]

پوءِ انهيءَ بادشاه تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪري، جيڪو طلب کان گهر آهي ۽ جنهن جو لهڻ نه لهڻ، جنهن جي سچاڻپ جهالت، جنهن کي نه سچاڻڻ، عقلمندي، جنهن جو يقين ڪرڻ انڌائپ، جنهن جو اثبات دوري، جنهن جو فڪر ڪرڻ دل کي درد ۾ دڪائڻ ۽ پاڻ کي فاني ڪرڻ آهي.

نقل آهي ته رسول الله ﷺ جن جي اولاد مان هڪ عالم سگهورو جنهن گهٽا قيمتي ڪتاب لکيا ۽ جنهن تي عقل جو غلبو هو، سو پنهنجي مراد ماڻڻ لاءِ حقيقي مرشد يعني شيخ عطار وٽ آيو، جيڪو عارفن جو اڳواڻ آهي ۽ پنهنجي مراد طلب ڪيائين. شيخ ان کي چيو ته اي سيد سڏائيندڙ! ۽ عقل جي ماڻرين ۾ حيران انسان!! توکي اسان جي طريقي جي ڄاڻ نه آهي. جيڪو عقل جو ديوانو هوندو، اهو طريقت جي رازن کان آگاه نه هوندو. تون ته عين عقل آهين، ڏگهي عرصي تائين انهيءَ

www.maktabah.org

ماڻريءَ ۾ رهيو آهين. عقل جي بلنديءَ هن ولايت کان جدا ڳالهه آهي ۽ عقل جو ڇاڻندڙ هن جهان کان ناواقف آهي. هن ماڻريءَ مان نڪري وڃ ڪنهن ٻي ماڻريءَ ۾ وڃي پنهنجي قسمت آزماءِ. جڏهن انهيءَ عالم ۽ عاقل، شيخ جون اهي حقيقت واريون ڳالهيون ٻڌيون تہ ان جي دل ۾ فنا في الله ٿيڻ ۽ اهل الله جي متابعت جو جذبو گهڻو وڌي ويو ۽ جڏهن ڏٺائين تہ هن عارف بالله جي مجلس ۾ منهنجي حيثيت نادان ٻار وانگر آهي، تڏهن پنهنجي دانشمنديءَ ۽ معلومات کي ڇڏي چيائين تہ:

وَلِلْاَرْضِ فِيْ كَاْسِ الْكِرَامِ نَصِيْبٌ

[زمين وارن لاءِ سخين جي پيالي ۾ نصيب هوندو آهي.]

مون کي پنهنجي محرومي‌ءَ تي افسوس آهي. شيخ عطار انهيءَ عاقل مرد جي عاجزيءَ ۽ نوڙت ڏسي فرمايو تہ ڇهه مهينا بخارا جي پراڻي مقبري ۾ جتي الله کان سواءِ کو نشانُ نہ آهي، اڪيلائي ۾ گذار ۽ تنهنجي دل ۾ غير الله جا جيڪي نقش آهن، سي مٽاءِ تہ جيئن تو کي پنهنجو مقصد حاصل ٿئي. انهيءَ سيد سڳوري ان راز کي ڇاڻي ورتو. پوءِ شيخ جي نصيحت تي عمل ڪيائين ۽ پنهنجي حقيقي مراد کي پاتائين.

شيخ عطار رحمة الله عليه جي ڳالهه ٻولهه ۾ اهو ٻ اڇي ٿو تہ انهيءَ سيد شريف کان پڇيائون تہ ٻن مخالف شين جو اجتماع ممڪن آهي يا محال؟ سيد سڳوري جواب ڏنو تہ محال آهي. شيخ فرمايو تہ اهائي ڳالهه محال آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻن ضدن جو اجتماع واقع ٿيو آهي، جنهن کي کو روڪي نٿو سگهي. پوءِ (دليل طور) هيءَ آيت پڙهيائين:

هُوَالْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ (1)

[اهو ئي اول، اهو ئي آخر، اهو ئي ظاهر ۽ اهو ئي باطن آهي.]

انهيءَ سيد سڳوري پڇيو تہ ڪهڙي سبب ۽ ڪهڙي اعتبار سان؟ حضرت شيخ فرمايو تہ هڪ حيثيت ۽ هڪ اعتبار سان ۽ اها

(1) سورة الحديد آيت: ٣

www.maktabah.org

ڳالهه صحيح ڪشف ۽ صحيح مشاهدي ذريعي ثابت ٿي چڪي آهي، جيتوڻيڪ عقلي علمن وارا، انهيءَ حقيقت جو ادارڪ ڪري نٿا سگهن. شيخ ان ڏس ۾ تفصيلي بحث ڪيو تانجو ان سيد کي پنهنجي جهالت ۽ عقل جي ڪوتاهيءَ جو اعتراف ڪرڻو پيو ۽ افسوس ظاهر ڪيائين ته مون پنهنجي عمر عزيز انهيءَ ميدان ۾ ضائع ڪري ڇڏي، تڏهن به اهو مقام حاصل نه ڪيم. پوءِ اهو سيد زادو شيخ موصوف جو خادم ٿي ويو.

ڄاڻڻ گهرجي ته جيڪڏهن ڪنهن کي وحدت الوجود جو نظريو سمجهه ۾ نه اچي ته ان جي ظاهر تي يقين ڪري ۽ گهرائي ۾ نه وڃي. انهيءَ ڏس ۾ بزرگن جا جيڪي قولَ مشهور آهن، انهن کي عالم وجد ۽ حال جي دنيا جي ڪيفيت تي محمول ڪجي. جيئن خواجه منصور جو قول آهي ته آءٌ ئي حق آهيان. شيخ ابوطالب مڪي جو قول آهي ته مون ۾ ۽ منهنجي رب ۾ ڪو فرق نه آهي. شيخ شبلي چوي ٿو ته ڇا ٻنهي جهانن ۾ مون کان سواءِ ڪو ٻيو به آهي؟ جنيد بغدادي چوي ٿو ته الله کان سواءِ ڪنهن به شيءِ جو وجود نه آهي. شيخ ابو سعيد چوي ٿو ته منهنجي گودڙيءَ ۾ الله کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي. شيخ بايزيد چيو ته آءٌ پاڪ آهيان منهنجو شان ڪيڏو نه بلند آهي. خواجه جواجگان اويس جو قول آهي ته ڇا فقراءَ جي حياتي الله جي حياتيءَ وانگر نه آهي؟ هن فقير جي پير، دستگير جو قول آهي ته الله کان سواءِ ڪا شيءِ موجود نه آهي. پڻ فرمايائون ته الله کان سواءِ ڪا ذات ۽ الله کان سواءِ ڪنهن جو وجود نه آهي. امير المؤمنين علي ڪرم الله وجهه جو قول آهي ته: ٻنهي جهانن ۾ الله کان سواءِ ڪو به نه آهي. امير المؤمنين عمر فاروق رضي الله عنه جو قول آهي ته مون پنهنجي رب کي، پنهنجي رب جي ذريعي سڃاتو.[1]

---

(1) فيض القدير ص ١٨١ ج ٦، مگر اتي هي لفظ آهن: سئل الصديق بم عرفت ربک؟ قال عرفت ربي بربي (حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه کان پڇيو ويو ته توهان ڇا سان رب کي سڃاتو؟ چيائين ته مون پنهنجي رب کي، رب سان سڃاتو.) يعني اهو حضرت

www.maktabah.org

حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه جو قول آهي تہ:

مَا رَأَيْتُ شَيْئًا إِلَّا وَرَأَيْتُ اللهَ قَبْلَهُ [1]

[آءٌ جيڪا بہ شيءِ ڏسان ٿو. ان کان اڳ الله کي ڏسان ٿو.]

پڙ فرمائي ٿو تہ: رَأَيْتُ رَبِّي فِي صُوْرَةِ مُحَمَّدٍ ﷺ [مون پنهنجي رب کي محمد ﷺ جي صورت ۾ ڏٺو.] وَقَالَ النَّبِيُّ ﷺ مَنْ رَآنِي فَقَدْ رَأَى الْحَقَّ [2] [نبي ﷺ جن فرمايو تہ جنهن مون کي ڏٺو تہ بيشڪ انهيءَ حق کي ڏٺو.] پڙ فرمائين ٿا: وَرَأَيْتُ رَبِّي بِرَبِّي [مون پنهنجي رب جي ذريعي، پنهنجي رب کي ڏٺو.]

رسول ڪريم ﷺ جن جي حديث مبارڪ آهي تہ:

لِي مَعَ اللهِ وَقْتٌ لَا يَسَعُنِي فِيهِ مَلَكٌ مُقَرَّبٌ وَلَا نَبِيٌّ مُرْسَلٌ [3]

[منهنجو الله سان هڪ وقت مقرر آهي، جنهن ۾ نہ ڪو مقرب فرشتو شامل هوندو آهي نہ ڪو نبي مرسل.]

لَا تَسُبُّوا الدَّهْرَ فَإِنَّ اللهَ هُوَ الدَّهْرُ [4]

[زماني کي گاريون نہ ڏيو. ڇاڪاڻ تہ الله ئي زمانو آهي.]

ابوبکر جو قول آهي، حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جو قول نہ آهي. پڙ مٿئين ڪتاب ۾ حوالو ڏنل نہ آهي تہ ڪهڙي ڪتاب مان اهو قول ورتو اٿس؟

(1) حوالو نٿو ملي.

(2) مسلم حديث : ٢٢٦٧، بخاري حديث: ٦٥٩٥، ٦٥٩٦، دارمي ص ١٦٦ ج ٢، مجمع الزوائد ص ١١٨ ج ٧، احمد ص ٢٦١ ج ٢، فتح الباري ص ٣٨٤، ٣٨٦، ٣٨٧، ٣٨٨، ٣٨٩ ج ١٢، فيض القدير ص ١٣٢ ج ٦، تذكرة الحفاظ ص ٩٩٧ ج ٣.

(3) شرح ابن ماجہ ص ٣١٣ ج ١، فيض القدير ص ٦ ج ٤، كشف الخفاء ص ٢٢٦ ج ٢، رساله قشيريه المصنوع ص ١٥١ ج ١ (هن آخري ڪتاب جو محقق چوي ٿو تہ حديث نہ پر صوفين جو قول آهي).

(4) قرطبي ص ١٧١ ج ١٦، طبري ص ١٥٣ ج ٢٥، مسلم حديث: ٢٢٤٦، بخاري حديث: ٥٨٢٦، مجمع الزوائد ص ٧١ ج ٨، السنن الكبري ص ٤٥٧ ج ٦، مسند احمد ص ٤٩١، ٤٩٦، ٤٩٩ ج ٢، مسند ابي يعلي ص ٤٥٢ ج ١٠، مسند عبد بن حميد ص ٩٧ ج ١، شعب الايمان ص ٣١٦ ج ٤، فتح الباري ص ٥٦٤، ٥٦٥ ج ١٠

www.maktabah.org

وَنَحْنُ أَقْرَبُ إِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيدِ ﴿١٦﴾ [1]

[ءِ اسين ان کي ساه جي رڳ يعني نرڙگهٽ کان ب وڌيڪ ويجها آهيون.]

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو ته:

وَفِي أَنْفُسِكُمْ أَفَلَا تُبْصِرُونَ ﴿٢١﴾ [2]

[ءِ توهان جي جانين ۾ ب نشانيون آهن، ڇا پوءِ جي بصيرت سان نٿا ڏسو؟.]

الله تعالي قيامت جي ڏينهن اعلان فرمائيندو ته:

لِمَنِ الْمُلْكُ الْيَوْمَ لِلَّهِ الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ ﴿١٦﴾ [3]

[اڄ بادشاهي ڪنهن جي لاءِ آهي؟ اکيلي الله قهار جي لاءِ آهي.]

وَفِي جَسَدِ ابْنِ آدَمَ لَمُضْغَةٌ وَفِي الْمُضْغَةِ فُؤَادٌ وَفِي الْفُؤَادِ قَلْبٌ وَفِي الْقَلْبِ رُوحٌ وَفِي الرُّوحِ سِرٌّ وَفِي السِّرِّ خَفِيٌّ وَفِي الْخَفِيِّ أَخْفَى وَفِي الْأَخْفَى أَنَا [4]

[ءِ آدميءَ جي جسم ۾ گوشت جي هڪ ٻوٽي آهي، ٻوٽيءَ ۾ فواد آهي، فواد ۾ قلب آهي، قلب ۾ روح آهي، روح ۾ سر آهي، سر ۾ خفي آهي، خفي ۾ اخفا آهي، اخفا ۾ آءٌ آهيان.]

ٻٽ سندس فرمان آهي ته:

مَا أَكَلَ الْإِنْسَانُ شَيْئًا وَلَا يَشْرَبُ وَلَا يَقُومُ وَلَا يَقْعُدُ وَلَا يَنْطِقُ وَلَا يَصْمُتُ وَلَا يَفْعَلُ فِعْلًا مِنَ الْأَفْعَالِ وَمَا تَوَجَّهَ بِشَيْءٍ وَمَا أَعْرَضَ عَنْ شَيْءٍ إِلَّا أَنَا فِيهِ مُحَرِّكٌ وَمُكَوِّنٌ كَمَا قَالَ اللهُ تَعَالَىٰ: وَاللهُ خَلَقَكُمْ وَمَا تَعْمَلُونَ

[انسان جيڪي ڪجهه کائي ٿو پيئي ٿو ٻيهي ٿو ويهي ٿو ڳالهائي ٿو خاموش رهي ٿو ڪو ڪم ڪري ٿو ءِ ڪنهن شيءِ ڏانهن

---

(1) سوره ق آيت: ١٦

(2) سورة الذاريات آيت: ٢١

(3) سورة المؤمن آيت: ١٦

(4) اهي لفظ حديث جي ڪتابن ۾ نٿا ملن، البت هي لفظ ملن ٿا: الا وان في الجسد مضغة اذا صلحت صلح الجسد كله واذا فسدت فسدالجسد كله الا وهي القلب (قرطبي ص ٦١ ج ١٤، مسلم حديث: ١٥٩٩، بخاري حديث: ٥٢، دارمي ص ٣١٩ ج ٢، ابن ماجه حديث: ٣٩٤٤، جامع العلوم و الحكم ص ٦٦ ج ١)، ٻيا لفظ وڌايل آهن.

www.maktabah.org

توجه ڪري ٿو ۽ ڪنهن شيءِ کان منهن موڙي ٿو مگر آءٌ ئي ان کي چوپر ڏيندڙ ۽ ان جو ناهيندڙ آهيان. جيئن الله تعالي قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو: ۽ الله ئي توهان کي پيدا ڪيو آهي ۽ انهن ڪمن کي به جيڪي توهان ڪريو ٿا.]

پڻ فرمائي ٿو ته:

إِنَّهُ بِكُلِّ شَيْءٍ مُّحِيطٌ ﴿٥٤﴾[1]

[۽ الله هر شيءِ کي گهيري ۾ آٽيندڙ آهي.]

پڻ فرمايو ويو آهي:

جِسْمُ الْإِنْسَانِ وَنَفْسُهُ وَرُوحُهُ وَقَلْبُهُ وَسَمْعُهُ وَبَصَرُهُ وَلِسَانُهُ وَيَدَهُ وَرِجْلَهُ وَكُلُّ ذٰلِكَ مَا اَظْهَرْتُهُ إِلَّا لِنَفْسِي لَا هُوَ غَيْرٌ إِلَّا اَنَا وَلَا اَنَا غَيْرُهُ

[انساني جسم، سندس روح، سندس ڪن، اکيون، سندس زبان ۽ سندس هٿ، پير ۽ ٻيو جيڪي ڪجهه آهي، مون انهن کي پنهنجي نفس لاءِ ظاهر ڪيو اٿم. اهو مون کان ڌار ڪونهي، بلڪ اهو آءٌ آهيان ۽ آءٌ ان کان ڌار نه آهيان.]

(1) سوره فصلت آيت: ۵۴

www.maktabah.org

باب ڏهون

مريد ٿيڻ جا شرط ۽ آداب

الله تعالي قرآن مجيد ۾ ذڪر خداونديءَ جي وڏي اهميت بيان فرمائي آهي. هتي ڪجهه آيتون لکجن ٿيون:

فَاذْكُرُونِيٓ أَذْكُرْكُمْ (2)

[پوءِ مون کي ياد ڪريو آءٌ توهان کي ياد ڪندس.]

وَاذْكُرُوا اللَّهَ ذِكْرًا كَثِيرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُونَ (3)

[۽ الله کي وڌ ۾ وڌ ياد ڪريو مَنَ توهان ڪامياب ٿيو.]

فَاعْلَمْ أَنَّهُ لَا إِلَٰهَ إِلَّا اللَّهُ (1)

[پڪ ڄاڻ تہ الله کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي.]

قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَفْضَلُ الذِّكْرِ لَا إِلَٰهَ إِلَّا اللهُ (2)

[نبي ﷺ جن فرمايو تہ سڀ کان افضل ذڪر لَاإِلٰهَ إِلَّااللهُ آهي.]

ڄاڻڻ گهرجي تہ جنهن شيخ جي دل دماغ تي غفلت جا پردا چڙهن ٿا، ان کان ويسر واقع ٿئي ٿي ۽ ويسر هن ڪري ٿئي ٿئي تہ فطرت جي شروع ۾ جڏهن روح پيدا ٿيو تہ ان جي عين حق جي وجود سان وابستگي هئي. جيڪڏهن انهيءَ مقام تي تنهنجو روح بيگانو ۽ اوپرو ٿي وڃي، تڏهن بہ انهيءَ بيگانگي ۽ اوپرائپ کي سڃاڻڻ، ڇاکاڻ تہ سڃاڻپ، شهود مان پيدا ٿئي ٿي ۽ شهود وجود مان درست پيدا نہ ٿيندو آهي، جو شهود، وجود جو ضد آهي ۽ بہ ضد ڪڏهن نہ ٿيندا آهن. طالب سان روح جو تعلق هن ڪري آهي تہ جيئن بہ جانشين يعني نفس ۽ دل حاصل ڪري.

---

(2) سورة البقره آيت: ۵۲

(3) سورة الانفال آيت: ۴۵

(1) سوره محمد آيت: ۱۹

(2) تفسير ابن كثير ص ۲۴ ج ۱، صحيح ابن حبان ص ۱۲۶ ج ۳، ابن ماجه حديث: ۳۸۰۰، فيض القدير ص ۲۳ ج ۲، كشف الخفاء ص ۱۷۲ ج ۱.

www.maktabah.org

شهود جي مقام تي، روح وجود کي استعمال ڪري ڪندو آهي. جيئن اصول آهي ته جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ (حق آيو ۽ باطل پڃي ويو) هن ڪري ته ڪو جانشين هجي، جيڪو سندس قائم مقامي ۽ جانشيني ڪري، اهو هڪ وڏو راز آهي، جيڪو هر شخص جي سمجهه ۾ اچي نٿو سگهي. پوءِ جيئن ته روح انهيءَ مقام حق ۾ وحدانيت جي ڪمال کي نه سڃاتو هو، پڙ جيئن ته روح انهيءَ مقام تي ٻيهر شرڪت به نه ڪئي، جو پاڻ کي به ياد ڪري ۽ حق کي به ياد ڪري ۽ اهو ئي شراڪتي ذڪر آهي، جنهن جي باري ۾ الله تعالي فرمائي ٿو ته:

وَاذْكُرْ رَّبَّكَ إِذَا نَسِيتَ (3)

[جڏهن توکان ويسر ٿئي ته پنهنجي رب کي ياد ڪر.]

يعني ويسر ۾ الله کان سواءِ ڪنهن کي ياد نه ڪر. اهو ئي روح آهي، جنهن جو عالم بالا تي گذر ٿيندو آهي، ته جيئن قلب سان وابسته رهي. انسان جنهن شيءِ جو مطالعو يا مشاهدو ڪندو آهي. ان جو اثر قلب تي قائم ٿيندو آهي. پوءِ دنيا جي مادي شين ۾ قاسي، حق تعالي جي ياد کي وساري ويهندو آهي، جنهن جي ڪري الله تعالي به اهڙي شخص کي پنهنجي عنايت کان محروم ڪري ڇڏيندو آهي، ڇاڪاڻ ته اصول آهي ته:

نَسُوا اللَّهَ فَأَنسَاهُمْ (1)

[انهن الله کي وساريو ته الله به کين وساري ڇڏيو.]

جڏهن دل تي ويسر جا حجاب ۽ پردا چڙهي ويندا آهن ته دل جي بيماري وڌي ويندي آهي، جيئن رب پاڪ فرمائي ٿو ته:

فِي قُلُوبِهِم مَّرَضٌ فَزَادَهُمُ اللَّهُ مَرَضًا (2)

[سندن دلين ۾ بيماري آهي، پوءِ الله انهن کي بيماريءَ ۾ وڌائي ڇڏيو.]

---

(3) سورة الكهف آيت: ٢٤

(1) سورة الحشر آيت: ١٩

(2) سورة البقره آيت: ١٠

www.maktabah.org

بيماريءَ جو علاج ان جي ضد سان ٿيندو آهي. يعني الله وسري وڃي ۽ دل تي غفلت ۽ اونداهيءَ جا پردا چڙهي وڃن تہ ان جو علاج الله کي ياد ڪرڻ آهي. فرمائي ٿو تہ:

وَاذْكُرُوا اللَّهَ كَثِيرًا (3)

[وڏو ۾ وڏو الله کي ياد ڪريو.]

الله کي گهڻو ياد ڪرڻ جو نتيجو اهو نڪرندو تہ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُونَ (من توهان ڪامياب ٿيو) يعني ان وقت ويسر ۽ غفلت جا پردا کڄي ويندا ۽ بيمار دل کي شفا نصيب ٿيندي. قرآن مجيد جي گهڻين آيتن ۾ قلبي روگ ۽ بيماريءَ جو اهو ئي نسخو تجويز ڪيو ويو آهي تہ ڀانهو الله تعالي کي وڏو ۾ وڏو ياد ڪري.

(3) سورة الشعراء آيت: ٢٢٧

www.maktabah.org

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي خصوصيت

رب ڪبير جي ياد لاءِ قرآن مجيد ۾ حديث شريف ۾ ڪلمه طيب لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي ذڪر کي بنيادي ۾ فيصله ڪُن اهميت حاصل آهي. فرمائي ٿو ت:

اِلَيْهِ يَصْعَدُ الْكَلِمُ الطَّيِّبُ[1]

[پاڪ ڪلمو انهيءَ الله ڏانهن چڙهي ٿو.]

يعني هن ڪلمي کي ڏٺي تعاليٰ جي بارگاه ۾ قبوليت جو درجو عطا ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ت ان ۾ غير الله جي نفي ۾ الله جي الوهيت ۾ توحيد جو اثبات آهي. انسان جي فطري بيماري "ويسر" جو علاج به نفي ۾ اثبات ۾ آهي، ڇاڪاڻ ت "نسيان" نفي ۾ اثبات جو مرڪب آهي. هتي نفيءَ مان مراد غير جي ياد جي نفي ۾ "اثبات" مان مراد الله کي ياد ڪرڻ آهي. جڏهن ٻانهو هميشه اهو ذڪر ڪندو رهندو. لَآ اِلٰهَ جي قينچيءَ سان روح جا غير الله سان لاڳاپا ختم ٿيندا ويندا ۾ اِلَّا اللّٰهُ جي نور سان ان جو اندر منور ٿي ويندو ۾ ٻانهو مڪمل نموني هن آيت سڳوريءَ جي تصوير ٿي ويندو:

فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ[2]

[توهان مون کي ياد ڪريو. آءٌ توهان کي ياد ڪندس.]

۾ الله تعاليٰ جي نور جي عظمت جي تجلي، سواءِ الله جي هر شيءِ کي سازي ڇڏيندي ۾ صورتحال اها هوندي ت:

كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ اِلَّا وَجْهَهٗ[3]

[الله کان سواءِ هر شيءِ هلاڪ ٿيڻ واري آهي.]

پوءِ روح فَاذْكُرُوْنِيْ جي سمنڊ ۾ غرق ٿي ويندو ۾ اَذْكُرْكُمْ مطابق ذاڪر جي نيابت روح ڪندو آهي. غير الله جي شرڪت کان سواءِ ذڪر انهيءَ مقام تي پورو ٿيندو آهي.

---

(1) سوره فاطر آيت : ١٠

(2) سورة البقره آيت: ٥٢

(3) سورة القصص آيت : ٨٨

www.maktabah.org

شَهِدَ اللّٰهُ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ (1)

[الله گواهي ڏئي ٿو ته ان کان سواءِ ڪو معبود نه آهي.]

جي حقيقت ۾ اتي ظاهر ٿيندي آهي. حسين رازي چوي ٿو ته جتي ۾ لَآ اِلٰهَ فرمايو ويو آهي ته ان جو مطلب آهي ته الله جي ياد جا اهڙا ٻيا ڪلمات نه آهن. سواءِ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي چاڪاڻ ته شرڪ کان معنوي ۽ ظاهري نجات ۽ خلاصي ٻين ڪلمن سان نٿي ٿي سگهي. وري فرمائي ٿو ته حياتيءَ کي لَآ اِلٰهَ جي تلوار سان ويڍ ڇڏ، ته جيئن هن جهان مان پاڪ صاف ٿي وڃين ۽ توتي اِلَّا اللّٰهُ جو رنگ غالب اچي. مطلب ته صورت جي شرڪ مان ۽ هن ڪلمي جي صورت کان سواءِ جان نه ٿي ڇٽي سگهي، جئن چيو ويو آهي:

آفرينش راهمه پي کن ۽ تيغ لا اِله
تاجهان صافي شود سلطان الا الله را

ذڪر جا اَدبَ

ڇاڙ گهرجي ته بغير ادبن ۽ شرطن جي ذڪر نه ڪرڻ گهرجي جو ان جو فائدو نه آهي: گهرجي ته شريعت جي پابند، صاحب تصرف شيخ ڪامل ۽ عامل کان ذڪر جي تلقين وٺي ۽ هر قسم جي غير شرعي ڪمن کان توبه ڪري. سچي شيخ جي باري ۾ صحيح عقيدو رکي. ذڪر شروع ڪرڻ کان اڳ، غسل يا وضو ڪري، پاڪ صاف ڪپڑا پائي، خالي، اونداهين ۽ پاڪ جاءِ جو انتخاب ڪري. خوشبو هٽي، قبله ڏانهن رخ ڪري، گوڏن پر ويهي. پاڻ سڳورا ﷺ ذڪر ڪرڻ وقت ائين ويهندا هئا. هٿ ستڻ تي رکي ۽ دل کي الله ڏانهن متوجه ڪري، اکيون بند ڪري ۽ پوري تعظيم ۽ احترام سان ذڪر شروع ڪري، پوري قوت سان ڪلمه لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ پڙهي، تانجو ان جو اثر جسم جي سمورن عضون تي پوي، ان جي معنيٰ جو دل ۾ خيال آڻي، اهو ئي مقصد پنهنجي اڳيان رکي ته ڪا شيءِ نٿو چاهيان، ڪا شيءِ طلب نٿو ڪريان، منهنجو مطلوب، منهنجو محبوب، منهنجو معبود فقط الله تعاليٰ آهي ۽ حضرت شيخ کان مدد وٺي پوءِ ذڪر ۾ اهڙي

(1) سوره آل عمران آيت: ۱۸

www.maktabah.org

طرح مشغول ٿئي. جو ڪيس ڪامل استغراق نصيب ٿئي ۽ انهيءَ درجي تي پهچي، جنهن جي باري ۾ الله تعالي فرمائي ٿو:

يَاأَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا اتَّقُوا اللَّهَ وَقُولُوا قَوْلًا سَدِيدًا (1)

[اي ايمان وارو! الله کان ڊجو ۽ سڌي ڳالهه ڪريو.]

رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي:

يَاأَيُّهَا النَّاسُ قُولُوا لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ تُفْلِحُوا (2)

[اي انسانو! لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ چئو. ڪامياب ٿيندو.]

يعني دنيا جي هر شيءِ جي نفي ڪري، فقط الله تعالي کي پنهنجو معبود، پنهنجو مقصود ۽ پنهنجو مطلوب سمجهي. ان کي "ذڪر نفي ۽ اثبات" چوندا آهن. دل، الله تعالي جي حوالي ڪري ۽ شيخ جي ولايت وسيلي مدد طلب ڪري، ان ذڪر تي ايتري قدر هميشگي ڪري، جو لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ جي نور سان هر شيءِ ختم ٿي وڃي ۽ دنيا جي هر هڪ شيءِ سان لاڳاپا ٽٽي پون. جاڻڻ گهرجي ته ذڪر جا ٻه قسم آهن: ذڪر تقليدي ۽ ذڪر تحقيقي. ذڪر تقليدي جو مطلب آهي ته پنهنجي ليکي زبان سان ذڪر ڪري. ڪيترن سببن جي ڪري اهو ذڪر تقليدي ڪامياب نه آهي. ٻج جيستائين زمين ۾ نه پوندو تيستائين نه ڦٽندو. ساڳيءَ طرح جيڪو ذڪر فقط زبان تي جاري هجي، دل ۾ نه هجي، ان جو اثر ظاهر نه ٿيندو آهي. ذڪر تحقيقي اهو آهي، جيڪو شيخ جي واسطي سان دل جي زمين ۾ قائم هجي، اهڙو ذڪر ضايع نه ٿيندو آهي. ڇاڪاڻ ته جيڪو ذڪر انهيءَ ولي جي وسيلي ۽ واسطي سان ٿيندو آهي، جيڪو رسول الله ﷺ جي ڪامل پيروي ڪندو ان سان ولايت جو ڦل حاصل ٿيندو آهي. "اذكركم" جي بشارت نصيب ٿيندي آهي ۽ مرشد جي تلقين سان مريد جي دل جي زمين ۾ طبيعتن ۽ خواهشن جي ڪڪ، پٿن ڪان صفائي ٿيندي آهي. اهڙي طريقي سان ئي ڪيس اخلاص ۽ آداب جي همت حاصل ٿيندي آهي. تانجو ڪيفيت ائين ٿي ويندي آهي، جيئن زمين مان وڻ ٽڻ،

---

(1) سورة الاحزاب آيت: ٧٠

(2) ابن كثير ص ٥٦٥ ج ٤، فتح الباري ص ٧ ج ١، احمد ص ٤٩٢ ج ٣، دارقطني ص ٤٤ ج ٣، مجمع الزوائد ٢٢-٢١ ج ٦، ابن حبان ص ٥١٨ ج ١٤، حاكم ص ٦١ ج ١، ابن خزيمه ص ٨٢ ج ١، بيهقي ص ٧٦ ج ١، المعجم الكبير ص ٦١ ج ٥.

www.maktabah.org

گل ڦُل، ٻوٽا، ۽ پوکون پيدا ٿيندڙ آهن. تيئن دل ۾ ايمان جو وڻ تازو توانو ٿيندو آهي. جيئن فرمايو ويو آهي تہ:

لَاإِلٰهَ إِلَّااللّٰهُ يُثْبِتُ الْإِيمَانَ فِي الْقَلْبِ كَمَا يُنْبِتُ الْمَاءُ الْبَقْلَةَ (1)

[لَاإِلٰهَ إِلَّااللّٰهُ دل ۾ ايمان کي ائين ڦُٽائي ٿو جيئن پاڻي پوکي ڦُٽائي ٿو.]

جڏهن سالڪ انهيءَ ذڪر تي همیشگي ڪندو آهي تہ ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندو ويندو آهي ۽ اميد قائم ٿيندي آهي تہ هڪ ڏينهن اهو ايندو جڏهن ڪيس ولايت جو ڦل حاصل ٿيندو.

تلقين لاءِ شرط آهي تہ مريد، ڪنهن شيخ جي صحبت ۾ رهي، روزا رکي ۽ همیشه طهارت سان ذڪر ۾ مشغول رهي. اڪيلائيءَ ۾ هجي يا محفل ۾، سندس اها ئي ڪيفيت هجي. روزو کولڻ وقت پيٽ پري نہ ڪائي، رات جو اٿي اڪثر ذڪر ۾ گذاري، ماڻهن سان گهٽ ملي، فقط ضرورت مطابق ڳالهائي. ڪنهن ڏينهن ڪان پوءِ شيخ جي حڪم مطابق غسل ڪري. ڪلمي جي تلقين رسول الله ﷺ جن ڪان اها ئي ثابت آهي. غسل جي سنت تي عمل ڪري جسم تي پاڻي وجهڻ وقت چوي تہ اي الله! هي بدن جيڪو منهنجي هٿ ۾ آهي، ان کي گناهن کان پاڪ ڪر، دل تنهنجي هٿ ۾ آهي، ياجهه فرمائي ان کي به پاڪ ڪر. "ننڍ جي نماز" پڙهي، شيخ جي خدمت ۾ اچي، قبلي ڏانهن رخ ڪري هٿ ٻڌي دل ۽ دماغ حاضر ڪري ۽ هر شيءِ کي وساري ڇڏي، تمام ادب ۽ نوڙت سان گوڏن ير ويهي. پوءِ شيخ هڪ ڀيرو زور سان لَاإِلٰهَ إِلَّااللّٰهُ چوي ۽ مريد به پوري قوت سان ائين چوي. پوءِ مريد، شيخ جي حڪم سان گوشه نشين ٿي ذڪر ۾ مشغول ٿئي. انشاءَ الله

---

(1) اسان کي هن حديث جا هي لفظ ملن ٿا: حضرت انس كان روايت آهي تہ نبي ﷺ جن فرمايو تہ والذي نفسي بيده ان القرآن و الذكر ينبتان الايمان في القلب كما ينبت الماء الشعب (كشف الخفاء ص ۱۰۳ ج ۲، تلخيص الحبير ص ۲۰۰ ج ۴، حضرت ابن مسعود رضي الله عنه جي موقوف روايت ۾ هي الفاظ وڌيڪ آهن تہ: الغني ينبت النفاق في القلب كما ينبت الماء البقل والذكر ينبت الايمان في القلب كما ينبت الماء الزرع (فيض القدير ص ۴۱۳ ج ۴) يعني جيئن پاڻي ٻوٽو ۽ پوک ڦُٽائيندو آهي تيئن ڳاڙهو دل ۾ نفاق (جي وڻ) کي ڦُٽائيندو آهي ۽ قرآن ۽ ذڪر دل ۾ ايمان (جي وڻ) کي ڦُٽائيندو آهي.

www.maktabah.org

تعالي مريد جي دل ۾ پهرئين فرصت ۾ ئي لَاإِلٰهَ إِلَّا اللهُ جي پاڪ وڻ جا ڦل ظاهر ٿيندا. جيئن سوره ابراهيم پ ۱۳ ۾ آهي ته:

ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا كَلِمَةً طَيِّبَةً كَشَجَرَةٍ طَيِّبَةٍ أَصْلُهَا ثَابِتٌ وَّفَرْعُهَا فِي السَّمَآءِ ﴿٢٤﴾ تُؤْتِيٓ أُكُلَهَا كُلَّ حِينٍ بِإِذْنِ رَبِّهَا[1]

[الله تعالي پاڪ ڪلمي جو مثال پاڪ وڻ وانگر بيان فرمائي ٿو جنهن جون پاڙون مضبوط ۽ ان جون شاخون آسمان ۾ آهن. پنهنجي رب جي حڪم سان هر وقت پنهنجو ڦل ڏئي ٿو.]

مفسرن جي اتفاق مطابق هتي "ڪلمه طيبه" مان مراد لَاإِلٰهَ إِلَّا اللهُ آهي. جڏهن ان تي همیشگي ۽ پابندي ڪندو ته ان جو اثر جسم جي سيني عضون ۾ ظاهر ٿيندو. پيرن کان مٿي تائين ذري برابر به فرق نه رهندو. پوءِ ذڪر جي وڻ جون ٽاريون وڌندي وڌندي آسمان تائين پهچنديون ۽ دلي ذڪر کي زبان سان به ادا ڪري ۽ صاف لفظن ۾ چوي ته لَاإِلٰهَ إِلَّا اللهُ. ان وقت زبان تي ذڪر جاري ٿي ويندو. زباني ذڪر آهستي ڪري ته جيئن دلي ذڪر به گڏوگڏ جاري رهي. پهريائين دل ۾ لَاإِلٰهَ إِلَّا اللهُ چوي پوءِ زبان سان، ته جيئن دل، مڪمل طرح ذاڪر ٿئي. اهڙي طرح لَاإِلٰهَ إِلَّا اللهُ جي وڻ هيٺيان پالنا وٺي ۽ بلنديءَ جو ارادو ڪري. پوءِ جڏهن ڪامل ٿي ويندو ته مشاهدن جا شگوفا ڪلندا. مڪاشفن جي صورت ۾ آهستي آهستي ان جا ڦل ظاهر ٿيندا. "علم لدني" کان آگاهي ٿيندي تانجو تُؤْتِيٓ أُكُلَهَا كُلَّ حِينٍ بِإِذْنِ رَبِّهَا جا مقامات حاصل ڪندو. اهو مقام تڏهن ماڻيندو. جڏهن ذڪر جو غلبو هوندو.

---

(1) سوره ابراهيم آيت: ۲۴-۲۵

www.maktabah.org

باب يارهون

فتح بابت مرشد جو مقام ۽ ان جا شرط

سوره ڪهف ۾ الله تعالي فرمائي ٿو ته:

فَوَجَدَا عَبْدًا مِّنْ عِبَادِنَآ اٰتَيْنٰهُ رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا وَعَلَّمْنٰهُ مِنْ لَّدُنَّا عِلْمًا [2]

[پوءِ انهن بنهي، اسان جي هڪ بانهي کي لڌو جنهن کي اسان رحمت ڏني ۽ پنهنجي طرفان علم سيکاريو.]

هن آيت سڳوريءَ ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام جي علمي سفر جو ذڪر آهي، جيڪو حضرت خضر عليه السلام کان علم حاصل ڪرڻ جي غرض سان ڪيو هئائين.

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو:

لا يزال طائفة من امتي قائمين، على الحق لا يضرهم من خذلهم.

ڄاڻڻ گهرجي ته الله تعالي حضرت خضر عليه السلام کي مرشد مقرر ڪيو ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام کي ان جو مريد. موسيٰ عليه السلام کي امر فرمايو ويو ته وڃ ۽ خضر عليه السلام کان "علم لدني" حاصل ڪر. جڏهن الله جي ٻڌايل هنڌ وٽ پهتا ته اتي، الله جي هڪ بانهي کي لڌائون، جنهن کي الله پنهنجي رحمت سان علم لدنيءَ سان نوازيو هو.

۱- هتان پهرين ڳالهه هيءَ ثابت ٿي ته حضرت خضر الله تعالي جو بانهو هو. ۲- ٻي ڳالهه اها ثابت ٿي ته حضرت خضر عليه السلام کي بغير واسطي جي الله تعالي پنهنجي رحمت عطا فرمائي ۳- ٽين ڳالهه اها ثابت ٿي ته ان کي اها خصوصي رحمت، رب تعالي جي طرفان ملي، ڇاڪاڻ ته الفاظ آهن: رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا ۴- علم جي فضليت به معلوم ٿي جو فرمائي ٿو ته "اسان اُن کي علم عطا ڪيو." ۵- اها فضيلت ۽ اوليت ڪيس علم لدنيءَ سان عطا فرمائي وئي، ڇاڪاڻ ته الفاظ آهن: "اسان پنهنجي طرفان

---

(2) سورة الكهف آيت: ٦٥

www.maktabah.org

ڪيس علم ڏنو" مرشد ۽ عارف ڪامل هڪڙ لاءِ اهي ئي پنجن رڪن آهن.

هاڻي مٿين پنجن شرطن جي تفصيل بيان ڪجي ٿي: ١- مرشد لاءِ ضروري آهي ته الله جو ٻانهو هجي، هڪ ڳڙيءَ لاءِ به حق تعالي جي ٻانهپ کان آزاد نه ٿئي. اڌيءَ طرح سالڪ، جڏهن پاڻ کي ڪنهن پير ۽ مرشد سان وابسته ڪندو آهي ته پنهنجي آزادانه حيثيت تان دستبردار ٿي ويندو آهي. مثلاً ٻانهو جنهن تي، جيستائين مٿس هڪ درهم به باقي هوندو پنهنجي مالڪ جو ٻانهو ئي رهندو ٢- منجهس حق تعالي کان سڏيءَ طرح حقيقت حاصل ڪرڻ جي صلاحيت ۽ سگهه هجي. اهو تڏهن ممڪن آهي، جڏهن نفساني خواهشن ۽ بشري براين کان پاڪ صاف هجي، ڇاڪاڻ ته جيڪي به حجاب دل تي پون ٿا، اهي انهن براين ۽ بشري ڪمزورين سبب پون ٿا. جيئن حضرت موسيٰ عليه السلام بغير واسطي جي الله جو ڪلام ٻڌو مگر دراصل اهو بغير واسطي جي نه هو بلڪ وڻ جي وسيلي الله جو خطاب ٻڌائين ته أَنَا اللهُ (آءٌ الله آهيان.) ارشاد فرمائي ٿو ته:

نُودِيَ مِنْ شَاطِئِ الْوَادِي الْأَيْمَنِ (1)

[ڪيس مبارڪ وادي‌ءَ مان آواز ڏنو ويو.]

الله تعالي جو ڪلام حرف، آواز پڪارڻ کان سواءِ آهي، پر موسيٰ عليه السلام حرف، آواز ۽ ندا جي واسطي سان سندس ڪلام ٻڌو. سڏيءَ طرح الله جو ڪلام ٻڌي ها ته هوندَ ڪيس خضر عليه السلام وٽ علم جي تحصيل لاءِ نه موڪليو وڃي ها. انهيءَ ڪري حضرت خضر عليه السلام ڪيس چيو ته:

إِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيعَ مَعِيَ صَبْرًا (2)

[بيشڪ تون مون سان هرگز صبر ڪري نه سگهندين.]

ته جيئن موسيٰ عليه السلام جا بشري نشانَ ۽ صفتون سندس دل تان ختم ٿين، نبوت جي شروعات ۾ جيئن ته موسيٰ عليه السلام کي

(1) سورة القصص آيت: ٣٠

(2) سورة الكهف آيت: ٦٧

www.maktabah.org

حجاب هٽائڻ ۾ ڪمال جي خصوصيت هئي، ان ڪري حق تعالىٰ جي وحيءَ جو واسطو حاصل ٿيس، جيئن قرآن ۾ آهي تہ:

نَزَلَ بِهِ الرُّوحُ الْأَمِينُ عَلَىٰ قَلْبِكَ (3)

[تنهنجي قلب تي انهيءَ قرآن کي روح الامين لاتو آهي.]

معراج جي رات رسول الله ﷺ جن کان جيڪي حجاب هٽايا ويا اهو "رفع حجاب" حقيقي هو. وچان واسطو صفا هٽي ويو هو. جيئن فرمائي ٿو:

فَأَوْحَىٰ إِلَىٰ عَبْدِهِ مَا أَوْحَىٰ ﴿١٠﴾ (4)

[پوءِ پنهنجي ٻانهي ڏانهن جيڪا وحي ڪرڻي هيس سا وحي ڪيائين.]

٣- الله جي قرب ۾ نزديڪيءَ واري مقام جو حاصل هئڻ. اهو مقام خاص الخاص ٻانهن کي حاصل ٿيندو آهي. الله تعالىٰ جي رحمت جي صفت جيڪا ماڻهن کي حاصل ٿئي ٿي، ان جا ٻہ قسم آهن. عوام، خاص الخاص- عام ۾ خاص کي واسطي سان ۾ خاص الخاص کي بغير واسطي سان رحمت حاصل ٿئي ٿي. عوام کي الله جي صفت رحمانيت مان رحمت حاصل ٿئي ٿي، جيڪا مقبول يا مردود بہ ٿي سگهي ٿي، يعني گهٽ وڌ بہ ٿي سگهي ٿي ۾ کسجي بہ سگهجي ٿي. رزق، صحت ۾ مخلوق جي هڪ ٻئي تي مهرباني ڪرڻ بہ ان مان آهي، اهڙيون شيون ڪافرن ۾ مسلمانن سيني لاءِ برابر آهن، ڇاڪاڻ تہ الله تعالىٰ جي هڪ صفت رحمن الدنيا آهي، تان تہ انسان انهيءَ رحمت مان پاڻ پرائي، نبين سڳورن جي آندل تعليم تي عمل ڪندي پاڻ کي ان قابل بٹائي جو آخرت ۾ الله جي صفت رحيم الآخرت مان بهره مند ٿئي ۾ جنت ماڻي. خاص الخاص ماڻهن کي الله تعالىٰ جي صفت ارحم الراحمين مان حصو ملي ٿو.

إِذْ نَادَىٰ رَبَّهُ أَنِّي مَسَّنِيَ الضُّرُّ وَأَنتَ أَرْحَمُ الرَّاحِمِينَ ﴿٨٣﴾ (1)

---

(3) سورة الشعراء آيت : ١٩٣

(4) سورة النجم آيت :١٠

www.maktabah.org

[جڏهن پنهنجي رب کي پڪاريائين تہ مون کي تڪليف پهتي آهي ۽ تون سڀ کان وڌيڪ رحم ڪندڙ آهين.]

موسيٰ عليه السلام دعا ڪئي تہ:

رَبِّ اغْفِرْ لِي وَلِأَخِي وَأَدْخِلْنَا فِي رَحْمَتِكَ وَأَنْتَ أَرْحَمُ الرَّاحِمِينَ ﴿١٥١﴾ (2)

[اي منهنجا رب! مون کي ۽ منهنجي ڀاءُ کي معاف ڪر ۽ اسان کي پنهنجي رحمت ۾ داخل فرماءِ ۽ تون ارحم الراحمين آهين.]

انهن آيتن ۾، الله تعاليٰ جي انهيءَ رحمت جو ذڪر آهي، جيڪا خاص الخاص ٻانهن تي ٿئي ٿي ۽ اهو نتيجو آهي، الله تعاليٰ جي الوهيت جي صفتن جي تجليءَ جو ۽ بشري نشانن ۽ صفتن جي محو ٿيڻ جو ۽ ربوبيت جي اخلاقن کي اختيار ڪرڻ جو.

۴- بغير واسطي جي الله تعاليٰ جو علم حاصل ٿيڻ، اهو تڏهن حاصل ٿيندو آهي، جڏهن ٻانهو دل جي فرحيءَ تان هر قسم جي روحاني، عقلي، حسي، سمعي، مادي علمن جا آثار ۽ نشان مٽائي ڇڏيندو آهي تہ جيئن ان تي علم لدني ظاهر ٿئي، دل انهيءَ علم کي اخذ ڪرڻ ۾ مشغول ٿي وڃي. جيتوڻيڪ موسيٰ عليه السلام کي توريت جو علم عطا ٿيو، پر اهو تختين جي واسطي سان هو، مگر خضر عليه السلام کي بغير واسطي جي حاصل هو. الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

وَكَتَبْنَا لَهُ فِي الْأَلْوَاحِ (1)

[۽ اسان موسيٰ کي تختين ۾ لکيل علم ڏنو.]

فائدو: خضر عليه السلام جي صحبت، ٻين کي بہ حاصل ٿئي ٿي تہ جيئن سندن دل حق حاصل ڪرڻ جي لائق ٿئي ۽ دلين جي فرحين مان الله جي رحمت ايري، اهو مرتبو رسول الله ﷺ جن کي حاصل هو. جيئن حديث آهي تہ:

---

(1) سورة الانبياء آيت: ۸۳

(2) سورة الاعراف آيت: ۱۵۱

(1) سورة الاعراف آيت: ۱۴۵

www.maktabah.org

أُوتِيتُ جَوَامِعَ الْكَلِمِ (2)

[مون کي مختصر مگر جامع ڪلمات عطا ڪيا ويا آهن.]

رسول الله ﷺ جن قرآن دل جي راستي کان سکيو نہ ڪتابي صورت ۾. ارشاد فرمائي ٿو:

الرَّحْمٰنُ ① عَلَّمَ الْقُرْاٰنَ ② (3)

[رحمٰن، جنهن قرآن سيکاريو.]

۵- جيتوڻيڪ الله تعالي، "علم لدني" سيکاري ٿو پر ضروري نہ آهي تہ جيڪو بہ علم، الله بغير واسطي جي سيکاري سو "علم لدني" بہ هجي. جيئن دائود عليه السلام جي باري ۾ آهي تہ:

وَعَلَّمْنٰهُ صَنْعَةَ لَبُوْسٍ لَّكُمْ (1)

[اسان ان کي توهان لاءِ زرهون ٺاهڻ جي صنعت ۽ ڪاريگري سيکاري.]

زره سازي جي صنعت علم لُدني نہ آهي، ڇو تہ علم لدني الله تعالي جي ذات ۽ صفات جي تجليءَ سان تعلق رکي ٿو. جيڪو بغير واسطي جي حاصل ٿئي ٿو. رسول الله ﷺ جن جو فرمان آهي:

عَرَفْتُ رَبِّيْ بِرَبِّيْ (2)

[مون پنهنجي رب کي، پنهنجي رب جي واسطي سان سڃاتو.]

اهو علم هن طرح حاصل ٿئي ٿو تہ سالڪ پنهنجو وجود پيدا ڪري تہ جيئن ان جي پيدائش سان پنهنجي "لدن" جي وسيلي حق تائين پهچي. جيئن الله پاڪ فرمائي ٿو تہ:

وَاِنَّكَ لَتُلَقَّى الْقُرْاٰنَ مِنْ لَّدُنْ حَكِيْمٍ عَلِيْمٍ ⑥ (3)

---

(2) اها حديث حضرت عمر رضي الله عنه کان مروي آهي. قرطبي ۲۹۵ ج ۱۲، ابن ڪثير ص ۳۴۷ ج ۲، تفسير طبري ۴۷ ج ۱۰، مسلم ۳۷۱ ج ۱، ابن حبان ص ۸۷ ج ۶، ترمذي ص ۱۲۳ ج ۴، مجمع الزوائد ص ۱۷۳ ج ۱، بيهقي سنن ڪبري ۴۳۳ ج ۴، احمد ۲۵ ج ۱.

(3) سورة الرحمٰن آيت:۱-۲

(1) سورة الانبياء: آيت: ۸۰

(2) حديث نہ پر حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جو قول آهي، حوالو مٿي گذريو.

www.maktabah.org

[۽ بيشڪ تون قرآن، داناءَ الله کان سکين ٿو.]

حضرت عيسيٰ عليه السلام فرمائي ٿو تہ:

بِيَدِهٖ مَلَكُوْتُ السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضِ مِنْهَا يُوْلَدُ مَرَّتَيْنِ

[آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي سندس هٿ ۾ آهي، جنهن مان ٻہ ڀيرا پيدا ڪيو وڃي ٿو.]

اها ٻٽي پيدائش هن طرح آهي تہ جڏهن مريد صادق شروع ۾ الله جي واٽ ۾ قدم رکندو آهي تہ جيئن قرآن مجيد ۾ آهي تہ:

وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا (4)

[۽ بيشڪ جن ماڻهن اسان جي واٽ ۾ جهاد ڪيو ضرور کين پنهنجا رستا ڏيکاريندا سون.]

اها طلب جي واٽ آهي، جڏهن سالڪ، دل جي طبعي لاڙن نفساني خواهشن ۽ دنياوي لذتن کي ڇڏي ڏئي ٿو تہ الله تعالىٰ ڏانهن متوجه ٿئي ٿو، جنهن کي هن طرح بيان ڪيو ويو آهي تہ لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا (ضرور کين پنهنجيون واٽون ڏيکاريندا سون.) ان مان مراد پير ڪامل جو جمال آهي، جيڪو سالڪ جي قلب جي آئيني ۾ ظاهر ٿيندو آهي. "سالڪ" مان مراد "مجذوب" نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ مجذوب "شيخ" نٿو ٿي سگهي، يلي اهو سالڪ ڇو نہ هجي. "مجذوب سالڪ" هڪ شيءِ ۽ "مجذوب مطلق" ٻي شيءِ آهي جڏهن سچو مريد، دل جي آئيني ۾ مرشد جي جمال جو مشاهدو ڪندو آهي تہ ان جو عاشق ٿي پوندو آهي. سندس دل جو سُڪُ ۽ قرار ختم ٿي ويندو آهي. سالڪ جي سموري سعادت جو دارومدار انهيءَ عاشقي تي آهي. جيستائين مريد، شيخ جي جمال ۽ ڪمال تي عاشق نہ ٿيندو ذاتي تصرفات، ارادن ۽ اختيارن کان دستبردار نہ ٿيندو تيستائين شيخ جي ارادي جا تصرفات ان ۾ داخل ٿي نہ سگهندا. مريد جي معنيٰ ئي اها آهي تہ شيخ جي مراد تي هلي، نڪي پنهنجي مراد ۽ مرضيءَ

(3) سورة النمل آيت: ٦

(4) سورة العنكبوت آيت: ٦٩

www.maktabah.org

تي هلي چاكاڻ ته:

اَلْاِرَادَةُ تَرْكُ الْاِرَادَةِ (1)

[ارادتمندي ۽ عقيدتمندي، ذاتي ارادي ۽ شخصي راءِ کي ڇڏي ڏيڻ جو نالو آهي.]

جڏهن مريد صادق، شيخ جي ولايت جو عاشق ٿيندو، تڏهن شيخ جا تصرفات اختيار ڪرڻ جو اهل ٿيندو. مريد جو مثال، آني مان ٻچي جي نڪرڻ وانگر آهي، جنهن ۾ سندس بشري وجود بند هوندو آهي ۽ "پکيءَ جي مرتبي" تي هوندو آهي، جنهن جو مطلب آهي ته "خاص ٻانهپ" جي استعداد کان عاجز هوندو آهي. جڏهن مريد کي پنهنجي شيخ جي طرفان تصرف قبول ڪرڻ جي توفيق عطا ٿيندي آهي ته شيخ ان کي پنهنجي عمل دخل ۽ فيض جي اثر سان ولايت جا پَرَ عطا ڪندو آهي. پوءِ مريد پنهنجي بلند همتيءَ سبب بلند درجن ڏانهن پرواز شروع ڪندو آهي ۽ هر ڳالهه ۾ حرام ۽ حلال جي پابندي ڪندو آهي، تانجو آهستي آهستي طالب جي ولايت ۾، تڪميل تائين پهچندو آهي، جيئن پکي بيضي مان نڪرندو آهي ۽ آهستي آهستي وڌندو ويجهندو آهي، تانجو ان ۾ پَرَ ۽ پَڪَ لڳي ويندا آهن ۽ وڏو ٿي پکيءَ ۾ تبديل ٿي ويندو آهي ۽ تصرف ۽ عمل دخل ڪندڙ شيخ مريد جي صفت ۽ اصليت کي تبديل ڪري ڇڏيندو آهي. ڄاڻڻ گهرجي ته شيخ پنهنجي اصليت ۾ ائين نه هوندو آهي، جيئن ماڻهو کي نظر ايندو آهي، بلڪ حقيقت ۽ معرفت جي مقام تي الله تعالىٰ وٽ عنديت ۽ حق جي قبي هيٺيان سچي ويهڪ تي فائز هوندو آهي، چاكاڻ ته فرمايو ويو آهي ته:

اَوْلِيَائِيْ تَحْتَ قَبَائِيْ لَايَعْرِفُهُمْ غَيْرِيْ

[منهنجا ولي منهنجي قبا جي هيٺان هوندا آهن، مون کان سواءِ انهن کي کو به نه سڃاڻندو آهي.]

---

(1) التعاريف ص ٦٧٦ ج ١، التعريفات ص ٢٩٥ ج ١ وفي روايته تحت باب (التعريفات ص ٥٩٥ ج ١) شايد ڪنهن جو قول آهي، حديث نه آهي، والله علم.

www.maktabah.org

يعني انهن تي غيرن جي نظر نہ پوندي آهي. مصنف مرصاد العباد فرمائي ٿو:

مردان رهش زنده بجان دگرند
مرغان هواش ز آشيان دگرند
منگر تو بديد ايشان كه ايشان
بيرون دو كون در جهان دگرند.

[طريقت ۾ معرفت جي مردن جي راه جي حياتي جدا آهي. هوا ۾ اڏرندڙ پکين جو آشيانو ٻيو هوندو آهي. تون انهن کي پنهنجي نظر سان نہ ڏس، چاکاڻ تہ اهي بنهي جهانن کان ٻاهر جدا جهان ۾ رهندا آهن.]

مريد جي وجود ۾ انسانيت جو جيڪو ملکوتي بيضو يعني جوهر يا سَتَ موجود هوندو آهي، شيخ جي ملکوتي تاثير ۾ عمل دخل جي ڪري اهو ترقي ڪندو آهي ۾ بلند درجن تي فائز ٿيندي ٿيندي، وڃي ملکوتي فضا ۾ پرواز جي قابل ٿي ويندو آهي ۾ الله بادشاه جي عزت جوڳي مقام وٽ خصوصي مقام ۾ اهميت حاصل ڪندو آهي. جيئن قرآن مجيد ۾ فرمايو ويو آهي تہ:

فِيْ مَقْعَدِ صِدْقٍ عِنْدَ مَلِيْكٍ مُّقْتَدِرٍ ﴿٥٥﴾ (1)

مريد ۾ طالب پهريائين عام انسان ۾ عام ٻانهو هوندو آهي. هاڻي شيخ جي تصرف ۾ عمل دخل سبب، الله جو خاص ٻانهو ٿي ويندو آهي.

ڄاڻڻ گهرجي تہ مشيخيت ۾ رهبري جو ڪم عظيم آهي. هزارن اوليائن مان ڪو هڪ هوندو، جيڪو انهيءَ رهبريءَ جي مقام ڪمال تي پهچندو آهي.

مصرع

اين كار دولت است كنون تا كرا رسد

[اهو تہ عظيم سعادتمندي جو ڪم آهي، اتي هر هڪ ڪيئن پهچي سگهي ٿو؟]

ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿٢١﴾ (2)

---

(1) سورة القمر آيت: ٥٥

www.maktabah.org

[اهو الله جو فضل آهي، جنهن کي چاهي ٿو عطا فرمائي ٿو ۽ الله عظيم فضل وارو آهي.]

سچو مريد، جيئن ته شيخ جي ولايت جي ڪمال جو اثر قبول ڪندو آهي ۽ وجود جي بيضي مان ٻاهر ايندو آهي، پوءِ پکيءَ جي مقام تي پهچي، تقدير جي احڪامن جي تصرفات کي قبول ڪندو آهي، مدت تائين انهن احڪامن جو بار کڻندو آهي. ازلي هستيءَ کان، ان جي وجود کي ٻيو ڇا گهرجي؟ اهائي پنهنجي چاهت ڇڏي ڏيڻ ۽ الله تعالي جي حڪمن احڪامن جي پيروي ڪرڻ آهي. مريد جي مجاهدن، رياضتن ۽ عبادتن ۾ مرشد جي عمل دخل جي جيڪا هوا لڳندي آهي، انهيءَ وسيلي سان اسرار، معاني، حقائق ۽ علم لدني ان جي وجود ۾ ظاهر ٿيندا آهن، جيڪي ڳالهائڻ ۽ ڏسڻ جي درين مان روشن نظر ايندا آهن. سچي مريد جو تيار ٿيل وجود جو بيضو مرشد جي عمل دخل سان نئين شڪل ۽ صورت ونڊندو آهي. جڏهن ان جي مقرر مدت پوري ٿيندي آهي ۽ بيضي ۾ مرشد جي تصرف جي قوت عمل ڪندي آهي ته، شيخ جي اجازت سان حق جو اشارو ان کي رهبري جي مقام تي پهچائيندو آهي. جيڪو هاڻيءَ رهبريءَ ۽ مرشديءَ جي منصب تي پهچن، پنهنجن مريدن جي وجود جي بيضي کي تربيت ڏيندو آهي. مشيخيت ۽ رهبري جا اهي بيشمار شرط ڳاڻاٽي ۾ اچي نٿا سگهن، مگر مرشد ۾ اهي شرط هڻڻ گهرجن، جن سان ڪمال حاصل ٿي سگهي. جيڪڏهن انهن ضروري صفتن ۽ شرطن مان ڪنهن هڪ ۾ به ڪوتاهي ۽ خلل واقع ٿيندو ته سندس رهبري ۽ مشيخيت جي درجي ۾ انهيءَ مناسبت سان نقصان واقع ٿيندو.

شيخ ۽ مرشد ٿيڻ جا شرط

١- انهن مان هڪ اهم شرط، علم آهي. شيخ کي ضرورت مطابق شريعت جو علم حاصل ڪرڻ گهرجي. ٢- اهل السنة والجماعة جا عقيدا رکي يعني بدعتي نه هجي. ٣- ديني ۽ دنياوي اعتبار سان عقل ۾ ڪامل

(2) سورة الحديد آيت: ٢١

www.maktabah.org

هجي ته جيئن مريدن جي صحيح رهبري ۽ تربيت ڪري سگهي ۴- شيخ سخي هجي ته جيئن مريدن جي زندگي جون جيڪي ضرورتون آهن، مثلاً ڦوت لايموت وغيره، اهي پوريون ڪري سگهي ۽ مريدن لاءِ ممڪن ٿي سگهي ته اُهي، ڏيان سان ديني ڪم ۾ مشغول ٿي سگهن. ۵- بهادر دلير ۽ دلاور هجي، مخلوق جي ملامت کان نه ڊڄي، هر ڪنهن جي چوڻ تي مريد کي رد نه ڪري، حاسدن ۽ بدخواهن کان هوشيار رهي. ۶- پاڪ دامن هجي ته جيئن مريد ان کان نه ڇڄن ۽ انهن جي ارادت ۾ فساد پيدا نه ٿئي، طبعًا عفيف ۽ پاڪ باز هجي ۷- بلند همت هجي، دنيا ڏانهن ڏيان نه ڏي. جيڪڏهن ضرورت مطابق رزق، روزي رکي، جيڪا دنياوي لحاظ کان نقصان ده شيءِ نه هجي ته درست آهي. مال گڏ نه ڪري، مريد جي مالن ۾ اکيون نه وجهي، نه ته مريد جي عقيدتمنديءَ ۾ خلل ۽ خرابي ايندي. مريد لاءِ ان کان وڏو فتنو ۽ آفت ڪا ٻي نه آهي، جو شيخ جي حال احوال تي اعتراض ڪري. ۸- مهربان صفت هجي، تدريج سان مريد جي تربيت ڪري ۽ ان تي بار نه رکي. مريد جي دل ۾ قبض يعني تنگي هجي ته پنهنجي ولايت جي تصرف وسيلي ان کي بسط ۽ ڪشادگي عطا ڪري، سندس دل ۾ وڌيڪ ڪشادگي هجي ته ڪجهه تنگي ڪري ۽ مريد جي احوال کان سانده خبردار رهي. ۹- بردبار هجي يعني ائين نه هجي ته طبيعت جي خلاف جيڪا به ڳالهه ڏسي، ان تي ڪاوڙ ڪري. مريد کي ناراض نه ڪري، فقط ضرورت مطابق سندس تاديب ڪري. ۱۰- معافي ۽ درگذر کان ڪم وٺي، جيڪڏهن بشري تقاضا مطابق مريد کان ڪا حرڪت ٿي وئي هجي ته مٿس ڪَهلَ ۽ ڪرم جي نگاه ڪري ۱۱- حسن اخلاق وارو هجي، ته جيئن مريد کي به سندس بداخلاقيءَ کان نجات ڏياري ۽ سندس خدمت ڪري، چڱا لڇڻ پيدا ڪري تانجو مريد شيخ جي افعال، احوال ۽ اقوال جو آئينو ٿئي. ۱۲- ايثار ۽ قرباني سندس عادت هجي، مريد جي مصلحتن کي ذاتي مصلحتن تي ترجيح ڏي ۽ هن آيت سڳوريءَ جو عملي نمونو هجي:

www.maktabah.org

وَيُؤْثِرُونَ عَلَىٰٓ أَنفُسِهِمْ وَلَوْ كَانَ بِهِمْ خَصَاصَةٌ[1]

[ٻين کي پاڻ تي ترجيح ڏين ٿا، جيتوٽيڪ پاڻ تنگيءَ ۾ هوندا آهن.]

۱۳- ولايت جي ٻاجهه جو حامل هجي تہ سندس مريد ان جي ولايت مان لاڀ پرائي. ۱۴- توڪلي هجي، يعني منجهس توڪل جي صفت هجي ۽ روزگار جي ڳٽتيءَ سبب در در جون ٺوڪرون نہ کائي. ۱۵- تسليم ۽ رضا جي صفت منجهس هجي، پوءِ الله تعالىٰ جنهن کي چاهيندو سندس غفلت جا پردا پري ڪندو. مرشد کي گهرجي تہ، مريدن جي اچڻ جو حرص ڪري ۽ انهن جي وڃڻ سبب سست ٿئي. جنهن کي الله تعالىٰ اُن سان وابسته ڪري، ان جو حق سڃاڻي، سندس خدمت کي پنهنجو فرض ڄاڻي ۽ ان جي اچڻ وڃڻ جي ڪري نہ ٽلهو ٿئي ۽ نہ ڏٻرو ٿئي. ۱۶- الله تعالىٰ جي قضا تي راضي رهي. مريدن جي مناسبت ۽ صلاحيت مطابق تلاش حق ۽ قبول حق کان راضي رهي ۽ ازلي اصولي حڪمن تي اعتراض نہ ڪري. ۱۷- باوقار هجي، يعني مريدن سان احترام ۽ وقار سان پيش اچي تہ جيئن اهي گستاخ ۽ دليرنہ ٿين ۽ انهن جي دلين مان مرشد جو مرتبو گهٽ نہ ٿئي، بلڪ عقيدتمندي ۽ ارادتمندي جي تقاضا موجب مريد سندس ادب احترام ڪن. ۱۸- جڳائي تہ منجهس سڪون ۽ تسلي ڪامل هجي پنهنجن ڪمن ۾ جلد بازي جو مظاهرو نہ ڪري، بلڪ مريد جي حيثيت مطابق عمل دخل ڪري تہ جيئن ان جي تعليم تي هلڻ کان انڪار نہ ڪري. ۱۹- هر ڪم ۾ ثابت قدم رهي، شريعت جي انهن ڪمن تي عمل ڪري، جيڪي عزيمت جا آهن. مريد سان عهد ڪري تہ ان کي پاڙي، تہ جيئن بدعهدي ۽ وعدي جي ڀڃڪڙي جي الزام کان آجو رهي ۽ ان جي حرڪتن کان همت هاري نہ ويهي. ۲۰- هيبت ۽ حشمت جو صاحب هجي، جنهن سان سندس شخصيت جي عظمت ۽ دٻدٻو قائم رهي تہ جيئن مريد، مرشد جي موجودگي ۽ غير موجودگي ۾ ان جو ادب ڪري ۽ مريد جو نفس، شيخ جي ولايت جي هيبت هيٺ رهي ۽ شيطان لاءِ اهو ممڪن نہ ٿئي تہ ڪيس گمراهہ ڪري. شيخ پنهنجي ولايت جي هيبت سان مريد ۾ عمل دخل

(1) سوره الحشر آيت: ۹ پ ۲۸

www.maktabah.org

ڪري، مريد، شيخ جي خدمت ڪري، سندس حالات، مقامات، ڪرامات، صفات ۽ اخلاق اختيار ڪري، مرشد کي جڳائي ۽ سچي مريد لاءِ معمولي روزگار جو بندوبست ڪري، پڻ مريد کي گهرجي ۽ عقيدتمندي جون جيڪي وصفون، شرط، اَدَبَ آهن، انهن جي پابندي ڪري ۽ جيئن هن آيت جو نمونو ٿئي:

نُوْرٌ عَلٰى نُوْرٍ (1)

[نور جي مٿان نور آهي.]

ٻئي هنڌ فرمايو ويو آهي:

يَهْدِي اللّٰهُ لِنُوْرِهٖ مَنْ يَّشَآءُ (2)

[الله جنهن کي چاهي ٿو، پنهنجي نور ڏانهن رهنمائي ڪري ٿو.]

اهڙي طرح الله تعالي جي باجهه سان ڪيس هدايت نصيب ٿيندي، جيڪو اصل مقصد آهي.

ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ (3)

[اهو الله جو فضل آهي.]

اي منهنجا عزيز! جاڻڻ گهرجي ۽ مرشد جي ضرورت ۽ مريدي جي نيازمندي، ۽ سلوڪ جي راه تي هلي انسان جي اصلاح ڪرڻ، قرآن مجيد جي هن آيت مان ثابت آهي ته:

هَلْ اَتَّبِعُكَ عَلٰٓى اَنْ تُعَلِّمَنِ مِمَّا عُلِّمْتَ رُشْدًا ﴿٦٦﴾ (1)

[چا آءٌ تو سان گڏ هلان ۽ جيئن پلائيءَ جون جيڪي ڳالهيون توکي سيکاريون ويون آهن، سي مون کي به سيکارين.]

حديث ۾ آهي ته شيخ پنهنجي قوم ۾ ائين آهي جيئن، نبي پنهنجي اُمت ۾ هوندو آهي.

---

(1) سورة النور آيت: ٣٥

(2) سورة النور آيت: ٣٥

(3) سورة الحديد آيت: ٢١

(1) سورة الكهف آيت: ٦٦

www.maktabah.org

سلوڪ ۾ معرفت جي واٽ ۾ شيخ ڪامل اهو ئي آهي، جيڪو ظاهر ۾ باطن ۾ هر لحاظ سان شريعت محمدي ﷺ جو پيرو ڪار هجي، رهبر عارف. ولايت ۾ تصرف جو صاحب ۾ آنحضرت ﷺ جي درگاه جو فيض يافته هجي ته جيئن ان ڏس ۾ اتان ڪيس رهنمائي ملندي رهي ۾ انهن اولياءَ الله ۾ سندس شمار ٿئي، جن جي باري ۾ فرمايو ويو آهي ته منهنجا ولي منهنجي قبا جي هيٺان هوندا آهن، مون کان سواءِ انهن کي کو به نه سڃاڻندو آهي.

حضرت موسيٰ عليه السلام کي نبوت کان اڳ جيڪو مرتبو رسالت جو درجو اولو العزمي ۾ ڪمال حاصل هو ان جي باوجود حضرت شعيب عليه السلام جي ڏهه سال خدمت ڪيائين ته جيئن الله تعالي جي بارگاه مان اها سعادت ڪيس نصيب ٿئي جو پاڻ ڪتاب الهيءَ جو حامل ٿئي:

وَكَتَبْنَا لَهُ فِي الْأَلْوَاحِ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ مَّوْعِظَةً وَّتَفْصِيلًا لِّكُلِّ شَيْءٍ (2)

[ان کي تختين ۾ نصيحت جي هر شيءِ ۾ هر شيءِ جي تفصيل لکي ڏني سون.]

آخرڪار بني اسرائيل جو رهبر مقرر ٿيو ۾ رب العزة جي بارگاه مان توريت جو لکيل مجموعو تفويض ٿيس. پوءِ حضرت خضر عليه السلام جي "علم لدنيءَ جي مدرسي" ۾ داخل ٿيو. قرآن ۾ آهي ته موسيٰ عليه السلام کيس چيو ته :

هَلْ أَتَّبِعُكَ عَلَىٰ أَن تُعَلِّمَنِ مِمَّا عُلِّمْتَ رُشْدًا ﴿٦٦﴾ (1)

[چا آءٌ توسان گڏ هلان ته جيئن پلائيءَ جون جيڪي ڳالهيون تو کي سيکاريون ويون آهن، سي مون کي به سيکارين.]

فتني باز مغرور واٽ ڪان اڻ واقف اهو شخص آهي، جيڪو سوچي ته ڪعبة الله جي مسافري ڪان سواءِ دليل ۾ رهبر جي طلب ضروري

(2) سورة الاعراف آيت: ۴۵
(1) سورة الكهف آيت:٦٦

www.maktabah.org

نہ آهي. هيهات هيهات لما توعدون (پري آهي، پري آهي اها ڳالهه جنهن جو توهان سان وعدو ڪجي ٿو.) جيتوڻيڪ هدايت جي شروعات ۾ نہ پيغمبر جي ضرورت هوندي آهي نہ پير جي، بلڪ اها هڪ قسم جي طلب کان سواءِ قلبي ڪيفيت آهي، جيڪا الله تعالي دل ۾ پيدا ڪندو آهي ۽ جيستائين اها طلب، اهو جذبو پيدا نہ ٿئي، پيغمبر ۽ پير، مرشد جي تاڪيد ۽ تلقين سان به هدايت نہ ملندي. اهو ئي سبب آهي جو نبي ﷺ جن گهڻي ڪوشش ڪئي تہ پنهنجي چاچي ابوطالب کي هدايت جي واٽ ونائين، پر جيئن تہ پالٹهار پاڪ جي مرضي نہ هئي، انهيءَ ڪري اهو مقصد حاصل نہ ٿيو ۽ فرمايو ويو تہ:

إِنَّكَ لَا تَهْدِي مَنْ أَحْبَبْتَ وَلَٰكِنَّ اللَّهَ يَهْدِي مَنْ يَشَاءُ (2)

[جنهن کي توهان گهرو هدايت نٹا ڏئي سگهو، پر الله تعالي جنهن کي چاهيندو آهي، هدايت عطا فرمائيندو آهي.]

(۱) البت ايترو ضرور آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن جي دل جي زمين ۾ طلب جو بج موجود هوندو تہ پوءِ پير يا پيغمبر جي رهبري جي ضرورت هوندي آهي، جيئن فرمائي ٿو تہ:

وَإِنَّكَ لَتَهْدِي إِلَىٰ صِرَاطٍ مُسْتَقِيمٍ (3)

[۽ بيشڪ تون صراط مستقيم ڏانهن رهبري ڪرين ٿو.]

اهڙي طرح مريد کي شيخ ڪامل، عارف، واصل بالله جي ضرورت تمام گهڻي هوندي آهي، جنهن جا سبب هي آهن: ۱- ظاهر ۾ ڪو شخص بغير رهبر جي ڪعبي ڏانهن نہ ويندو آهي، جيتوڻيڪ ان کي ڏسڻ وائسڻ، اچڻ وڃڻ ۽ سفر ڪرڻ جي قوت به حاصل هوندي آهي. مسافري به معلوم ۽ متعين هوندي آهي. هتي هڪ حقيقت آهي. جيڪڏهن نبوت جا چار هزار هڪ سو ويهه نقطا ۽ رسالت جو جزو وک وڌائي تہ هڪ قدم به اڳتي نظر نہ ايندو. حالانڪ سلوڪ جي شروعاتي مسافر جو حال هي آهي تہ نہ هلڻ لاءِ قدم اٹس نہ ڏسڻ لاءِ نظر. قرآن مجيد ۾ سندس صفت بيان

(2) سورة القصص آيت: ٥٦
(3) سورة الشوري آيت: ٥٢

www.maktabah.org

ڪئي وئي آهي تہ:

إِنَّهُۥ كَانَ ظَلُومًا جَهُولًا ﴿٧٢﴾ (1)

[بيشڪ اهو ظالم ۽ آهي تہ جاهل ۽ آهي.]

پوءِ ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ پيردستگير جي رهبري ۽ مدد کان سواءِ هدايت جي واٽ ونجي؟ بلڪ ڪو شخص خود بخود هدايت تي هلي نٿو سگهي. الله تعالي فرمائي ٿو تہ:

مَا كُنتَ تَدْرِى مَا الْكِتَابُ وَلَا الْإِيمَانُ وَلَٰكِن جَعَلْنَاهُ نُورًا نَّهْدِى بِهِۦ مَن نَّشَآءُ مِنْ عِبَادِنَا (2)

[نہ ڄاڻندو هيئن تہ ڪتاب ڇا آهي ۽ نہ ئي ايمان ڄاڻندو هئين. ليڪن اسان ان کي نور ڪيو. اُن جي ذريعي پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي چاهيون ٿا. هدايت ڏيون ٿا.]

غرض جيستائين اڻ ڪڙ برپٽ ۽ ڊگهي واٽ جا ڪشالا آهن. يقين آهي تہ رهبر کان سواءِ منزل نہ ملندي.

(٢) جيئن رستي تي چور ۽ ڏاڙيل گهٽا هوندا آهن. انهيءَ ڪري نگهبانن ۽ حفاظتي عملي کان سواءِ صحيح سلامت رستو طي ڪري نہ سگهبو آهي. راه حقيقت ۾ دنياوي زيب زينت جون شيون گهٽيون آهن. جيئن سوره آل عمران ۾ آهي:

زُيِّنَ لِلنَّاسِ حُبُّ الشَّهَوَاتِ مِنَ النِّسَآءِ وَالْبَنِينَ وَالْقَنَاطِيرِ الْمُقَنطَرَةِ مِنَ الذَّهَبِ وَالْفِضَّةِ وَالْخَيْلِ الْمُسَوَّمَةِ وَالْأَنْعَامِ وَالْحَرْثِ (1)

[سينگاريو ويو آهي ماڻهن لاءِ عورتن جي شهوتن کي ۽ ٻارن ۽ سون ۽ چانديءَ جي ذخيرن ۽ زين ڪَسيل گهوڙن ۽ جانورن ۽ پوک جي محبت کي.]

نفس، خواهش، خراب ساٿي ۽ شيطان اهي سڀ هن واٽ جا

---

(1) سورة الاحزاب آيت: ٧٢

(2) سورة الشوري آيت: ٥٢

(1) سوره آل عمران آيت:١٤

www.maktabah.org

ڏاڙيل آهن. ڪامل مرشد ڪان سواءِ انهن جي شر ڪان بچي نٿو سگهجي.

(۳) جيئن ته هن راه ۾ ڪيترائي ماٺهو گهڙيا ۽ دين ۽ ايمان وڃايائون جهڙي طرح، طبعي علم جي ماهرن، برهمنن، تشبيه ۽ تعطيل جو عقيدو رکندڙن اباحيه فرقي وارا، ۽ بدعتي، انهن سيني بغير پيشوا ۽ مرشد جي سلوڪ جي راه اختيار ڪئي ۽ ان ڪري، ڪيترن ئي مصيبتن ۾ گرفتار ٿي رلي ويا ۽ هلاڪ ٿيا. جيڪي مونجهارا ۽ مسئلا آهن، فلسفين مان ڪن انهن سيني شبهن، شڪن ۽ وسوسن جو مطالعو ۽ تحقيق ڪري انهيءَ راز کي لڌو ته بدعتين، ماده پرستن ۽ نفس پرستن مان هرهڪ گروهه کي ڪهڙي ڪهڙي مصيبت وکوڙيو ۽ سندن انجام ڪيئن ٿيو؟ ڪير ڪٿي هلاڪ ٿيو ۽ دوزخ جو ڪاڄ ٿيو پر پاڻ ولايت ۽ عرفان جي صاحبن جي نگرانيءَ ۾ سلامتي سان ڪامياب ٿيا.

(۴) هن وات ۾ سفر ڪندڙن کي بيشمار آزمائشون ۽ امتحان ڏسڻا پون ٿا. شيخ، اهڙو صاحب تصرف ۽ ڪامل هجي جو مريد کي سيني آزمائشن مان آسانيءَ سان ڪڍي، خراب عادتن ۽ صفتن کان پاڪ صاف ڪري، سهڻي نموني کين تاکيد، تلقين، نصيحت ۽ هدايت ڪندو رهي ڇاڪاڻ ته الله تعالي فرمائي ٿو ته:

وَذَكِّرْ فَإِنَّ الذِّكْرَىٰ تَنفَعُ الْمُؤْمِنِينَ ﴿٥٥﴾ (2)

[نصيحت ڪر، بيشڪ نصيحت مؤمنين کي فائدو ڏئي ٿي.]

هن منزل جو واٽهڙو ڪڏهن بيمار بہ ٿي پوي ٿو ۽ بعض اوقات فاسد مادو ان جي طبيعت تي غالب اچي ويندو آهي، جنهن ڪري صحيح رستي کان هٽي ويندو آهي ۽ حڪيم حاذق جي ضرورت پيش ايندي اٿس، جيڪو بروقت ان جو علاج معالجو ڪري ان جي فاسد مواد کي ٻاهر ڪڍي، ان کي اصلي حالت ۾ آڻي، اڪثر اها حالت، هر مريد کي پيش اچي ٿي. پوءِ جيستائين سالڪ، ماهر مرشد ۽ مربيءَ وسيلي پنهنجي بيمار دل جي اصلاح نہ ڪندو تيستائين انهيءَ وات تي هلڻ ان

(2) سورة الذاريات آيت: ۵۵

www.maktabah.org

لاءِ ممڪن نہ ٿيندو. وري جڏهن تندرست ٿي ويندو آهي تہ ڪجهہ عرصي کان پوءِ ان کي ڪا ٻي بيماري وکوڙيندي آهي ۽ وري هوشيار حڪيم جو محتاج ٿي پوندو آهي ۽ اهڙيءَ ريت آخر تائين اهو سلسلو هلندو رهندو آهي. پوءِ جيڪڏهن سالڪ، پنهنجي مرشد ۽ مربي وسيلي پنهنجي حال جي اصلاح نہ ڪندو تہ بيماري ۽ آفت جو خطرو يعني ضائع ٿيڻ جو خدشو غالب ٿي ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي تہ هن وات ۾ هزارين صادق ۽ صديق اهڙا گذريا آهن جيڪي منزل ماڻڻ کان سواءِ واپس موٽي ويا ۽ ايمان جي دولت کان محروم ٿي ويا نَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنْهَا.

(٦) هن راه جو سالڪ کي روحاني مقامات لهندو آهي. ان جو روح بشري لباس ۽ کائڻ پيئڻ کان پاڪ ٿي ويندو آهي ۽ صفات حق جي نشانن جو اثر منجهس ظاهر ٿيندو آهي. جنهن جي ڪري سالڪ تي مڪمل نموني اڻ ڪٿ روحاني انوار ۽ صفتن جي تجلي ٿيندي رهندي آهي، سندس بشري عادتون ۽ خصلتون صفا ختم ٿي ويندين آهن ۽ سالڪ، جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ جو مثال ٿي ويندو آهي. جيئن تہ (رياضتن وسيلي) مقام دل بلڪل صاف شفاف ٿي ويندو آهي، تنهن ڪري روح انهن تجلين جو عڪس قبول ڪندو آهي (پوءِ سالڪ سرشاري ۽ مدهوشيءَ ۾ اچي) چوڻ لڳندو آهي تہ انا الحق (آئون ئي حق آهيان) اهڙي طرح منجهس غرور ۽ وڏ ماڻهپو پيدا ٿيندو آهي. پنهنجو حقيقي مقصد، منزل ۽ مڪمل وصال ماڻيندو آهي، جنهن تائين عقل، سمجهہ ۽ وهم جي رسائي نہ ٿي سگهندي آهي، سواءِ انبياءَ عليهم السلام ۽ اولياءَ ڪرام جي حيرت ۽ عجب ۾ وجهندڙ انهيءَ مقام تي جيڪڏهن ولايت شيخ عمل دخل ڪري، مريد جي رهبري نہ ڪري تہ، ايمان ضايع ٿيڻ جو خوف هوندو آهي. انهيءَ مقام تي حلول ۽ اتحاد جي آفت بہ متوقع هوندي آهي. ان ڪري شيخ ڪامل ۽ حقيقت جو مڪمل ڄاڻو هڻڻ گهرجي، تہ جيئن پنهنجي ولايت جي تصرف وسيلي سالڪ کي خودپرستي ۽ وڏ ماڻهپي جي ڪُن مان ٻاهر ڪڍي ۽ ڪيس ٻڌائي تہ تنهنجو مقام ڪهڙو آهي. پڙ

www.maktabah.org

ان کان مٿانهون مقام ڏيکاري. ان جو شوق پيدا ڪري ٿو جيئن مريد. انهيءَ منزل کان نجات حاصل ڪري ۽ ٻيهر سڏي راه وٺي. ورنہ انهيءَ مونجهاري ۾ اهڙو ڦاسي پوندو جو ڪنهن بہ طرح نجات حاصل ڪري نہ سگهندو.

(۷) سلوڪ جي مسافر کي وات ۾ اهڙا اشارا ٿيندا آهن جن وسيلي غيب جا ڏيک ۽ مڪاشفات ظاهر ٿيندا آهن. اهڙا اشارا گهٽ وڌ ٿيندا رهندا آهن جنهن جو دارومدار مريد جي سير سلوڪ جي ڪيفيت ۽ وقفي يعني الهامي حالت ۾ تاخير تي هوندو آهي. سندس دل ۾ صفائي ۽ معرفت کان سواءِ ڪدورت (ميرَ) سهٽين ۽ خراب صفتن. دنياوي ۽ اُخروي حجابن. نفساني ۽ شيطاني وسوسن ۽ بين اڻ ڪٽ مشاهدن جا احوال ايندا آهن. مقتدي انهن حالتن کان واقف نہ هوندو آهي. جو اها سڀ غيبي زبان هوندي آهي ۽ ڪجهہ جي زبان ڄاڻندڙ کانسواءِ ڪو نٿو ڄاڻي سگهي. پوءِ جڳائي ٿو شيخ کي تائيد الهي حاصل هجي ۽ خوابن جي تعبير بہ ڄاڻي جيئن قرآن مجيد ۾ يوسف عليه السلام جو قول آهي تہ:

رَبِّ قَدْ اٰتَيْتَنِيْ مِنَ الْمُلْكِ وَعَلَّمْتَنِيْ مِنْ تَاْوِيْلِ الْاَحَادِيْثِ[1]

[اي منهنجا رب! بيشڪ تو مون کي بادشاهي ڏني ۽ خوابن جي تعبير سيکاري]

مرشد اهڙو هجي جيڪو مريدن جي واقعن ۽ مڪاشفن جا غيبي اشارا ۽ غيبي زبان ڄاڻي ۽ انهن جو معلم ۽ ترجمان هجي. نہ تہ انهن کان معرفت رهجي ويندي ۽ اهي ترقي نہ ڪري سگهندا ۽ کين مقامات جي معرفت حاصل نہ ٿيندي.

(۸) هر سالڪ سگهہ آهر راه طريقت ۾ قدم وڌائي. سالن جو مفاصلو هڪ گهڙيءَ ۾ طي نٿو ڪري سگهجي. ڇاڪاڻ تہ هن وات ۾ کي مقامات اهڙا آهن جن کي پار ڪرڻ لاءِ وڏي روحاني سگهہ جي ضرورت هوندي آهي. جنهن کان مبتدي (شروعاتي سالڪ) محروم هوندو

---

(1) سوره يوسف آيت : ۱۰۱

www.maktabah.org

آهي. ان جو مثال تہ ان چوڻي وانگر هوندو آهي، جيڪو آني مان نڪرندو آهي. ڪتاب "مرصاد العباد" ۾ آهي تہ هڪ خوارزمي مجذوب سالڪ، جنهن جو نالو شيخ ابوبڪر هو ان جو شيخ مقرر نہ هو، مگر تصرفات ۾ اعليٰ مقامات حاصل هيس. وڏيون وڏيون رڪاوٽون طي ڪري ان مقام تي پهتو هو. هڪ پيري مون کي چيائين تہ ۴۲سال سلوڪ جو سفر ڪري پوءِ هن مقام تي پهتو آهيان. هڪ مشڪل مقام تي ڦاسي پيس تہ ٻہ سال خون جگر کاڌم، تہ جيئن حق تعالىٰ مون کي اتان پار ڪري. جڏهن اها حڪايت پنهنجي شيخ مجددالدين بغدادي ۽ کي ٻڌايم تہ فرمايائون تہ، مشائخ جو قدر کو سڃاڻي نڏو سگهي ۽ نہ سندن حق ادا ڪري سگهي ٿو. اسان مريدن کي ٻہ سال سلوڪ جي راه تي هلائي، انهيءَ مقام تي پهچائيندا آهيون. جيڪي عام سالڪ ۴۵ سالن ۾ طي ڪندا آهن. اهو ئي سبب آهي تہ حق تعالىٰ جو هڪ مجذوب انهيءَ مقام تي ٻہ سال حيرانيءَ جي حالت ۾ رهيو. غرض تہ ڪامل مڪمل شيخ جي مدد وڏي ۾ وڏي دولت آهي.

(۹) انهيءَ راه تي هلندڙ کي گهرجي تہ ٻئي جي واسطي سان سلوڪ اختيار ڪري. ان کي شيخ جي تلقين بہ فائدو ڏيندي (يعني پنهنجي مرضيءَ سان ذڪر نہ ڪري، بلڪ شيخ جو باقاعده مريد هجي، هر حالت ۾ ان جي پيروي ڪري) پوءِ جيڪڏهن مريد، شيخ جي تلقين سان ذڪر ڪندو ڇاڪاڻ تہ شيخ بہ ذڪر جي حقيقت تي هلڻ سان مقام ۽ مرتبا ماڻي ٿو تہ پوءِ مريد بہ وڏي حوصلي ۽ همت کان بعد، مرتبا ماڻي سگهي ٿو. ذڪر جي حقيقت اها آهي تہ ذڪر، ذاڪر، مذڪوره يعني ذڪر ڪندڙ شخص ۽ ان جي مرشد ۾ هيءَ صفت هجي، جيئن اسان جو شيخ فرمائي ٿو تہ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي معنيٰ آهي الله کان سواءِ ڪا بہ شيءِ موجود نہ آهي. اهڙو ئي شخص (نبي ﷺ جن) ظاهري باطني متابعت ۽ پيروي ڪندي ڪامل ۽ جامع صفتن وارو مرشد ٿي سگهي ٿو. اهو ئي سبب آهي تہ هن فقير جا پير دستگير مرشد المريدين، معين الذاڪرين، بدرقة السالڪين قدس الله سره العزيز نبي ﷺ جي متابعت ۽ پيرويءَ تي

www.maktabah.org

ايترو زور ڏيندا هئا جو اکثر فرمائيندا هئا تہ هي سڀ مسندون، درجا ۽ رهنمائي الله تعالي جي طرفان عطا ٿيل آهن، مگر پيغمبر پاڪ ﷺ جن جي تلقين ذڪر لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي وسيلي سان، چاڪاڻ تہ پاڻ سڳورن پڙ پنهنجن وڏن خليفن وغيرهم کي ذڪر جي تلقين ڪئي آهي. نبي سائين ﷺ جن جي اطاعت ۽ پيرويءَ ۾ ڪا ڪوتاهي نہ ڪرڻ گهرجي ۽ (هميشہ) ذڪر لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ تي قائم رهجي.

(۱۰) جيڪڏهن ڪنهن جو مجازي (دنياوي) بادشاهن مان ڪنهن وٽ وڃڻ جو ارادو هجي، مانُ، مرتبو منصب ولايت ونڊ گهري، چاهي ان جو اهل ۽ لائق نہ هجي، يا ان منصب جي تقاضائن ۽ معيار تي پورو نہ لهي، تڏهن بہ ان کي گهرجي تہ بادشاه جي پيارن، مقربين مان ڪنهن جي خدمت ۾ اچي، ان جو خط وٺي بادشاه وٽ وڃي، بشرطيڪ اهو مقرب، خاص (وزير مشير، ڪبير وغيره) بادشاه جو منظور نظر ۽ مقبول هجي، پوءِ پنهنجو مقصد تي نظر نہ ڪري، هاڻي بادشاه کي گهرجي تہ ان سفارشيءَ جي ڪمين ڪوتاهين تي نظر نہ ڪري، بلڪ پنهنجي (پياري، خاص الخاص دوست جي) حقن ۽ قربت جو لحاظ ڪندي سندس درخواست قبول ڪري.

اي منهنجا عزيز! جيڪڏهن اهو شخص سڏيءَ طرح بادشاه وٽ اچي ها تہ ان سان ملي نہ سگهي ها، پنهنجو مقصد ماڻي نہ سگهي ها. ساڳيءَ ريت حقيقي بادشاه (الله تعالي) جا بہ ڪي خاص الخاص مقرب بانها آهن، جيڪڏهن اهي ان کان ڪا التجا ۽ دعا ڪندا آهن تہ الله تعالي انهن جي ڳالهہ کي رد نہ ڪندو آهي. اهي ئي (اولياءَ الله) جن جي زبان ۾ "ڪن فيڪون" جي تاثير آهي يعني جيڪي چون ٿا، سو ٿئي ٿو. جيئن حديث ۾ آهي تہ

رُبَّ اَشْعَثٍ اَغْبَرٍ ذِیْ طِمْرَیْنِ لَا یُؤْبَهُ لَهٗ لَوْ اَقْسَمَ عَلَی اللّٰهِ لَاَبَرَّهٗ (1)

---

(1) احمد حديث: ۱۲۴۹۸ ص ۱۴۵ ج ۳، ابن ڪثير ص ۶۳ج۲، ص ۴۴۸ ج ۳، بخاري ص ۹۱۶ حديث: ۲۵۵۶، شعب الايمان ص ۳۲۱ ج ۷، ابن حبان ص ۴۳۴ ج ۱۵، حاڪم ص ۵۶ ج ۳، ترمذي ص ۶۹۲ ج ۵، الاحاديث المختارة ص ۴۲۰ ج ۴.

www.maktabah.org

[گهٽا مسافرن وانگر ڪنڊريل وارن وارا، متيءَ ۾ پريل ٻانها اهڙا آهن، جو جيڪڏهن اهي الله جو قسم ڪٽن ته پڪ الله پاڪ انهن جي ڳالهه کي سچو ثابت ڪندو.]

انهن کي اهو مرتبو هن ڪري حاصل ٿيو آهي جو اهي دين جا بادشاه ۽ دنيا جا اڳواڻ آهن. الله تعالي وٽ انهن جي ايتري گهٽي عزت ۽ مرتبو آهي، جيڪو تقرير ۽ تحرير ۾ نٿو اچي سگهي. اهڙن صالحين جي باري ۾ حديث شريف ۾ اچي ٿو:

مَا لَا عَيْنٌ رَاَتْ وَلَا اُذُنٌ سَمِعَتْ وَلَا خَطَرَ عَلٰى قَلْبِ بَشَرٍ (2)

يعني الله تعالي انهن لاءِ اهڙيون نعمتون تيار ڪيون آهن، جن کي ڪنهن اک نه ڏٺو نه ڪنهن ڪن ٻڌو نه ڪنهن آدميءَ جي دل ۾ انهن جو خيال پيدا ٿيو. انهن الله جي ولين جون خصوصيتون ۽ فضيلتون گهٽيون آهن. هتي ايتري کي ڪافي سمجهجي ٿو.

ڇاڻڻ گهرجي ته هن راه جي مسافرن يعني راه سلوڪ وارن جا ٻه قسم آهن: ۱- سالڪ ۲- مجذوب. مجذوب اهي ماڻهو آهن جن تي جذبو غالب هجي، اهي تيزيءَ سان مقام ۽ مرتبا طي ڪندا آهن ۽ شوق جي غلبي سبب انهن کي ان واٽ ۾ جيڪي مقامات، ڪشف، آفتون ۽ خير شر جون حالتون پيش ايندیون آهن، انهن جي کين ڪا خبر نه هوندي آهي. انهن کي هو مانُ مرتبو حاصل نه ٿيندو آهي جو مرشد ۽ شيخ جي منصب تي مقرر ٿي سگهن. ان جي ابتڙ، سالڪ اهي هوندا آهن جو توڻي انهن تي جذبي جو غلبو هوندو آهي، مگر انهن کي پنهنجي مقام ۽ مرتبي ۾ سڪون ۽ هوش حاصل هوندو آهي. ان مقام تي رهندي انصاف ڪندا آهن. خير ۽ شر، فساد ۽ اصلاح جي حالتن کان به واقف هوندا آهن. ڪڏهن سڏي واٽ تي هوندا آهن ته ڪڏهن بي راه ٿي ويندا آهن ته جيئن کين صحيح ۽ غلط رستي جي پوري پوري ڄاڻ هجي ۽ پوءِ ٻين جي

(2) تفسير قرطبي ص۷۷ ج۱- تفسير ابن كثير ص۳۵۳ ج۱- مسلم حديث: ۲۸۲۴ ج۴- بخاري حديث: ۳۰۷۲ ج۳- صحيح ابن حبان حديث: ۳۶۹ ج۲- ترمذي حديث: ۳۱۹۸ ج۵- الدارمي ص۴۲۸ ج۲- ابن ماجه حديث: ۴۳۲۸- مسند احمد ص۳۱۳ ج۲.

www.maktabah.org

رهنمائي ڪري سگهن. جيتوڻيڪ انهيءَ وات کي سجاڻڻ لاءِ بي انتها علم جي ضرورت هوندي آهي، ڇاڪاڻ ته جيڪي مقام يا رڪاوٽون ان راه ۾ پيش ايندیون آهن، اهي بيشمار ۽ اڻ ڪٽ آهن ليڪن اهي سالڪ انهن کان واقف هوندا آهن انهن جا سبب ۽ اسرار بيان ڪندا آهن ته جيئن ان وات جي پانڌيئڙن کي سجاڻپ ٿئي ۽ انهن جي علامتن ۽ اشارن کان چڱي طرح با خبر ٿين.

سالڪ جون صفتون

(۱) هن مقام جي شروعات ۾ سڀ کان پهريائين سالڪ کي انساني صفتن مٿان لنگهڻو پوي ٿو. جنهن ڪري اهي انهيءَ رستي جي واقعن، حالتن، لاهين، چاڑهين، گهٽين، جاين، جڳهن ۽ ڪڏن ڪُڻن کي چڱيءَ طرح سجاڻندا آهن. ۽ ان جي وڙوڪڙن، خرابين، ڪوتاهين، ڪمزورين تي نظر رکندا آهن. ۽ ڪڏهن انهن جي سامهون اهي سڀ حالتون ظاهر ٿيندیون آهن ۽ ڪڏهن ڪا هڪ حالت سامهون ايندي آهي.

(۲) ٻيو مرتبو "آبي" صفتن تان گذرڻ جو آهي، جن ۾ پاڻيءَ مان ڦٽندڙ وڻ ٽڻ، گل ڦُل، ٻنيون ٻارا، باغات، پوکون، ساوڪ ۽ گاه، چشما، حوض، درياءَ ۽ اهڙيون ٻيون شيون شامل آهن.

(۳) ٽيون مرتبو هوائي صفتن جي مٿان لنگهڻ جو آهي، يعني هوا جي مٿان هلڻ، اڏرڻ، بلند فضائن ۾ سير، سياحت ڪرڻ، پکين وانگر اڏامڻ ۽ اهڙين شين جي نظاري ڪرڻ جو آهي.

(۴) چوٿون مرتبو آتشي صفتن کي پار ڪرڻ جو آهي، يعني ڏيئن، چراغن، مشعلن، بجلي ۽ باه جي الائن جي مٿان گذرڻ ۽ انهن جي حرارت ساڙي، گرمي، شعلن ۽ اهڙين ٻين شين کي ڏسڻ جو آهي.

(۵) پنجون مرتبو آسماني صفتن جي مٿان گذرڻ جو آهي. سالڪ کي جڳائي ته پاڻ ۾ ايتري سگهه ۽ همت پيدا ڪري، جو آسمانن تي اڏامي ۽ چڙهي سگهي ۽ هڪ آسمان کان ٻئي آسمان تائين گردش ڪري سگهي ۽ اهڙيون ٻيون شيون ڏسي سگهي.

www.maktabah.org

(٦) ڇهون مرتبو ستارن، سيارن ۾ ملڪوتي شين کي پار ڪرڻ جو آهي. جنهن ۾ سج، چنڊ، تارا، ۽ انهن جي روشنيون يا اهڙي ٻيون شيون شامل آهن.

(٧) ستون مرتبو حيواني صفتن کي پار ڪرڻ جو آهي. حيوانيت جي ڪري، جيڪي صفتون پيدا ٿين ٿيون، چاهي بهيمت ۽ درندگي هجي، يا اهڙيون ٻيون صفتون هجن، انهن کي پار ڪري ۽ اهي ڏسي سگهي.

مختلف حيوانن مان جيڪڏهن ڪنهن کي پاڻ تي غالب ۽ قادر ڏسي ته ان کي طي ڪري. جيڪڏهن پاڻ کي انهن حيوانن مان ڪنهن جو قيدي ڏسي يا انهن کان ڊڄي ۽ هراسان ٿئي ته پنهنجي نفس جي انهيءَ صفت تي غلبو حاصل ڪري. بيان کيل اهي ڪجهه جهانن جا بلند مرتبا آهن. سالڪ کي هين به هزارين قسم جي جهانن کي عبور ڪرڻو پوندو آهي. انهن مان هر هڪ جهان ۾ مختلف مشاهدا ۽ واقعا ظاهر ٿيندا آهن. جيڪڏهن ڪٿي اهڙي مقام جو واقعو ظاهر ٿيندو آهي ته ٻي مناسب جاءِ تي ان جو اشارو محسوس ٿيندو آهي. مرشد کان سواءِ انهن مختلف حالات ۾ هر شخص فرق نٿو ڪري سگهي ۽ نه هر ڪو انهن کي سڃاڻي سگهي ٿو. جيڪو سالڪ اهڙا واقعا سڃاڻڻ جي سگهه نٿو رکي، اهو انهن ۾ سوگهو ٿي ويندو ۽ ٻاهر نڪرڻ جي طاقت نه رکندو. شيخ جي ضروري هٿڻ لاءِ، هڪ سبب اهو به آهي. مثال طور سالڪ مختلف مقامن تي ٻاهه کي ڏسي ٿو، پر هر هنڌ ان جا مطلب ۽ اسرار جدا جدا هوندا آهن. ڪڏهن مطلب هوندو آهي ته آتشي صفت کي پار ڪري ۽ ڪڏهن حرارت طلب ڪرڻ مقصود هوندو آهي. ڪڏهن شيطاني صفت ۽ ڪڏهن ذڪر جو نور مراد هوندو آهي. ڪڏهن شوق جي ٻاهه مراد هوندي آهي ۽ مطلب هي هوندو آهي ته سڀ بشري صفتون ختم ڪري. ڪڏهن ڪاوڙ ۽ قهر جي صفت مراد هوندي آهي ۽ ڪڏهن هدايت جي روشني هوندي آهي. جيئن موسيٰ عليه السلام جي باري ۾ قرآن مجيد ۾ آهي ته:

www.maktabah.org

آنَسَ مِنْ جَانِبِ الطُّوْرِ نَارًا[1]

[طور جي پاسي جي باه ڏٺائين.]

ڪڏهن اها محبت جي باه هوندي آهي ۽ مطلب هي هوندو آهي ته الله تعالي کان سواءِ ٻئي جي محبت ۾ سڙي ٿو. ڪڏهن معرفت جي باه مراد هوندي آهي، جيئن قرآن مجيد ۾ آهي:

وَلَوْلَمْ تَمْسَسْهُ نَارٌ نُّوْرٌ عَلٰى نُوْرٍ يَهْدِى اللّٰهُ لِنُوْرِهٖ مَنْ يَّشَآءُ[2]

[جيتوڻيڪ ان کي باه نه لڳي، نور جي مٿان نور آهي. الله جنهن کي چاهي ٿو پنهنجي نور ڏانهن واٽ ونائي ٿو.]

ڪڏهن ولايت جي باه مراد هوندي آهي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ[3]

[الله ولي آهي انهن جو جن ايمان آندو انهن کي اونداهين مان نور ڏانهن ڪڍي ٿو.]

ڪڏهن مشاهدي جي باه مراد هوندي آهي، جيئن موسيٰ عليه السلام کي الله تعالي سڏي اعلان ڪيو ته:

اَنْ بُوْرِكَ مَنْ فِى النَّارِ وَمَنْ حَوْلَهَا[4]

[ته جيڪو باه ۾ ۽ ان جي چوڌاري آهي، اهو وڏو برڪت وارو آهي.]

ڪڏهن باه جي قسمن مان هڪ قسم مراد هوندو آهي، جنهن کي ڪو تجربيڪار شيخ ۽ مرشد ئي سمجهي سگهي ٿو. اهڙي طرح بين واقعن ۽ حالتن ۾ به فرق هوندو آهي.

جيئن ته انساني نفس کي، انهن حالتن ۽ مقامن تان لنگهڻو پوي ٿو ۽ هر نفس کي پنهنجي پنهنجي سگهه آهر، جنهن جو اهو حقدار هوندو آهي، الله تعالي جي مهرباني ۽ باجهه ميسر ٿئي ٿي ۽ عالم ارواح ۾

---

(1) سورة القصص آيت: ٢٩
(2) سورة النور آيت: ٣٥
(3) سورة البقره آيت: ٢٥٧
(4) سورة النمل آيت: ٨

www.maktabah.org

جيڪي مرتبا ان لاءِ مقرر هوندا آهن، اهي ڪيس دنيا ۾ حاصل ٿيندا آهن. انهيءَ مقام تي نفس جي بچڙائي، ملامت ۽ اطمينان جي ڪيفيت بند هوندي آهي، تنهن ڪري چوندو آهي:

وَمَا مِنَّآ إِلَّا لَهُۥ مَقَامٌ مَّعْلُومٌ ﴿١٦٤﴾ (1)

[اسان مان هر هڪ لاءِ مقرر ڪيل مرتبو ۽ مقام آهي.]

۽ فرياد ڪري چوندو آهي ته لَوْ دَنَوْتُ قِيْدَ اَنْمُلٍ لَاَحْرَقْتُ، يعني جيڪڏهن آڱر برابر به ويجهو ٿيندس ته سڙي رکَ ٿي ويندس. ڇاڪاڻ ته هر پکيءَ جو مقام ڪوهه قاف جي مٿان نه هوندو آهي. اهو ته سيمرغ (پکي) آهي، جيڪو ڪوهه قاف جي مٿان اڏامندو وتندو آهي. هر هڪ پتنگ، شمع جي مٿان نٿو اڏامي. اهو ڪم ته انهن پتنگن جو آهي، جيڪي ديوانا، پروانا هجن. هر مردار خور پکي شاهي هٿن ۾ نه هوندو آهي، اهو ته باز پکي آهي، جيڪو بادشاهن جي هٿن ۾ هوندو آهي، جيئن "مرصاد العباد" جو مصنف چوي ٿو.

بيت

تا زاغ صفت بجيفه بر اِلا
تا کَي چون شاهين درخور شاهان آئي

[جستائين ڪانوَ جي عادت وانگر مردار ڪي پيو چيريندين ۽ ڦاڙيندين، تيستائين شاهين وانگر، بادشاهن جي لائق ڪيئن ٿي سگهندين؟.]

مور پکي ڏاڍو سهڻو هوندو آهي. بلبل جي لات ڏاڍي پياري هوندي آهي. طوطو انساني ٻولي سکندو آهي، پر انهن مڙني پکين جي نظر (حقيقي) نه هوندي آهي. انهن جي نگاه صرف متيءَ تي ۽ زمين جي مٽاڻي تي هوندي آهي، انهن جي نظر شمع جي روشنيءَ جي مٿان نه هوندي آهي. اها ته پرواني ديواني جي خصوصيت آهي، ڇاڪاڻ ته عقلمند کي نظاري کان سواءِ بي ڪا شيءِ پسند نه هوندي آهي. ان ڏس ۾ شاعر چوي ٿو.

---

(1) سورة الصفت آيت: ١٦٤

www.maktabah.org

بيت

در دام ميا كه مرغ اين دانه نه اي
در شمع متاز چونكه پروانه نه اي

[ڄار ۾ نہ اچ، جو تون انهيءَ داڻي جو پکي نہ آهين. شمع جي مٿان پرواز نہ ڪر، جو تون پروانو نہ آهين.]

اي منهنجا عزيز! جن ماڻهن پاڻ کي انس، محبت ۽ قربت جي مقام جو عادي بڻايو آهي ۽ جيڪي وصال جا طالب آهن، اهي ئي الله تعالي جي فضل جي پاڇي ۾ رهن ٿا، جيئن فرمايو ويو آهي تہ:

اَوْلِيَائِيْ تَحْتَ قَبَائِيْ لَايَعْرِفُهُمْ غَيْرِيْ

[منهنجا ولي منهنجي قبا جي هيٺان هوندا آهن، مون کان سواءِ انهن کي ڪو بہ نہ سڃاڻندو آهي.]

انهيءَ ڪري پريشان حال، بي حال، ۽ بغير سامان ۽ بي بسيءَ جي حالت ۾ هوندا آهن. انهن جي ئي باري ۾ فرمايو ويو آهي تہ:

رُبَّ اَشْعَثٍ اَغْبَرٍ ذِيْ طِمْرَيْنِ لَايُؤْبَهُ لَهُ لَوْ اَقْسَمَ عَلَى اللهِ لَاَبَرَّهُ [1]

[گهٽا مسافر وانگر ڪنڊريل وارن وارا، مٽيءَ ۾ ڀريل ٻانها اهڙا آهن، جو جيڪڏهن اهي الله جو قسم کڻن تہ پکَ الله پاڪ انهن جي ڳالهہ کي سچو ثابت ڪندو.]

اهي ئي ماڻهو آهن جن پنهنجن جذبن، خواهشن، نفساني لذتن، شهوتن، دنياوي حرص ۽ هوس ۽ بنيادي انساني ضرورتن ۽ مَنَ جي مڙني مرادن کي گهٽو ڏئي، پنهنجي زندگي ڪوڙي ڪري ڇڏي آهي ۽ ٻئي مَشرب جي چاشني چکي اٿن. انهن جي باري ۾ چيو ويو آهي:

بيت

تا كه از دست روح قوت خوريم

---

(1) احمد حديث: ١٢٤٩٨ ص ١٤٥ ج ٣، ابن كثير ص ٦٣ج٢، ص ٤٤٨ ج ٣، بخاري ص ٩١٦ حديث: ٢٥٥٦، شعب الايمان ص ٣٢١ ج ٧، ابن حبان ص ٤٣٤ ج ١٥، حاكم ص ٥٦ ج ٣، ترمذي ص ٦٩٢ ج ٥، الاحاديث المختارة ص ٤٢٠ ج ٤.

www.maktabah.org

كه نمک سود عنکبوت خوريم

[جڏهن اسين روح جي هٿان کاڏو کائون ٿا، ته پوءِ ڪيئن ڪوريئڙي جو ڪارو ڪوڙ کائينداسون؟.]

قرآن مجيد ۾ انهن جي قلبي اطمينان جي باري ۾ فرمايو ويو آهي:

اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوْبُ ﴿٢٨﴾ (1)

[ٻڌو! الله جي ذڪر سان ئي دلين کي اطمينان نصيب ٿئي ٿو.]

انهن کي هن طرح "ذوق سرمست" جو خطاب مليو آهي ته

اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ (2)

[چا مان توهان جو رب نه آهيان؟.]

اهڙن ئي ماڻهن جي باري ۾ هيءَ آيت آهي ته:

قُلِ اللّٰهُ ثُمَّ ذَرْهُمْ (3)

[چؤ ته الله اسان جو معبود آهي، پوءِ انهن کي ڇڏي ڏي.]

انهن جي وجودن جا شراب خانا ۽ جام سدائين شهود جي شراب سان پريل هوندا آهن، جيڪي اٽن بهشتن جي نعمتن وانگر آهن. جن ماڻهن، دنيا جي هن شراب خاني جي لذتن کي نفس ملهمه، نفس اماره جو ڪاڇ بنايو آهي، اُهي انهن جو ذڪر ڪرڻ به نه گهرندا آهن. انهن جي نفس مطمئنه کي خدا تعالي جي هن خوشخبريءَ سان به اطمينان حاصل نه ٿيندو آهي ته:

وَلَهُمْ فِيْهَا مَا تَشْتَهِيْهِ الْاَنْفُسُ وَتَلَذُّ الْاَعْيُنُ (4)

[انهن لاءِ جنت ۾ اهي نعمتون آهن، جن جي نفس سَدَّ ڪندا ۽ جن سان اکين کي لذت حاصل ٿيندي.]

بلڪ اهڙن الله وارن جو دسترخوان ته هي هوندو آهي ته:

اَبِيْتُ عِنْدَ رَبِّيْ يُطْعِمُنِيْ وَيُسْقِيْنِ (5)

---

(1) سورة الرعد آيت: ٢٨

(2) سورة الاعراف آيت :172

(3) سورة الانعام آيت :٩١

(4) سورة الزخرف آيت :٧٧

www.maktabah.org

[آءُ پنهنجي رب وٽ رات گذاريندو آهيان، جيڪو مون کي کارائيندو ۽ پياريندو آهي.]

اهڙن مطمئن نفس رکندڙن کي فرمايو ويو آهي تہ:

إِرْجِعِي إِلَىٰ رَبِّكِ[1]

[موت پنهنجي رب ڏانهن.]

انهيءَ (الله) جا پروانا هن فريبي دنيا جي مرتبي ۽ مقام جو کو خيال نہ کندا آهن، بلڪ ان کي راند سمجهندا آهن.

بيت

باز اگرچه سعد باز است
کجا چون پروانه جان باز است
باز صياد جان شکار است
پروانه را با جان چه کار است.

[باز پکي جيتوٽيڪ نيڪ بخت پکي آهي، پر پرواني وانگر جان جي بازي کٽي ٿو لڳائي؟ باز تہ شڪاري پکي جي جان جو شڪار ڪندڙ آهي، پر پرواني کي تہ پنهنجي جان جي بہ ڪا پرواه نہ هوندي آهي.]

باز هڪ شڪاري پکي آهي، جيڪو ٻئي جي جان وٺندو آهي ۽ پروانو عاشق آهي، جيڪو پنهنجي محبوب ۽ معشوق تي پنهنجي جان جو تحفو نثار ۽ نذر ڪري ڇڏيندو آهي (يعني ٻنهي ۾ زمين آسمان جو فرق آهي.)

جبرئيل ۽ ميڪائيل عليهما السلام بہ وڏيون نيڪ بخت هستيون آهن، جيڪي عالم مڪلوتيءَ جي شڪار جي جاءِ يعني الله جي ويجهو رهن ٿا. شڪار وارا پکي يعني فرشتا، الله جي پاڪائي ۽ تقديس بيان ڪن ٿا، جيئن فرمايو ويو آهي تہ:

---

(5) مسند اسحاق بن راهويه حديث : ١٤٣٥- فتح الباري، ص٥٠٥ ج١١- عون المعبود ص٥٦ ج٧- تهذيب الاسماءَ ص١٧٦ ج٣- كتاب الصيام حديث :٠١٥

(1) سورة الفجر آيت: ٢٨

www.maktabah.org